Mot

سنڌي اَدبي ڊائجيسٽ



NAND JAVERI

Courtesy : Dayal & Veena Harjani, DUBAI

M.5(116)
N.Chh

KOONJ

ڪونج ادبي ڊائجيسٽ

برپا ڪندڙ : سرڳواسي هري موٽواڻي 'سنڌي'

گولڊن جبلي واري حد پار ڪندڙ
سنڌي مئگزن 1960-2012

سيپٽمبر - آڪٽوبر 2012

سال : 53 - پرچو : 5

هيءُ پرچو : 60 روپيا

ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3
فون : 2560465

•

چندو : ساليانو -/350
ٽي سال -/1000
پنج سال -/1500

•

چيف پيٽرنس :

شري رام جيٺملاڻي
شري مورجمل منگهناڻي
شري ديال هرجاڻي
شري لال هرداساڻي
شري نوتن توُلاڻي
شري رام دادلاڻي

سمپادڪ :
نند ڇڳاڻي

Address for Correspondence :

NAND CHHUGANI

502, Manwani Mansion,
Goal Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 421 001.

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com

KOONJ (Estd. 1960)

Founder Editor :
Late Hari Motwani "Sindhi"

4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023.

Tel.: 0251-2571605 • Mobile: 9323120141
E-mail: nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com
koonj.chhugani@gmail.com

English School ... Library
17 NOV
17 NOV 2017

OUR CHIEF PATRONS

arjani

Ram Dadlani

Ram Jethmalani

Murij Manghnani

Lal Hardasani

Notan Tolani

جن جي رڳ رڳ ۾ وهي ٿي سنڌو ڌارا

1

2

3

4

5

urtesy : Notan Tolani → Hong Kong ← Lal Hardasani

شرڌانجلي

هري تنواڻي (1949-2012)

اَخبارنويس - شاعر - ١٨ جولاءِ ٢٠١٢ تي سرڳواس ٿيو.

هفتيوار 'مهراڻ' اخبار جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هو. رِزرو بئنڪ آف اِنڊيا مان نوڪري ڇڏي اخباري ڪيتر ۾ گهڙيو - سماج سڌارڪ طور هن اخبار هلائي. اخبار ٢٥ سال لڳاتار هلائيندو رهيو. شاعر طور مشاعرن ۾ ڀاڱو پئي ورتائين - هن ليکڪن-ساهتڪارن جي ڊئريڪٽري ڪڍي. اُلهاسنگر ۾ بي قاعدي نهندڙ بلڊنگن خلاف هن قلم هلايو ۽ ڪورٽ ۾ انهن کي بي قاعدي ظاهر ڪيو. ايشور در پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي بخشي ۽ سندس پونيرن کي ڏک سهڻ جي شڪتي ڏئي.

حشو پارواڻي

ويسٽرن ريلوي جي ساليانيي مگزن جو ڪيترا سال ايڊيٽر رهيو. 11.6.2012 تي هن سنساري چولو ڇڏيو. ايشور در پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي بخشي.

ماکيجاڻي - نچو جيٺانند 'جاني'

تازو 14 جولاءِ 2012 تي گذاري ويو. ريلوي مان گارڊ طور رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هن پنهنجي سموري موڙي سنڌي ڪتابن ڇپائڻ ۾ سجائي ڪئي. شاباس سندن ٻارن ۽ مائٽن کي آهي جيڪي کيس ان لاءِ همٿائيندا رهيا. سائينءَ در پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي ملي ۽ ننڍن کي ڏک سهڻ جي شڪتي عطا ڪري.

فهرست

وشيہ	رچناڪار	صفحو
1. شرڌانجلي	-	3
2. ٻہ بزرگ سنڌي هستيون	نند ڇڳاڻي	4
3. نند جويري - شڪارپوري	نند ڇڳاڻي	5
4. ميڪ اَپ (ڪهاڻي)	واسديو موهي	7
5. سهارو (ڪهاڻي)	گوپ گولاڻي	16
6. ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	23
7. مهان ڪوِي (صدارتي تقرير)	اَرجن حاسد	39
8. وهي ڪاتي جو ٽيهنون پنو	لڇمڻ ڪومل	41
9. No body is Good-No body is Bad	پروفيسر نامديو تاراچنداڻي	57
10. گاڊ پارٽيڪل	پروفيسر نامديو تاراچنداڻي	60
11. ليڪ سان مڪاميلو	هري همٿاڻي	63
12. مدن ڀڳت	چني لعل ايس. واڌواڻي	71
13. اوندهہ ۾ روشنيءَ جو اَڪيلو اهڃاڻ	لڇمڻ ڪومل	75
14. نئين ڪويتا	نند جويري	77
15. اي سنڌ ڄائي !	محمد ابراهيم جويو	79
16. آخرين الوداع (دستخط)	سدا حيات نارايڻ شيام	86
17. شاعري :		91
اَرجن حاسد / امداد حسيني / واسديو موهي / ديوي ناگراڻي / لڪشمڻ دبي / گوپ ڪمل / ڪيمن موٽاڻي / گوپ گولاڻي / ساون ڪمار اُداسي / نارو گرناڻي / ڪمل پياسي / ناري لڇواڻي / ڪنعيالعل موٽواڻي / ڪنعيو شيواڻي / ڪئلاش شاداب / رتن آڏتاڻي / ناڪر نيپواڻي / اِندر جسوجا 'ڪومل' / ڌرمپال گپتا / اَدل سومرو / اَياز گل		
18. توهان جا خط	-	104
19. نئون ساهتيہ	-	107
20. فوٽن جي وچوڙ	-	110

نند جويري - شڪارپوري

✍ نند ڇڳاڻي

١٩٨٧ع ۾ نند جويري - مان (نند ڇڳاڻي) ۽ ڪاڪا هري موٽواڻي سنڌ ويا هئاسين. اُن کان اڳ نند سان سُڃاڻپ نہ جهڙي هئي. مسافري شروع ٿيڻ کان اڳ مون ڪاڪا سان شڪ ظاهر ڪيو تہ موٽ بڇڙي نہ ٿئي - ڇو جو ٽي ڄڻان، اُهي بہ هڪ ٻئي سان اڻ واقف. پر غلط ثابت ٿيس. پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ واپسيءَ ۾ نند ۽ نند موٽيا، ڪاڪاجن اُتي ڪجهہ وڌيڪ ڏينهن لاءِ رُڪيو پيا. هڪ ٻئي سان گهرو ٿيڻ جو موقعو مليو. پُر بهار شڪارپوري نڪتو. شڪارپور جي ڍڪ بزار ۾ آءٌ ساڻس گڏ هوس. جلاوطنيءَ جي باه ڪيئن ساڙيندي آهي مون اُن وقت ڏٺو. اِنسان کي پنهنجي وطن جي مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندي بہ مزو ايندو آهي. ان کان پوءِ نند ’او شڪارپور‘ ڪويتا لکي. اَڄ سوڌو هو پنهنجي ڳوٺ کي پيو ساريندو آهي. سنڌ مان ڪو سڄڻ آيس تہ اِئين پائيندو اهو شڪارپوري آهي - منهنجو ڳوٺائي آهي ۽ پوءِ ان جي دل وَ جان سان سار سنڀال لهندو. شاهہ لطيف - صوفيزم ۽ شڪارپور تي ايترو تہ گهرو اَڀياس ڪيو اَٿائين جو ڇڻ ٽند، ڪٽارو، ڪنڌ ٽيئي پرچيا پاڻ ۾ ۽ سندس هر لکڻيءَ ۾ اُنهن جا عڪس پاڻ ۾ ايترو تہ گڏجي ٿا وڃن جو مون جهڙي رواجي پڙهندڙ جو ٻڌي-پڙهي وات ڦاٽيو وڃي. سائين جمال ابڙو پنهنجي شڪارپوري واري ليک ۾ اُنهن جي رهڻي ڪهڻي - اُٿڻي وهڻي - عادتن - گڻ-اَوگڻ جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، نند جويريءَ ۾ بہ آهن. سالن کان چوندو پيو اَچي تہ ڪتاب ڇپائڻو آهي - اَلائي گهڻا پيرا سنيهو آهي - هاڻ لڇمڻ ڪومل کان مهاڳ لکايو اَٿس، ان مان لڳي ٿو تہ هاڻ سندس ڪتاب جلد ڇپبو. سائين بيوس پنهنجي هڪڙي ڪتاب ۾ ان جي پڻين پيڄن ۾ سمجهاڻيءَ طور ڪنجي بہ ڏني هئي - مون بہ نند کي عرض ڪيو آهي تہ مهرباني ڪري پنهنجي هن نئين ڪتاب جي پنيان ڪنجي - گائيڊ بہ ڏئي، جيئن سندس شاعري ماڻي سگهجي. ما تو اَچان تہ ماڪي جواب ڪونہ ڏنو اَٿس.

ڪيس ڏسي مان اِئين پائيندو آهيان ڄڻ نند ٿيلهڙيءَ ۾ سليٽ / پٽي کنيو پنهنجي شيخن جي پاڙي منجهہ ٽيڪچند پاٺشالا واري اوجهي ڏانهن پيو وڃي.

✧✧✧

ٻه بزرگ سنڌي هستيون

شري رام ڄيٺملاڻي ۽ شري مورج منگهناڻي

ٻئي سنڌي عاليشان هستيون - هڪ برک قانوندان، ٻيو مشهور بزنيس مئن - پر ٻنهي ۾ سنڌيت وارو جذبو ڪُوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. ٻيئي ڪونج پريوار جا ڀاتي آهن. مان سندن شڪرگذار آهيان جو پنهنجي پنهنجي مشغول زندگيءَ مان ٻه گهڙيون ڪڍي ٻه سار سنڀال لهندا اَچن ٿا.

(سمپادڪ) (ڪوَر پيج-۴)

✧✧✧

کهاڻي-

ميڪ اَپ

✍ واسديو موهي

ريٽوءَ چپن تي گهري ڳاڙهي رنگ جي لپسٽڪ گهمائي، چپ پِيڪوڙي لپسٽڪ کي وڌيڪ گهرو ڪيو. هُن منهن کي آرسيءَ جي ويجهو آندو ۽ هڪ ڀيرو وري چپن تي اِسٽڪ گهمائي. روُج جي ڊبلي کولي، پف روج تي گهمائي ڳلن جي اُڀريل ننڍڙي حصي تي ڦيرايو. منهن هڪ ڀيرو وري آرسيءَ ويجهو آڻي، روج جي ٿڦ ٿڦ ڊُهرائي ڳلن کي وڌيڪ ڳاڙهو ڪيو. اکين ۾ ڪاجل جي لڪير ڪينچي.

مهارانيءَ کي اَڃا ڪيترو وقت لڳندو؟

ريٽوءَ شرارت سان اَکيون مٽڪايون ۽ بينا جي ڪاڏي مٿي ڪئي. راجڪمارن مٿان چار وجهڻ لاءِ جيترو وقت لڳي، ٿورو آهي.

غلط نمبر لڳائڻ جي ضرورت ڪانهي. بينا ريٽوءَ جو هٿ پري ڪندي ٻنهي هٿن جون آڱريون ڦهلائي زور سان تِريون وڄايون. ٻاهر نئنا ماسي غصي ۾ اَچي، سنڀالي اَڇج.

ڪهڙي نئين ڳالهه آهي، هن جو پارو تہ سڄ جي پهرئين تِروري سان ئي ٽپي ويندو آهي. بس اَچان ٿي، تون هل.

ريٽوءَ ٻاهر اَچي زوريءَ نئنا ماسيءَ ڪان اَکيون دور رکيون ٻر هن جون ٽانڊا اکيون لڪل نہ رهيون. هن يڪدم ساڙهيءَ جو پلوءُ مٿي تي رکي اَڌ منهن پلوءَ ۾ لِڪائي، لڄوڙي مُرڪ سان پلوءَ جي ڪُنڊ ڏندن ۾ پڪڙي، ڪنڌ ساڄي پاسي ڪري جهٽڪي سان ڏائي پاسي ڪيو. اَلڳ اَلڳ رنگن جي ساڙهين ۾ بيٺل ويهن ڄڻين ڪان ٺهڪ نڪري ويو. نئنا ماسي بہ مرڪ نہ لڪائي سگهي. هاڻي هل نخريل!

نئنا ماسيءَ سيني کي ٽن گروپن ۾ ورهائي اوپر احمدآباد جي الڳ الڳ ايراضين ۾ وڃڻ جي هدايت ڏني. ريٽو، بينا، رتو، هيماوتي، سونا، شانو ۽ چندا لاءِ ڪرشنانگر طئہ ٿيو. هنن هٿ جوڙي اکيون پوري برڪت لاءِ پرارٿنا ڪئي ۽ زور سان 'جئہ ٻهوچرا ماتا جي' سان اکيون کولي هٿن جون آڱريون ڦهلائي تِريون وڄايون.

نالو : **نند هريرام جويري (ڪالرا سڪراڻي)**

اصل گهر : لوهن جي حاويلي، ڏڪ بزار، شڪارپور، سنڌ.

جنم : ڪاري مڏم جو اسپتال، شڪارپور.

جنم جي تاريخ : پهرين جولاءِ ١٩٣٧

تعليم : پهريان چار درجا - (١٩٤٧) - ٽيڪچند پانشالا -
شيکڻ جي پاڙي جي پرسان - شڪارپور.
ميٽرڪ - يارهون درجو - (١٩٥٧) - سيتارام هاء اِسڪو
- وڊالا - ممبئي.
بِي.اي. - (١٩٦١) - جئہ هند ڪاليج، ممبئي.

شادي : ١٩٦٣ - راڻي صويراج بجاج
(چندرا نندلال جويري - سرڳواسي ٢٠٠٦)

پنهنجا پيارا : گيتا، دِويا، دِشا، راجو شراف، جوتي، روچي،
ڪشور نارنگ، ڱُڏي، ونش ڏيرج سيٺ ۽ ڪپل جويري

اَدبي گرو : سرڳواسي هوندراج آسراڻي 'داس' (سنسار سماچار -
ڪڙڪپيتو)

پهريون ڪتاب : ”ننگا ڪيت هڪ رات“ (ڪهاڻيون) - ١٩٦٠،
مهاڳ سرڳواسي لوڪنات جيٽلي.

ٻيون ڪتاب : ”چوُ واٽي تي“ (ڪويتائون) - ١٩٩٠،
مهاڳ سرڳواسي شيخ اَياز.

اَنيڪ تنقيدون، تبصرا، شڪليون وغيره - ڪونج - رچنا - سپون - سهڻي
(حيدرآباد سنڌ) ۾ ڇپيل.

اِنعام : رڳو هڪ سِي.ايڇ.ڊي. (هاڻ NCPSL) وٽان،
باقي سانت ئي سانت.

ايندڙ ڪتاب : ”اَکر جي گاٿا“ پريس ۾.

آس : شاهہ لطيف تي ”شاعر شاهہ جو چِٽ - صوفي لا ڪوفي“

دوست : اَنيڪ ۽ اَنيڪ.

دشمن : هڪ مان پنهنجو پاڻ جو.

ٿورائتو اُنهن جو جن شڪارپور مان ڏِکي ڪڍيو.

آخر ۾ جت بہ آهيان شڪارپور ۾ آهيان - جِت بہ مرندس شڪارپور ۾
مرندس.

ڪنهن ڳاڙي تان ٽماٽا، ڪنهن تان پٽاٽا، ڪٿان ڪجهه ته ڪٿان ڪجهه ڪٽندا اڳيان وڌيون. ڪي ڳاڙي وارا هلڪو هلڪو مرڪي رهيا هئا، ڪن تکي گهور به ڏني. گهر موٽڻ کان اڳ هڪ هنڌ پُست جي ڏوڏي واري چانهه پيتائون. ڏينهن ڪجهه خاص نه ويو، نه جهڙو اُپراسو ٿيو هو. نئنا ماسي گهوُر سان چيري چڙيندي، پر ڇا ڪجي، روز روز شاديون به ته ڪونه ٿيون ٿين.

پين ٽولن جو به حال ڪونه هو، اُشاوتيءَ واري ٽولي ته ٻڌايو هڪڙي شاديءَ واري گهر ۾ گهڻو ضد ڪيوسين ته گهر وارن پوليس گُهرائي. سب اِنسپيڪٽر اَچڻ شرط اک پڇي چيو، پٽائي چڙيو. آخر جيڪي ڏنائون منهن ڇِبو ڪري وٺي آيونسين. نئنا ماسيءَ چيو سياڻي پونم آهي، هوئن ئي بيچراجي هلندا آهيون، ماتا کان آشيرواد وٺنداسين. ڳاڙي جي تياري ڪريو.

اُن وقت نئنا ماسيءَ اڳيان ڪَنوُ اَچي بيٺو. هٿ ۾ سنهو ڪانو هوس. اَڙي تون! اَچ، اَچ. صبوح جو منهنجي اُٿڻ کان اَڳ ئي هليو وئين، سڄو ڏينهن ڪٿي هئين؟ ڪنو صرف مرڪيو، سڙڪون ماپڻ کان سواءِ مون هيستائين ڇا ڪيو آهي. هُن ڪانو واڇ ۾ ڦاسائي چڙيو. اَڙي تون اَڄڪلهه ملول ڇو رهڻ لڳو آهين، مان آهيان نه؟ نه، نه مان اُنڪري اُداس ڪونه آهيان. روزگار جي چنتا ته مان ڇو ڪندس، مونکي هڪ ويجهي دوست ٻڌايو آهي ته تنهنجي جان ڪي جوکو آهي. هُن ڪاني جو ٽڪر ڏند سان ڪٽي ٿوڪاريو.

نئنا ماسيءَ ٺهڪ ڏنو. بس، ڳالهه به ايتري، جان آهي ته ڪڏهن ته نڪرندي، في الحال ته تو مٿان قربان ٿي رهي آهي.

تون هر ڳالهه کي هلڪڙائيءَ سان ڇو ڪٽندي آهين؟ اِنڪري ئي اَسان جون ڪيتريون ايراضيون مونيڪا ماسي هڙپ ڪري ويٺي آهي ۽ سي به سڀ سٺيون ايراضيون! هتي اوپر پاسي ته سڀ سؤ جي نوٽ کي ڏسيو پيا ڏسن، اولهه پاسي هزار جي نوٽ کي ڪير ڪنگهي ڪونه ٿو. ڪارج منگل ٿي پئسي جون نديون وهايو ڇڏين.

هُن رَن جي ڳالهه مون اَڳيان نه ڪر.

هوءَ رَن ڪانهي. مُڙس اَٿس، جنهنکي هر مهني پنجاهه هزار جيپ خرچ لاءِ ڏئي ٿي، موجون وينو ڪري رتيش ۽ مونکي ڇا ٿو ملي؟ ڪارُن ۾

ڪرشنانگر جي بلاڪن مان هڪ بلاڪ اَڳيان منڊپ ٺَڊل ڏسي هو سڀ اَندر گهڙي ويون. ٽِريون وڄائي هوُ لاڏو لاڏي آڻيندو، لاڏيءَ سان ڍير سارو ڏاج آڻيندو، گهوٽ ڀيءُ گهوڙون گهوريندو، پنهنجي ڀاري آواز ۾ ڳائڻ لڳيون. ها ... ها ... گهوٽ ڀيءُ، ڪٽي آهي گهوٽ ڀيءُ؟ پنج هزاري گهوٽ ڀيءُ، ها ... ها ... ڪٽي آهي گهوٽ ڀيءُ؟

گهوٽ ڀيءُ آيو ڙي، گهوٽ ڀيءُ آيو، جُڳ جُڳ جئندو، ڙي جُڳ جُڳ جئندو، هن جو شهزادو وڏي آورجا ماڻيندو، لاڏو ڏيندو، لاڏي آڻيندو، وري وري گهرائيندو.

گهوٽ ڀيءُ سؤ سؤ جا ٻه نوٽ ريٽوءَ جي هٿ ۾ ڏئي ٿو. ريٽو جهٽڪي سان نوٽ واپس ڪري ٿي. رتو، سونا، چندا جنسي رڙ ڏيون ڪن، پنج هزار، پائي گهٽ نہ! ريٽو، شانو، هيماوتي، بينا ٻہ سُر ملائين ٿيون : پنج هزار، پائي گهٽ نہ! گهوٽ ڀيءُ سؤ سؤ جا ٽي نوٽ ٻيا ڪڍي ٿو. زور سان ست ڀاري آواز هڪ ئي وقت بادل جيان ڦاٽا : بلڪل نہ، بلڪل نہ، ڪنجوس ٻڙي وڏاء، ٻڙي وڏاء، مڪي چوُس! ٽِريون زور زور سان وڄڻ لڳيون. گهوٽ ڀيءُ هوڏ تي اَچي ٿو وڃي. نہ، پنج سؤ کان وڌيڪ بلڪل نہ ڏيندس. اَڙي اِتي جو اِتي پراڻ اُڏامي ويندءِ، ماتا جي پوڄارين جي آهہ نہ ڪڻ، عقل جا دشمن! گهوٽ ڀيءُ بلڪل چپ رهيو. سونا، بينا، رتوءَ پاراتن جي بارش ڪري ڇڏي. نانگ تي پير، گاڏيءَ هينان اَچڻ، ٻاهر نڪرندي ئي لوڙهہ تي بجلي، پاراتا وسندا رهيا! گهوٽ ڀيءُ تي ڪو اَثر نہ ٿيندو ڏسي ريٽوءَ سازهي مٽي ڪري ڇڏي. گهوٽ ڀيءُ منهن ڦيري پاسي ڪري ڇڏيو. مِٽن مائٽن جو ميڙاڪو ٿي ويو. هنن جي آهہ نہ ڪٽو، هي ديو سروپ آهن، هنن جي پٽ نہ ڪٽو، جيڪي چوَن ڏيئي ڇڏيو. گهوٽ ڀيءُ کي هنن ’ديو سروپ‘ شخص جي دعا جو اَگهہ آکرو لڳو، چُپ رهيو. آخر پندرهن سؤ ۾ گهر ڀاري آوازن وارن لاڏن سان ٻرجي ويو، ”پاراتا“ ”وردانن“ ۾ بدلجي ويا.

شادي واري گهر مان ٿيندا هوُ ٻيا گهر تڪيندا رهيا. تازي چاول ٻار جو گهر هٿ اَچي وين. ٻار کي ڀرپور لوليون، پلاند ڀري دعائون ڏنائون. دُعائن کي روڪڙ ۾ تبديل ڪيائون. ڪنهن دوڪان جو مهورت ٻہ ٿي رهيو هو، گهڙي ويون. اتان ٿي هڪ گهر اُهو ٻہ ملين جتي ٻن ڏينهن کان پوءِ جٽيا پوٽا هئا. ٻيو ڪجهہ نظر نہ آين. هنن ڀاڄي مارڪيٽ طرف رخ ڪيو.

طرف ويو. مونيڪا جي پٺيان رتيش اَچي رهيو هو.

مونيڪا ماسي ۽ نئنا ماسي آمهون سامهون هيون. مونيڪا جي پٺيان رتيش هو ۽ نئنا جي پٺيان ڪنو. اوچتو ڇڻ بادل ٺڪريا، وڄ چمڪي، گجگوڙون ٿيڻ لڳيون. گجگوڙن ۾ گاريون هيون، ڪچيون ڪچيون. ميڙاڪو ٿي ويو. نئنا ماسيءَ جون سڀ چيليون جمع ٿي ويون هيون. مونيڪا ماسي ڪن ٿورين چيلين سان ئي آيل هئي. ريٽوءَ نئنا ماسيءَ کي شانت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا خوب جوش ۾ هئي، ۽ پوءِ مونيڪا ماسيءَ کي بہ سمجهائڻ جي ڪئي. رتيش بہ مونيڪا جي ڪلهي کي ٿورو دٻايو. ٿوري دير اَڃا بہ گجگوڙون ٿينديون رهيون. پوءِ بادل وڻڙڻ لڳا. آسپاس بيٺل ماڻهن جي چپن تي مرڪ هئي، بلڪل اَهڙي، جهڙي مداريءَ جو تماشو ڏسڻ کانپوءِ هوندي آهي. هيماوتيءَ جو چهرو ملول هو.

رات ڪافي ٿي چڪي هئي. نئنا ماسي ۽ ڪنو اَندر روم ۾ سمهيل هئا. ٻيا سڀ ٻاهر کٽن تي. چندا ۽ ريٽو ساڳي کٽ تي سمهيل هيون، هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾. هنن سُڏڪن جو آواز ٻڌو.

هيماوتي!

ڇا ٿيو، هيما!

هيماوتيءَ جا سڏڪا تيز ٿي ويا.

هيما!

بينا، رتنا، سونا، رتوءَ، اُشاوتيءَ ۽ ٻين جي بہ ننڊ کُلي پيئي.

ڪهڙي قسم جي زندگي پيون گهاريون اَسين!

اُشاوتيءَ هيماوتيءَ جو منهن ٻنهي هٿن ۾ کڻي مٺي ڪيو، ڇا ٿيو منهنجا سون، ڇا ٿيو؟ مان بلڪل نارمل ڄائو هوس، ننڍي هوندي کو تريناڪ شخص مونکي سُنسان جڳهہ تي اَڪيلو ڏسي، کڻي کڻي ويو، مونکي ڏمڪايائين، چُپ رهندين تہ بلڪل تڪليف ڪانہ ٿيندءِ، نہ تہ اَنگ تي ڪرفتي لڳائي کُتن کي کارائي ڇڏيندس. خصي تہ تنهنجي هر حالت ۾ ڪرائيندس، ڪتن کان يا ڏاهو ٿيندين تہ سرجن کان. هن منهنجي سرجري ڪرائي مونکي ڏيڍ مهنو اَلڳ ڪمري ۾ رکي ڪنهن شخص جي حوالي ڪيو، جتان ڦرندو ڦرندو آخر نئنا ماسيءَ جي پناري پيس. ٻچپن ۽ مائٽ ياد ايندا هئا پر اَڄ مندر جي واقعي کانپوءِ من وڏيڪ پرجي آيو، ننڍي هوندي مان ماءُ سان وڙهي گهر کان دور سُنسان جڳهہ تي پهتو هوس.

آهي، ڏينهن وڃائڻ اَڄڪلهہ تہ بلڪل نہ هلندو!

ماتا جي پيرپادن کي پرڻام ڪري، پاسي ۾ پيل سِندوُر جي ٿالهيءَ مان ننڍي آڱر ٻوڙي هرهڪ پنهنجي سينڌ ۾ پريو. پنيان مُڙي سڀني پراڻي مندر ۾ نمن ڪيو. تنهن کانپوءِ سڀئي ٻين نندين وڏن مندرن طرف درشن ۽ نمن لاءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويون. مانسرووَر جي ڪناري تي ٻن ٻارن جو مُنڍ لهي رهيو هو. بينا ۽ رتوءَ ٻارن کي آسيس ڪئي، مائٽن ڏڪڻا ڏيڻ جي ڪئي پر هُنن نہ ورتي، چيائون نہ، ماتا جي اڱڻ ۾ بيٺيون آهيون، ماتا جي ڀنڊاري ۾ وجهو، توهان سان گڏ اَسانکي بہ پُڃ ملندو. چندا ۽ هيماوتي ڪاچروليا هنومان جا درشن ڪري هڪ مورت اَڳيان ويهي رهيون. مورت ۾ سُمهيل سپاهين جي پيٽ تي ڪُڪڙ بيٺا هئا. ٻنهي جي اکين ۾ مرڪ هئي. هيما، تون اِنڪري مرڪي رهي آهين نہ تہ ڪٿي ماتا، علاوالدين خلجيءَ جي سينا کي پنهنجي ڪرامت سان ڀڄائي ڪڍيو؟

نہ، بلڪل نہ. مان اِن ڳالهہ تي مرڪي رهي آهيان تہ علاوالدين خلجيءَ جو سيناپتي مَلڪ ڪافر عرف ماٽڪ، پنهنجي نات جو هو، کوجو هو، پر هن سڄو ڏکڻ فتح ڪيو ۽ هُن جو نالو ٻڌي وڏا وڏا سينا نائڪ ڪنبڻ لڳندا هئا، ڪٿان ٿي اَچي ايڏي طاقت اُنهن ۾ جن کي سماج نامرد ٿو ڪوٺي؟

پنهنجي نئنا ماسيءَ کي ئي ڏس نہ!

ها، اُها تہ مردن کان بہ مرد آهي. پر مان ٻيو ڪجهہ سوچي رهي هُيس.

ڇا؟

اِهو ئي تہ اَسان جهڙين لاءِ ٻيا ڪم بہ ممڪن آهن. چندا ڪجهہ سمجهي نہ رهي هئي.

نئنا ماسيءَ جو ڌيان پريان گيٽ کان ايندڙ ڇوڪريءَ طرف ڇڪجي ويو. ڪيترن جون اکيون هيروئن لڳندڙ هُن ڇوڪريءَ تي ٽِڪيل هيون. بِلو جينس تي مَروُن رنگ جي ڪُرتي، مَرون رنگ جو ئي هاءِ هِيل وارو سئنڊل، مرون رنگ جي لِپسٽڪ، لِپ لائينر سان مٿئين چَپَ کي ڏَنُش جو آڪار ڏنل، مٿان گلاس لڳل، اِنڪري چپن ۾ چمڪدار ڪشش، پنبڻين تي مسڪارا لڳايل، ڪُرتيءَ جي رنگ سان مئچ ڪندڙ آءِ شئڊو، فائونڊيشن ۽ ڪنسِيلر جو ڀرپور اِستعمال ڪيل، چهرو بن ڪنهن بہ نشان جي، بلڪل ئي صاف.

مونيڪا!

نئنا ماسيءَ جي اَکين ۾ ڳاڙهاڻ ڀرجي ويئي. ڪنوءَ جو ڌيان بہ اُ

اَسان ڪيسين من تي ڪَسُ ڪٽي هلنداسين؟ هيماوتي نراس هئي. سيني جي ڇهري تي موهائي هئي. روز ڪم لاءِ نڪرنديون هيون، پر من ۾ مونجهه هئي.

اَسين ڇو هڪ سهڄ سِڌي زندگي نٿيون گذاريون؟ ڪيترائي ڪم آهن، جيڪي اَسين ڪري سگهون ٿيون، صبوح جو چانهه پئندي هيماوتي وڏي آواز سوچي رهي هئي.

مهاراڻي، هاٿي نہ راجائن جا راڻي واس آهن، نڪو نوابن جا حرم، جن جا سنتري ٿيڻ جي نوڪري ملي سگهي، چندا ٺهڪ ڏيئي رهي هئي.

بس، اِها ئي تڪليف آهي پاڻ سان. جڏهن سوچينديونسين، بانبڙا پائڻ جو سوچينديونسين، اُڏامڻ جو ڪڏهن خيال ڪونہ ڪنديونسين. سنتريءَ ڪي ياد ڪنديونسين، سيناپتيءَ ڪي نہ. چندا موڙو ڏيئي رنڌٽي ۾ هلي ويئي.

نئنا ماسي اوڙڪ برسات ۾ گهر موٽي. پوليس ڪي ڪو سَڳ نہ مليو هو. نئنا ماسيءَ جي ڇهري تي غصي سان گڏ نفرت ئي نفرت هئي. هُن ٽولي ۾ چڙوچڙائي محسوس ڪئي. هن صاف چيو منهنجو جئڻ ڪنهن شخص ۽ هُن سان واسطو رکندڙ هر شخص لاءِ نفرت سان جُڙيل آهي، مان نفرت سان جئڻ سگهي وٺنديس. منهنجو ماڳ طئہ آهي. ڪنهنڪي ڪو پنهنجو ماڳ آهي تہ ڪا روڪ ٽوڪ ڪانهي.

هيماوتي صبوح کان سُست هئي. سيني جيان هوءَ تيار ٿي، گهِري ميڪ اَپ سان، پر بي دِليو. آڪاس بادلن سان ڇانيل رهيو. اَڄ صبوح ساڻ سني ڀُهٽي ٿي. سيني سان گڏ هن زور زور سان مرداني آواز ۾ لاڏا ڳايا. ڏينهن سڦلو ويو. شام ٿيڻ واري هئي. بادل وڏيڪ ڪارا ٿي ويا. تيز بارش پوڻ لڳي. سڄو ٽولو هڪ دوڪان جي شيڊ هيٺان بيهي رهيو. بارش تيز ٿيندي ويئي. وقت گذرندو رهيو، بارش جاري هئي.

اوچتو هيماوتي شيڊ کان ٻاهر نڪري روڊ جي ڪناري تي بيهي رهي. هن مُڙي پنهنجين ساٿين طرف ڏٺو. هنجي اکين جي هيٺان پاڻي هو. اکين جو ٽمڪڻ هو يا بارش جا ڦڙا، خبر نٿي پيئي. هوءَ پري پري روڊ کي بہ ڏسندي رهي. هُنجو ميڪ اَپ وِئڙڻ لڳو.

✧✧✧

ڪهڙي قسم جي زندگي ملي آهي هيءَ؟

لڳ ڀڳ سڀني کان ڪِل نڪري ويئي. تون ڇا ٿي سمجهين، هتي جيڪي آهيون سي سڀ جنم کان اِئين آهيون، جئن نظر ٿيون اَچون پاڳل! خود نئنا ماسي به ... اَسان جي سماج ۾ تمام ٿوريون اَهڙيون آهيون جن تي ايشور پئي قسم جي نظر وڌي ۽ ٽين پرڪرتيءَ جو بڻايو. باقي سڀ ڪن شخص جي لالچ جو شڪار آهيون. آواز تي نئنا ماسي به ننڊ مان اُٿي آئي. ڇا جو ميڙاڪو ڪيو اَٿوَ اَڌي رات جو؟ ريٽوءَ هيماوتيءَ جي ڳالهه ماسيءَ کي ٻڌائي. نئنا ماسيءَ هيماوتيءَ جو نرڙ چميو. هنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

ڏس هيما، جڏهن اَسين حالتن کي نئا موڙي سگهون ته بهتر اِهو آهي ته اَسين پاڻ کي حالتن حوالي ڪري ڇڏيون.

پر حالتون عزت پريون ته هجن، پَرَ ۽ مُفتخوريءَ تي جئڻ به ڇا جئڻ آهي اَسين ڇا عام سماج ۾ شامل نٿيون ٿي سگهون؟ هيماوتيءَ ڳوڙها اُگهيا.

ٿي سگهون ٿيون، اُن لاءِ سماج جي سوچ کي پوريءَ طرح موڙڻو پوندو.

سماج جي سوچ کي بدلائڻ کان پهرين اَسين پاڻ ته پنهنجي سوچ کي ڦيرايون، رتنا پُڻ پُڻ ۾ چيو. بلڪل صحيح ٿي چوين، رتنا، پنهنجي شبنم ماسي ڀوپال مان پارليامينٽ جي ميمبر ٿي ويئي نه، اَسين ڇو نه سمجهون ته اَسين ڪٿي به پهچي سگهون ٿيون، بينا سُر ملايو.

سڀ اَجايون ڳالهيون آهن، سماج جي يا پنهنجي سوچ کي بدلائڻ جون، ڪٿي به پهچي وڃڻ جون ڳالهيون ٿيون ڪريو، ڇا اَسين ... ما بڻجي ٿيون سگهون؟ ... ڀيءُ ... بڻجي ... اُشاوتيءَ جو گلو پرجي آيو. هُن بئي هٿ اَکين تي رکي ڇڏيا. سڀ جون سڀ اوچتو ئي جڻ گونگيون ٿي ويئون، هيماوتيءَ منهن ڦيرائي ڇڏيو.

نئنا ماسي ڪجهه منجهيل لڳي. پر جواب ڏئي اُن کان اَڳ اڳ ٻاهران ڪو واهڻ اَچي بيٺو. پوليس هئي.

اَڄ ٽي ڏينهن ٿي چڪا آهن، پوليس اَڃا نئنا ماسيءَ ۽ ڪنوءَ کا مونيڪا ماسيءَ جي موت بابت پڇا ڪري رهي آهي. ٻيچراجي کان موٽ وقت هُن جي ڪار جو ائڪسيڊنٽ ٿيو هو. رتيش الزام هنيو هو ته اِ حادثي پٺيان نئنا ماسيءَ ۽ ڪنوءَ جو هٿ هو. رماند جا چار ڏينهن باقي آهن اَڃا.

ڪنهن لاءِ داخلا ڪپيئي چا؟“

”ها، ڪجهه اِئين ئي سمجهو ... چئو ته سپاٽي توهان سان ڪاليج ۾ اَچي مِلان ... ۽ سربستو احوال ڪريان ...“ وندنا تڪڙ تڪڙ ۾ چئي ويئي.

مون چيو، ”بلاشڪ، جيئن توهان چاهين ... چاهين ته هاڻي به ٻڌائي سگهين ٿي ... سڀاڻي ڪاليج ۾ اَچين ته به تنهنجي مرضي.“

مون ڏٺو ته هڪ نوجوان ڇوڪرو ڪجهه پريرو سندس اِنتظار ڪري رهيو هو، اِنڪري وندنا بينچ تان اُٿندي چيو، ”مان توهان سان سڀاڻي ڪاليج ۾ اَچي ملندس ...“ ۽ اِئين چئي وندنا اُٿي هلي ويئي ۽ هن ڇوڪري کي ساڻ وٺي جلد ئي باغيچي مان غائب ٿي ويئي.

باغيچي ۾ باقي رهيل چڪر پورا ڪرڻ تي منهنجي دل ڪونه ٿي ۽ مان اُتي ئي بينچ تي ويٺو رهيس ۽ ماضيءَ جي سوچ ۾ گُم ٿي ويس.

ڏسجي ته وندنا جي ڪهاڻي بيحد دردناڪ آهي. جڏهن به سندس ياد ايندي آهي ته منهنجو سِرُ ڪجهه همدرديءَ ڪان ۽ ڪجهه شرڌا ڪري جُهڪجي ويندو آهي. وندنا منهنجي دوست واشوُ لُلا جي گرل فرينڊ هئي. واشوُ مون سان گڏ ساڳيءَ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. اَسين ٻئي گَهرا دوست هئاسين ۽ هيءَ دوستي ننڍپڻ کان شروع ٿي هئي جڏهن اَسين ساڳي اِسڪول ۽ ساڳي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. واشو پنهنجي گرل فرينڊ يعني وندنا جي هر خبر ۽ ذري ذرِي ڳالهه اَچي مون کي ٻڌائيندو هو ۽ ذرو به شڪ نه ڪندو هو. جيڪڏهن هي ٻئي ڇٽا ڪيڏانهن ويندا هئا يا ڪو پڪچر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيندا هئا ته مونکي ضرور وٺي ويندا هئا. جيتوڻيڪ مان سندن ڪباب ۾ هڏي بڻجڻ نه چاهيندو هوس ۽ گهڻو ئي انڪار ڪندو هوس، ليڪن هو اصل نه مڃيندا هئا. اِنهيءَ ڪري منهنجي به وندنا سان چڱي خاصي پهچاڻ ٿي وئي ۽ هوءَ به مون کي ڀاءُ وانگر ڀانئڻ لڳي.

وندنا سامهون واريءَ بلڊنگ ۾ هڪ آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. واشوءَ جي ڪيئن ساڻس ملاقات ٿي، ڪيئن ٻنهي جون ملاقاتون وڌڻ لڳيون ۽ ڪيئن سندن پهچاڻ پيار ۾ بدلجي ويئي، ان جي مون کي ذرِي ذرِي ڄاڻ آهي. سندن پيار سچو هو ۽ ٻنهي هڪ ٻي کي دل وَ جان سان چاهيو ٿي. چوندا آهن ته رشتا مٿي سرڳ ۾ ٺهندا آهن، سو واقع ئي سچ

کھاڻي-

سھارو

✍ گوپ ڪَماڻي (اِنڊور)

باغيچي ۾ اَجا چار چڪر ئي لڳايا هيم جو پٺيان ڪنهن جي سڏڻ جو آواز آيو - ”مسٽر جڳواڻي“. پنهنجو ئي نالو ٻڌي مان هڪدم رُڪجي ويس ۽ پٺيان مُڙي نهاريو تہ هڪ وچولي عمر جي عورت مون طرف اَچي رهي هئي. پرسان پهچندي چيائين، ”معاف ڪجو … توهين مسٽر جڳواڻي آهيو؟“ مان ڪجھہ حيرت مان ۽ ڪجھہ سوالي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريو ۽ چيو، ”ها، مان سندر جڳواڻي آهيان … توهين …؟“ مون کيس سُڃاڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي.

هن عورت ٻئي هٿ ڪٺي مون سان نمستي ڪئي ۽ مشڪندي سوال ڪيو، ”توهان مون کي نٿا سُڃاڻو …؟“ مون پنهنجي ذهن جي ڪمپيوٽر تي وري ڪِلڪ ڪيو ۽ وات مان ازخود ڇيخ نڪري ويئي، ”اَڙي … تون وندنا … ڪيڏو نہ بدلجي ويئي آهين … هٿ ڪيئن …؟ مون تہ ٻڌو هو تہ تون بڙودي ۾ آهين …“

”ها، مان تہ اَجا بہ بڙودي ۾ آهيان …“ وندنا مون طرف نهاريندي چيو، ”هت ڪنهن ڪم واسطي آئي آهيان … ۽ اُهو ڪم بہ توهان ۾ ئي آهي …“

”اَڙي، تہ پوءِ منهنجي گهر اَچين ها … مون کي بيحد خوشي ٿئي ها …“ مون پنهنجائپ واري نوع ۾ کيس چيو.

”ٻڌم تہ توهين روز هت باغ ۾ گهمڻ ايندا آهيو، اِنڪري سوچيم تہ هتي ئي اَچي توهان سان ملان …“

مون کيس اِشاري سان پرسان رکيل بينچ تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ اَسين ٻئي وچي خالي بينچ تي ويناسين. مون چيو، ”هاڻي ٻڌاءِ تہ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي مون ۾ …؟ مان تنهنجو ڪم ڪري سگهان،، اِها تہ منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالھہ آهي.“

”توهين نئشنل ڪاليج ۾ ٽرسٽي آهيو؟“ وندنا سوال ڪيو.

”ها، مان اَجا بہ ٽرسٽي آهيان … پر تون پنهنجو ڪم ٻڌاءِ …

هي جو عورت کي هر هميشه کنهن مرد جي آڌار جي ضرورت لاءِ
مجبور ڪيو ويو. عورت جڏهن ٻار آهي يا ڪنواري آهي ته پيءُ جو
ار گهرجي، شادي ڪري پتيءَ جي گهر اچي ته پتيءَ جو آڌار گهرجي ۽
جيڪڏهن وڌوا بڻجي پوي ته پٽن جو آڌار ۽ جيڪڏهن اولاد نه هجي ته
پيرن جو يا پنهنجن مائٽن جو آڌار کپي. عورت کي ڇڻ ته خود جو ڪو
وجود ئي ڪونهي. جتي عورت هيءُ آڌار وڃائي وهي ٿي ۽ پنهنجو الڳ
وجود بڻائڻ چاهي ٿي، اُتي هن جي وجود کي هر طرح نابود ڪيو
ويو.“ چونڊي چونڊي وندنا جي دل پرجي آئي. مون محسوس ڪيو،
شايد وندنا کي پنهنجن ڪن ناگوار آزمودن جي ياد اچي وئي هوندي.

ٿورو وقت ترسي هن وري چيو، ”اڪيلي عورت کي هن سماج ۾
جين ڀاونا سان ڏٺو ويو وڃي ۽ ڪڏهن ته ڪيس ڪلٽا سمجهي نه
صرف ڪائنس ڪنارو ڪيو وڃي، ليڪن کي سڄڻ ته ڪيس دٻائي
سڪائي ذليل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪندا آهن. هڪ بهادر ڇوڪري
بڻجي مان هن سماج جو مقابلو ڪيان، ايتري سگهه مون ۾ ڪونهي.
ڇوڪري مون کي راڪيش کي گود ۾ وٺي پنهنجي لاءِ آڌار ۽ آئينده جو
سهارو بڻائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.“

مون ساڻس سهمتي ڏيکاريندي چيو، ”وندنا! تون سچ ٿي چئين. تو
، صرف پنهنجي لاءِ آڌار ڳولهي ورتو، بلڪ پنهنجي ۽ واشوءَ جي پيار کي
امر ڪري ڇڏيو! تون ڌنيه آهين!“

مون هڪدم آفيس جي وڏي بابوءَ کي گهرايو ۽ کيس تاڪيد ڪندي
چيو ته راڪيش کي ڪاليج ۾ داخلا ڏني وڃي ۽ اڄ جو اڄ سمورو ڪم پورو
ٿيڻ گهرجي. وندنا ۽ راڪيش وَرَ وَرَ مون کي ”ٿئنڪس“ چئي وڏي بابوءَ
سان گڏجي ٻاهر نڪري ويا.

✧✧✧

منهنجي من اَندر هلندڙ ڪشمڪش کي پاپيندي وندنا چيو، ”اَوهان کي تعجب لڳندو هوندو تہ هي منهنجو پٽ ڪٿان آيو؟ شايد مون شادي ڪئي هوندي ... ۽ هڪ نئين دنيا وسائي هوندي ...“

بنان ڪو جواب ڏيڻ جي مان وسميہ ۾ وندنا طرف نهاريندو رهيس. هيءَ ڪهڙي پرولي هئي جا وندنا ٻڌائڻ تي چاهي. شاديءَ بنان بہ ڪو پٽ جڻي سگهندو آهي ڇا؟ مون کي هيئن منجهندو ڏسي وندنا چيو، ”مون ڪابہ شادي بادي ڪونہ ڪئي آهي، پر اِها حقيقت آهي تہ هيءُ منهنجو پٽ آهي ... راڪيش واشديو لُلا ...“

وندنا تہ منهنجو مونجهارو اَڃا بہ وڌائي ڇڏيو. شادي بہ ڪونہ ڪئي اَٿس پر هي واشديو لُلا جو پٽ بہ آهي، سو ڪيئن؟ واشوءَ تہ ڪابہ اَهڙي ڳالهہ مون سان ڪونہ ڪئي هئي. جيڪڏهن سندس موٽ کان اَڳ، هي راڪيش وندنا جي پيٽ ۾ هجي ها تہ واشوُ مون کي ضرور ٻڌائي ها. وندنا منهنجيءَ مونجهہ کي دوُر ڪندي چيو، ”... مون راڪيش کي پنهنجي گود ۾ ورتو آهي ... در اصل هي منهنجي ڀيڻ جو پٽ آهي ...“

”... تہ پوءِ واشديو لُلا جو پٽ ڪيئن ٿيو؟“ مون هڪدم ڪائنس سوال ڪيو.

”... اِهو اِنڪري جو مان واشوءَ جو ونش قائم ڪرڻ ٿي چاهيو. شروع کان ئي سڪول ۾ چاهي ڪاليج ۾ مون سندس پتا جو نالو واشديو لُلا پئي لکايو آهي ...“ مون ڏٺو وندنا جي چهري تي فخر جي ريکا ڊوڙي آئي.

وندنا جي منهن مان هيءَ عجيب ڳالهہ ٻڌي مان تہ وڌيڪ وسميہ ۾ پئجي ويس. ڇا اِئين بہ ڪڏهن ٿيو آهي دنيا ۾؟ هڪ ڪنواري ڪنيا، ڪنهن ٻار کي گود ۾ وٺي پنهنجي پريميءَ جو ونش آباد ڪري؟ مون دل ئي دل ۾ وندنا جي قربانيءَ ۽ تياڳ کي نمسڪار ڪيو ۽ من ۾ هن واسطي شرڌا جو ڀاوُ اَڳ جيان ڇوليون مارڻ لڳو. ان هوندي بہ پنهنجي ڀٽڪندڙ من کي ڇُپ ڪرائڻ لاءِ مون پڇيو، ”ليڪن وندنا، توکي هي سڀ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

وندنا ڪجهہ سنجيدگيءَ سان چيو، ”ٻڙودي وڃڻ کانپوءِ مون چڱيءَ طرح محسوس ڪيو تہ اَسان جي سماج ۾ هڪ عورت لاءِ اَڪيلو گذارڻ ڪيترو نہ دشوار آهي. هن سماج جو ڍانچو ئي اَهڙي نموني جو لهيل

ورهاڱي جو ورجاءُ

✍ ماهتاب محبوب

يادون ڪيڏيون نہ بي رحم ۽ بي چَين هونديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن جي سهاري زندگيءَ جو رڻ جهاڳي وڃبو آهي تہ ڪڏهن اِهي تڙپائي تڙپائي ماري وجهنديون آهن. ڪيترن ڏينهن کان مان اُهي منظر، نقش ۽ نشان تصور ۾ آڻڻ کان لوايان پئي، جيڪي ذهن ۽ دل جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ اُڪريل، روح ۾ رچيل ۽ ساهن ۾ سمايل آهن، جن کي وسارڻ تي وس ئي نٿو هلي. يادن جي حقيقت ڄاڻيندي بہ اَڄ ايڏي مصروفيت جي باوجود نظرون بي اختيار سامهون ٽيون کڄن ... مان پٽ تي ٽنگيل تصوير ۾ تي نهاريان ... ڪئي پيرا اها ڏني هوندم، پر ان ۾ نظر ايندڙ شخصيت کان سواءِ، اوسي پاسي جي شين ڏي ڪڏهن ڌيان ئي نہ ويو ... منهنجون نهارون يڪ ٽڪ تصوير ۾ کُپجي ٽيون وڃن ... گهر جو گيٽ، اُن جا ڪُنڊا ڪڙا ... لان جي ڪُنڊ ۽ ٻاڙهن گلن سان جهنجيل بوگن وِلا جون وليون ڏسي، هاڻ نپوڙجي ويو ... ٻئي ئي پل مان خوابن خيالن ۾ وڃائبو ٽي وڃان ... مونکي لڳو تہ ڪنهن اَڳتي وڌي گهر جو گيٽ کوليو ۽ اَسين اَندر داخل ٿياسين ... واسينگن جي دوزخ ۾ گهيريل، پنهنجي ننڍڙي جنت 'اِرم نما' ۾!

پورچ مان لان ڏي ايندي پنهنجو پاڻ کي بوگن وِلا جي تارين ۾ اُلجهيل ٽي ڏسان ... "ڪيڏي نہ گهاٽي ٿي وئي آهي ... هاڻ اِن جي ٽِرمنگ ٿيڻ گهرجي." ٻاڙها گلابي گل، شوخ ۽ بي باڪ هوائن جي آڌار تي ڇٽي ڇٽي ۽ اُڏامي نہ رڳو اَسان جي لان ۾، پر سموري بلاڪ جي مڙني بنگلن اَڳيان اِئين ٽي وکرجي ويا، جيئن ڪنهن جي آجيان ۾ وڇايل هجن ... پر راهن ۾ گل وڇائجن يا اَکيون، بي قدرن وٽ انهن جو ڪهڙو قدر ... قدر تہ سڀاجهڙن پنهنجن بہ نہ سُڃاتو، بي قدرن سان وَڙ ڪري، قرب وندي، پنهنجو قدر ئي گهٽائي ڇڏيو ... وڃائي ڇڏيو اُهو سڀ ڪجهہ جيڪو حاصل هو ... پوءِ بہ شاه سائين جي عالم آشڪار دعا کي 'طلسمي تعويذ' سمجهي، ٻانهن سيراندي ڏيئي وينا رهيا.

اَنگريزن جي حرفتن ۽ چالاڪين کان بي خبر رهي، رڳو مغلن ئي هندستان ڪونہ وڃايو، عربن بہ آمريڪا جي ڦند ۾ ڦاسي، ساڳي وات ورتي. 'پنهنجي وڏيءَ جو ويهہ نہ طبيب' جيان، سنڌي بہ رضا خوشيءَ سان پناهگيرن هٿان بيوقوف بڻيا.

سُڪئي ستابي اَنگريزن سان، تڙجي آيل ڏکي ٻکي قوم جي ڪهڙي پيٽ، پر جيئن اَنگريز آئي ملڪ ۾ اَنگريزيءَ جو زور وڌيو، تيئن سنڌ ۾ وري سنڌين، بنا سوچڻ سمجهڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ

دي نوجيون ڪوآپريٽِو بئنڪ لميٽيڊ

ESTD. 1985

THE NAV JEEVAN CO-OP. BANK LTD.

Head Office: Bhawani Saw Mills Compound,
Ulhasnagar-3. ☎: 2721052 / 2568541 / Fax 2567523
Visit us at: www.navjeevanbank.com

Main Branch :
Bhawani Saw Mills Compound,
Ulhasnagar - 421 003. Tel.: 2560396/
2566435 / 2705401 / 2568541

Ulhasnagar-1 Branch
Gur Plaza, 1st Floor,
Opp. Police Station, Ulhasnagar 1
Tel.: 2708291 / 2721055

Siru Chowk Branch :
Akashdeep Shopping Tower,
Chellaram Market, Ulhasnagar - 2.
Tel. No. 2721051 / 2708215

Chopra Court Branch :
Sadoromal Complex, Near Turning Point Hotel, Ulhasnagar-3.
Tel. 2706493/2721054/2732340

Fountain Branch :
Rattan Chambers, 1st Floor, Near Rattan Soap Factory, Ulhasnagar-421004.
Tel. 2581929 / 2721050

Ulhasnagar - 5 Branch
Nav Jeevan Complex, Gurunanak Bazar, Ulhasnagar-5.
Tel. 2531430 / 2526060

O.T. Section Branch :
Saibaba Educational Trust, Sai Bhawan,
O.T. Section, Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 2712072

Kopri Colony, Thane (East)
Krishna Niwas, Chhatrapati CHS Ltd., Sadhu Vaswani Nagar, Kopri Colony, THANE (EAST)
Tel. 25323513 / 25323675

Our Bank has tie up payable at par cheque arrangement with Axis Bank Ltd. & DD arrangement with IDBI Bank Ltd., Bank of Baroda & SBI.

Our Bank has entered into arrangement with Bajaj Allianz General Insurance Co. Ltd. for Life Insurance as well as General Insurance cover. We provide Franking Service at our Main Branch & Thane East Branch.

We have also started PAN Card Services in tie-up with UTI Technology Services Ltd. at our Main Branch at Govt. prescribed rate.

Save Today for Better Tomorrow

Customers Service is our Motto

ATM FACILITY • MOBILE BANKING

ڏارين وچ رچڻ لاءِ انهن جي خوشامد ۾ جُنبي ويندو ۽ ويهن ٿي ننهن يا ڇاڳي هڻڻ جي صورت ۾ ٻاويهن ٿي ننهن جو زور هڻي، اهو ثابت ڪندو ته هو سندن حڪم اڳيان ٻچڻ سوڌو ٻانهو آهي ... پنهنجا وڃي ڪڏ جي تري ۾ پون، اُهي ڪيس ڪهڙو ڪني ڪارائيندا ... ان جي برعڪس ٽِڙي ٽاٻڙجي، سنڌ جا سڻيا نڪر ڪائي ڪو پناهه گير عهدو اقتدار ماڻيندو ته ڦهريائين پنهنجي قوم جي ماڻهن جي پُنيرائي ڪندي، اُنهن کي ورسائي اڳتي آڻيندو، انهن جون مددون ڪرڻ پنهنجو ڦهريون اخلاقي فرض سمجهندو. هيڏانهن اَسان وارو خوشامدي ڪامورو ڪيڏائي پُڇ چو نه لوڏي پوءِ به سندس اَهميت حاڪمن آڏو آئي ته رچي، نلي ته ٻلا ڪان وڌ نه هوندي، پر جي آقائن جو مٿس ڪوپ ڪتو ۽ وقت ڪان اَڳ ئي ٽنگو ٽالي تي عهدي تان لهٽو پيس، ته ڏرئون قلڻ واري اَهنجن ايذائن جي جهڳي ٻڌڻ لاءِ وري به پنهنجا ئي واندا ملندس.

پناهگيرن کي ايڪي ۽ ٻڌيءَ جي زور تي زندگيءَ جي هر کيتر ۾ ڏينهون ڏينهن چوٽ چڙهندي ڏسي اَسان مان ڪي ڇڳا مڙس بوڇڻ چنبي اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ جيڪو هو پاڻ نه ڪري سگهيا، ڪين ڪندو ڏسي ساڙ ۽ حسد مان اُنهن تي طنز ڪرڻ ۽ نالا رکڻ شروع ڪري ڏنا.

هونءَ به اَسان جي قوم جي ڪيترن ئي ماڻهن کي عملي ڪم ڪرڻ بدران، طعني تنڪي ۾ وات وڃائڻ سولو لڳندو آهي. انهن ڳالهين لڏي آيلن کي ويتر شهه ڏني، هو سندين جي نا اتفاقي ۽ اجائي لباڙ جو فائدو وٺي، چوڌاري پنهنجا پير ڄمائيندا ويا ۽ اَسين پاڻي سر تان لنگهي وڃڻ ڪانپوءِ بقول هڪ شاعره جي 'هان! هي ڇا ٿيو آ؟' ڪندا رهجي وياسين ...

سنڌين جا اوچا ڳاٽ ڪي ته ڪٺي پنهنجي افعالين جهڪيا، باقي جيڪي اَجا مٿرا هئا، اُنهن کي به اَسان جي اَڳوانن نگيءَ جا ڻاهه ڪرائي جهڪائي ڇڏيو. هيڏانهن تنظيمن ۽ تحريڪن جي اڳوانن جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. سنڌ وڃي ته پل پئي وڃي، سِر وڃن ته به گهوريا. هرڪو پاڻ کي هيرو سڏائڻ جي شوق ۾ ٻئي کي گهٽ ڪرڻ جي هڻ هڻان ۾ رڌل هوندو. قسمت سانگي جي ڪٺي ڪنهن کي حڪومت جي چيچ جهلڻ جو سونهري وجهه ملي پيو، ته همراهه پنهنجا سمورا اڳيان پويان ذاتي ۽ سياسي پلاند چڪائڻ ۾ ئي پورو نه پوندو. اَهڙا ماڻهو شروع ۾ ته برابر ڪو ڪاز ڪٺي اُيرن ٿا، پر پوءِ شهرت يا پاور جي ٻانور ۾ ڪانئن سڀ ڪجهه وسريو وڃي. سندن سڄي دلچسپي پنهنجي هيروازم جي ساک ۽ ڀرم قائم رکڻ تائين هوندي، پوءِ چاهي ان لاءِ ڪيس جان جي بازي ڇو نه لڳائڻي پئي، عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر ته مقصد پويان سِر ڏنائين يا پنهنجي ego خاطر پاڻ وڃايائين. ان egoisim جي ڪري ئي اَڄ سڄي دنيا داءَ تي لڳل آهي. جيئن خودڪشي ڪرڻ واري کي ڪنهنجي پرواهه نه هوندي آهي تيئن ايگوئزم جي شڪار طاقتن ۾ به انسانيت ۽ دنيا جي تباهيءَ جو ڪو اونو ڳولهيو نه لهندو.

اَسان ۾ ڪي اَحساس ڀريا ذهين ماڻهون آهن ته اُهي نااتفاقيءَ سبب ڪجهه به ڪرڻ کان لاچار ٿيا پيا آهن، بس ڇڙو پنهنجي 'هڻڻ' جو احساس ڏيارڻ لاءِ مردانو ڪنگهه ڪڙڪو قائم

جي اِن اَک نه ٻڌڻ جهڙي قوم کي ڪٽي سر چاڙهيو عام سنڌي گهراڻا نه نهيو، پر جيڪي اَڄ قوم پرستيءَ جا تمغ هنيو وينا آهن، تن جي گهرن ۾ به اَڄ سوڌو ادي، ادا بدران پائيجان ۽ باجيءَ جو پيو باجو وڃي. ڪير ڳولهي ته ڏيکاري ڪنهن هڪ به پناهگير جو گهر، جنهن ۾ پائيجان ۽ باجي هڪ ٻئي کي اَدي ۽ اَدا ڪري پيا ڦرندا هجن. بظاهر ته اهي سنهيون سنهيون ڳالهيون ڪنهن ليکي ۾ نٿي آيون، پر 'ڪٽون لڳي، گهرون لڳي' جيان سنڌين جي اصل برباديءَ جو ڪارڻ ئي اتان شروع ٿيو، جن نه رڳو انهن جي ٻولي، پر سندن هڙرادو رسمن رواجن کي به پنهنجو ڪري ورتو، ته ڪاڌي پيتي ۽ رڌي پڪيءَ جي هر شيءِ ۾ به ٻارهن مصالن جي تباهه ڪن بارود ڪان ويندي اَدرڪ - لسن، ۽ نر ڦوٽن جا ڏوڙيا وسائي ڏنا. تڙيل قوم سنڌ ۾ هنڌين ماڳين جڏهن اَهڙا مان ڏنا ته پنهنجو روشن مستقبل ڏسي، دل ئي دل ۾ 'جيئس ڙي جيئس منهنجا جاڻائو ڏا جيئڻ' چوائي، کهيون هڻڻ ۽ بغلون وڄائڻ لڳي ته 'مارا اَسين روهه رُليا ڪي ايڏي اوج کي اَچي رسيا آهيون.' ۽ پوءِ اُنهن پنهنجي پَر ۾ جڻ پوتي ڪڇي ورتي. ٻانهياريءَ جو ٻجو به سونو جيان، اَنگريزن جو ته چوڏاري ڏاڪو ڏسي سمورو ملڪ مرعوب ٿيو ۽ زماني جي مُهر موجب ان اِنٽرنيشنل ٻوليءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏيڻ نهيو به ٿي، پر ڏتڙيل قوم جا طور طريقا ۽ لشڪري ٻولي پاڻ تي طاري ڪري، سنڌين وڏي تاريخي غلطي ڪئي، جنهن جي تلافي ٿيڻ هاڻ ممڪن ئي ناهي.

ورهاڱي کان اَڳ اَسان وٽ فارسي، عربي ۽ اَنگريزيءَ جيان اُردوءَ کي به ساڳي اهميت حاصل هئي، پر لڏي آيل قوم، سِنگهه ڪڍي ساجو ٿيڻ، ڪانپوءِ اِن ٻوليءَ تي پنهنجو خاص حق سمجهي، مڙني علائقي ٻولين کان مٿاهون ڄاڻيندي، نه رڳو نفرتن جو بنياد وڌو، پر ٻين ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ کان ته جڻ ڪو جنمن جو رهيل وير ورتو، جنهن جا نِت نوان مثال جيئن پوءِ تيئن تيزيءَ سان پڌرا ٿي آڏو پيا اَچن. اَهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن سنڌي سڄڻ جو ان ٻوليءَ خلاف ردعمل ظاهر ڪرڻ فطري ڳالهه آهي، جنهن کي ان دعويٰ سان ريڪي نٿو سگهجي ته اُردوءَ ۾ لکڻ اُردو دانن کي احساس ڏيارڻ لاءِ آهي ته ڏسو اَسين توهان جي ٻوليءَ ۾ لکي سگهون ٿا، جڏهن ته اُوهين ٺيٺاليهه سال گذارڻ ڪانپوءِ به اَسان جي ٻولي سمجهڻ کان اڄار آهيو ....، لفاظيءَ جي بار هيٺ دٻيل اَهڙا اَڻپورا دليل دانسته ڪيل ڀُل جيان آهن، ڇاڪاڻ ته اُردو طبقو ايڏو پورڙو ناهي، جو واڇن مان ڪير وهائيندو وتي. هو ڀليءَ پت سنڌي سمجهي، لکي ۽ پڙهي به سگهن ٿا، پر نه ڄاڻڻ جو اِئين سانگ رچائيندا، جڻ سنڌي ڪا اَهڙي جِناتي ٻولي آهي، جو ڪير بني بشر سکڻ ۽ ڳالهائڻ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهي.

اَسان جا پنج پڙهيل لکيل معتبر مٿيرا مرد به اُنهن جي هڪ رواجي ماڻهوءَ جي مڪارين ۽ چالبازين سان پڄي نه سگهندا. اَسان مان ڪو وڏي عهدي تي چڙهي پوندو ته ڪنڌ ۾ ڪِلو نه ته به ڪلف ضرور لڳي ويندس. هو ڪامورو ٻڌجي پنهنجي ڌرتي واسين جي واهر ڪرڻ بدران،

ناهگير نہ ... ڇاڪاڻ جو سنڌ ڌرتيءَ جي پناهن ۾ اَچي پنهنجا پير پختا ڪرڻ ڪانپوءِ سندن
ال توڙي مستقبل محفوظ هو. هيڏانهن پنهنجا شهر ۽ پاڙا ڦرائڻ ڪانپوءِ بہ اَسان وٽ خوشفهمين
ي لِءِ اَجا باقي هئي تہ سڄي سنڌ اَسان جي آهي، سڄو ملڪ اَسان جو آهي، ملڪ جي ڪنهن
، سلامتيءَ واري ڪنڊ ۾ وڃي رهون يا پناهہ وٺون، اُن تي اَسان جو حق آهي، اَسين سرحدون
ورانگهي ڪونہ ڀڄنداسين ... پر اهو خوشفهميءَ جو واءُ بہ هاڻ عارضي ٿي لڳو.

جمهوريت آئي اَسيمبليءَ ۾ پناهگيرن کي نمائندگي ملڻ جي خوشيءَ ۾ لطيف آباد جي
ٻيني روڊن رستن، گهرن گهٽين، ڀتين ۽ ڇتين تي گيهہ جا ڏيئا ٻاري، جيئي مهاجر جي گيتن
نعرن سان جشن ملهايا ويا. ڏيئن ۽ روشنين سان جهرمر ڪندڙ سڄي اسٽريٽ ۾ اَسان جو
ڪيلو گهر هو، جنهن تي روشن بلبن جي جهالر بدران گيٽ تي ٻرندڙ ٻن بتين 'اقليتن' جي
نمائندگي ٿي ڪئي، تنهن کي بہ پنهنجي پر ۾ احتجاجا ستين وڳي سان ئي وسائي، اوندهہ
نڌوڪار ڪري ڇڏيسين، جڻ اهي بند ٿيڻ سان جشن جي رونقن ۾ ڪا ڪمي اَچي وڃي ها
... هڪ عجيب اَحساس تحت اَسان سنجهيءَ در دريون بند ڪري وڃي سمهڻ جي ڪوشش
ڪئي، اِهي ڏينهن ڏيکارڻ تي جڏهن سڄي جاڳيل سنڌي قوم ئي ڪجهہ نہ ڪري سگهي تہ
اَسين ڇا ٿي ڪري سگهياسين. رکي رکي اهو خيال پي آيو تہ ڪٿي دهشت جي زور تي اَسان
کي بہ نہ ڏيئا ٻارڻ تي مجبور ڪري وجهن، پر هنن اها جرئت شايد انڪري نہ ڪئي، جو اَسان
وارو يونٽ جڻ ڪاسموپوليٽن هو، جتي سنڌي، پناهگير، انگريز، پنا ۽ پنجابي سڀ بي فڪرا
ٿي رهيل هئا، جڏهن تہ ٻين يونٽن ۾ باهہ ٻري پئي هئي. فسادن مهل اخبارن ۾ يونٽ ڇهين
جو نالو ڳولهڻ سان بہ نٿي مليو. ڪو جي ان پاسي جو واءُ سواءُ معلوم ڪندو هو تہ نظرجڻ جي
ڊپ کان ڪوڙ ڳالهائيندي چوندي هئس، 'خير آ، باقي هونءَ هتي بہ ٽڪاءُ ٺوڪيون لڳيون
پيون آهن.' ٻارن کي پڻ ڇهين نمبر واري اَمن اَمان تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ کان جهلي
ڇڏيم. مون تہ وس آهر گهٽائي ڏَڪ ڏکيا، پر اَمن-اَمان نہ مڙيو ۽ دهشتگيريءَ اَڳيان هٿيار ڦٽا
ڪرڻ لاءِ اصل سنڌرا ٻڌي بيٺو. ۽ پوءِ اَهڙي ڪا گهڙي نہ هئي، جنهن ۾ گولين ۽ برسٽن جا آواز
نہ ايندا هجن. صبح جو اک کلندي ئي انهن جي سلامي هئي تہ هند ۾ بہ سلامي وٺي پوءِ وڃبو
هو. برسٽ، گوليون، فائر ۽ هينڊ بمن جا ڌماڪا جڻ زندگيءَ جي فلم جو بئڪ گرائونڊ ميوزڪ
بڻجي ويا. لڏي آيلن جيڪي ڪورا ڪڙا ڪيا، تن جو توءِ سنڌي سڀاجهڙن تائين اَچي پهتو. ڌارين
چوطرف شرانگيزين جا شيها پلٽي ڇڏيا. هيڏانهن ويچارا 'مارو اڪيلڙا ڇانگون نہ ڇيلڙا' ٻولن جو
درد سمجهڻ بنا، سرمد جي ڳاتل گيت جي لئہ تال تي نچڻ ۾ پورا ...

سنڌين خلاف سازش پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو، ڏسندي ئي ڏسندي سنڌين جا
ڪيترائي گهر خالي ٿيڻ لڳا. گهرو سامان ٽرڪن ۽ سوزڪين ۾ سٽيل ڏسي اکيون پرجي پرجي
ٿي آيون، پر تڏهن بہ ارادا جبل جيان اَڏول هئا، فرق رڳو اهو پيو تہ صبح سوير ريڊيو تان

رکندي، رکي رکي بيان جا پتر پيا اُڇليندا تہ ’خبردار! سنڌ يا سنڌين کي ڪجھ ٿيو تہ
سموري دنيا ٽوڙي ڇڏينداسين!‘ اِهو دهمان پريو دڙڪو ڏيئي، ننڍڙڪي عوام کي پنهنجي حال
تي ڇڏي، علاج لاءِ پرڏيهہ روانا ٿي ويندا آهن. خبر ناهي جو اَسان وٽ ’ڪجھ ٿيو‘ ڪان پوءِ ٿي
هوش ۾ اَچڻ جو دڙڪو ڏنو ويندو آهي، ڇا نہ ٿيو آهي اَڄ تائين جو باقي ٿيڻ جو انتظار ڪجي
... جيڪو ڪجھ ڪري ڏيکارڻو آهي، اهو ’ڪجھ ڪرڻ‘ جي دڙڪي ڪان اَڳ چونڊ ڪجي،
ٿلهو مائيڪ اَهيان رانپات ڪري تہ ’بقا جي جنگ‘ نلي جوڻي سگهجي.

جيئن هري مونواٽيءَ لاءِ دوستن ۾ هُليل آهي تہ هن جي هند مان سنڌ ڏي اَچڻ شرط
سدائين فساد ڪڙا ٿيا آهن، تيئن اهو بہ اتفاق ٿي چئبو، تہ محبوب جي وري ٽوئر تي اُسرڻ
سان فساد ۽ ڪرفيو اَچي ٿي ڪڙڪيا.

ٽيهين سيپٽمبر واري موتمار رات ۾ بہ مان هارن سوڌو گهر ۾ اَڪيلي هئس. محبوب ان
رات سکر مان رشيد پنيءَ جي پٽ طارق جي شادي اَٽينڊ ڪري شاليمار ۾ موٽڻو هو. اَسان شام
ڪان ئي هن جو انتظار پي ڪيو، اَئين وڳي منهنجي نٽان فون تي ٻڌايو تہ شهر ۾ قيامت نازل
ٿي وئي آهي. جهٽ پلڪ ۾ ڪرفيو بہ لڳي ويو، ڪجھ سمجھ ۾ ئي نہ پي آيو تہ ڇا ڪجي
رات جو نائين وڳي G.O.R ڪالوني مان محبوب جو فون آيو، تڏهن وڃي ڪا دلجاءِ ٿي. ٻڌايائين
تہ جيئن ئي ٽرين مان لٿو ٿي تہ هن ڪان اَڳ ۾ لهندڙ ٻن ماڻهن کي گوليون هڻي ٿڏي تي
ماريو ويو، ۽ پوءِ هو اَهيان لهڻ بدران پوئي پاسي ڪان لهي، ڏاڍي مشڪل سان هيستائين پهتو
هو، ۽ جيسين ڪرفيو لهي، تيسين ڪيس اِت ئي رهڻو پوندو. اَنيتاليهن ڪلاڪن ڪانپوءِ جيئن
ئي ڪرفيو ۾ ساهي ٿي تہ هو بہ اَچي گهر پيڙو ٿيو ... گهر ڏي ايندي مهل سامهون رهند
مُڪري مهاندي زيدي صاحب، هڪل ڪري ٽوڪ مان چيس، ”سائين ڪيڏانهن پڄي و
هئا؟“

”پڄندس وري ڪيڏانهن، منهنجا ٻار ٻچا تہ اِت ئي وينا آهن، سکر مان موٽندي
ڪرفيو ڪري ڦاسجي ويو هئس.“

زيديءَ جي پٽ عسڪري، پيءُ جي ڪوئس کي محسوس ڪندي محبوب کي چيو
”اَنڪل، بابا جي ڳالھ جو دل ۾ نہ ڪجو، هو تہ مذاق پيا ڪن.“

محبوب جڏهن اِها ڳالھ مونسان ڪئي تہ ڏاڍي خار لڳم، جو تہ اهو مذاق نہ هو، انه
پليتن جي اَندر جي گُهر هئي ... تمنا هئي پراڻي، تہ اَسين پڄون ۽ هو ڪلن ... هندستان ما
پڄي اَچڻ واري نزڌيءَ جو شرم پرچائين ... پنهنجي ملڪ مان ڌوهجي نڪرڻ واري بيعزتي
جي ناھ اَڄ تہ انهن جي اَندر پيئي پڙڪي، جنهن کي ’نئون وطن‘ جوڙي، اسلام جو ڪوٽ الڏ
وارا دعويٰ بہ اَجا تائين وساٽي نہ سگهيا آهن. زيدي تہ ڪٽي وڏو هو، پر پناهگيرن جي ٻچ
ٻچي جي ذهن ۾ اها ڳالھ فيد تيڻ لڳي هئي تہ لطيف آباد مان رڳو سنڌي ئي پڄندا، اَج

ضد، بهرحال جا به هو، مون گهبراهٽ ۾ تڙتڪڙ ۾ گهر ڇڏڻ بدران سوچي سمجهي قدم کڻڻ تي چاهيو ته ڪٿي اِئين نه ٿئي، جو ڪنهن غلط فيصلي تي ساري زندگي پڇتائڻو پئي. ان ويل مونکي جيڪا همٿ ۽ حوصلو مليو، اهو لاشڪ ته مون قدرت طرفان ٿي پاتيو. اَهڙي عالم ۾ مائٽن جا دهمان ڀريا فون ايندا هئم ته ’گهر گهاٽ ڦٽو ڪري فوراً نڪري اَچ، زندگي آهي ته اهي وري ٿهي پوندا!‘ تڏهن مان سوچيندي هئس ته ڏينهون ڏينهن مختصر ٿيندڙ زندگي، اتان ئي ته نه شروع ٿيندي، جتان اَسان شروعات ورتي هئي، جو وري سڀ ڪجهه نهي ملندو ... ۽ سڀ ڪجهه وڃائي ٺلهه تي در در ڌڪا کائڻ واري زندگيءَ جو فائدو به ڪهڙو ... سُڃ تي ڪير ڪنهن کي ڪيستائين برداشت ڪري ها.

منهنجي لاڳيتي انڪار کان تپجي هڪ ڀيري فسادن ۾ منهنجي مائٽن فوجي گاڏي به ٿي موڪلي، جڏهن نه مُڙيس ته مرڳو ڪرنل کان فون ڪرايائون، جنهن ڪڙڪيدار آواز ۾ محبوب جو پڇيو. مونکي محبوب جي حضور شرميءَ جا سور سُجهيا ٿي! جيڪي وري اَسان کي گڏجي ڀوڳڻا پوندا آهن، تنهنڪري اَڳوات ئي حفاظتي اُپاءَ وٺندي چيومانس : ”هو سُمهيا پيا آهن.“

”واه جو وقت ڳولهيو اَٿس سمهڻ جو، گولين ۾ ننڊ اَچيس ٿي! خير، آءٌ گاڏي موڪليان پيو، توهان جهٽ ڪري نڪري اَچو.“ هُن حڪما حڪمي ڪرنلاڻي دهمان مان چيو.

ايستائين منهنجي ذهن ۾ آئيڊيا تيار ٿي وئي، وراڻيم، ”پر هِڏو، توهان تڪليف نه ڪريو. منهنجا ساهرا .S.D.M جي گاڏي موڪلين پيا، اَسين ته اوڏانهن پيا وڃون.“

”ٺيڪ آهي، پوءِ پل اوڏانهن ئي وڃو، پر هتان جلدي نڪرو.“ هن اِئين چيو ڄڻ گهر تان غيرقانوني قبضو ڇڏائيندو هجي.

ڪرنل کي ٽاري مون اَجا ساهه ئي مس کنيو ته مٿان ساهرن جو فون به اَچي سهڙيو، جيڪي سخت پريشان هئا ... ۽ انهن به اَچڻ لاءِ زور ڀريو ... محبوب کين چيو ته ”ماهتاب کي مائٽن مان ڪرنل جي گاڏي اَچي پئي، هاڻ اوڏانهن پيا وڃون، توهان فڪر نه ڪريو.“ انهن کي دلجاءِ ڏيئي اَسين گهر ۾ بي فڪرا ته نه، پر وڏي سوچ ويچار ۾ غرق ٿي وياسين ته نيٺ حالتون ڪٿي دنگ ڪنديون، اَمن اَمان جي ته ڪا صورت ئي نظر نٿي آئي.

سوچيم، گهر ته هزارن ڪٽنبن وڃايا آهن، انهن ڪهڙي دل سان ۽ ڪهڙين حالتن ۾ پنهنجا اَجها ڇڏيا هوندا ... ڇا انهن کي پنهنجي گهر سان پيار نه هوندو ... پر هِئي ئي لمحي منهنجي سامهون اُنهن ماڻهن جا چهرا ڦري آيا، جن بنا سوچ ويچار جي دباءَ ۾ اَچي تڪڙا قدم کنيا ۽ پوءِ پڇتايو.

مون اِهو پاڙو نه ڇڏڻ جو پڪو پهه ته ڪيو، پوءِ به لاشعوري طرح اِئين پائيندي هئس ته ڪو هيو به اَسان جي همٿ افزائي ڪري دلداري ڏئي، ته ’پل اِت رهيا پيا هجو، سڀ خير ٿي

ايندڙ سنڌي پروگرام کي دري ۾ هٿ ڪري ڪجهه جهڪي آواز ۾ ٻڌڻ لڳس، جو تہ برسٽ
ان پاسي کان ئي هلندا هئا. برسٽن ۽ گولين جي ٺڪائن سان گڏ هر پاسي کان ايندڙ
خيرخواهن جي ٽيليفونن تہ، ويتر اوسان خطا ڪيا، روايتي دعا سلام واري ڪيڪار 'هلو-هلو
ڪار' بدران اسٽائيل تي هڪ نئون ايجاد ٿي پيو، پهريون جملو جيڪو اَچي ڪنن سان
ٽڪرائبو، سو اهو تہ، 'اَڃا اِتي ويٺا آهيو؟'

'ڇڏيو پناهگيرن جو پاڙو، ٺڪرو هتان.'

هڪ سڄاڻوءَ تہ هر ٺڪاءَ ۽ هر ڪرفيو سان گڏ اِهو پڇڻ جي نياڳي ڪيڪ ٻڌي ڇڏي تہ

'بچا ويٺا آهيو؟'

ان بي ڍنگي سوال جو جواب، ڏاڍي نظم ۽ ضبط سان ڏيڻو ٿي پيو. اِئين ٿي لڳو ڄڻ
اَهڙن واقعن ۾ بچي، اَسان سوال پڇڻ واري کي سخت نااميد ڪيو هجي. ڪو وري فون تي
اتاوليءَ مان پڇندو، 'اَوهان ڏي اَڃا گهر ڇڏڻ جي ڪا ڌمڪي ڪانہ آئي آهي؟ فلاڻن فلاڻن کي
تہ ڪڏو ڪو ملي بہ وئي!'

هونءَ انهن ڳالهين پويان ڪنهن جي نيت تي شڪ ڪرڻ نهيو تہ ڪونہ ٿي، پر دل
ويچاري نيٺ ڪيستائين اَهڙا دلهول ڏيارينڊڙ جملا برداشت ڪري ها، جن حوصلو تہ حوصلي
جي ماڳ، مرڳو خوف ٿي ڏياريو.

فسادن ۾ لطيف آباد جي سنڌين پنهنجي فيمليز کي ڳوٺن يا مٽن مائٽن وٽ حفاظت
واري هنڌن ڏي ڏياري ٿي موڪليو، جڏهن هائو مائو ٽرندي ۽ ڪا ٺاپر ٿيندي هئي تہ موٽائي
ماڳ آڻبو هئن. اَهڙين مهلن تي پناهون ڏيندڙن وٽان اَڪثر اهو بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ 'فلاڻا
فلاڻا هيڏو سارو ڊمبلو وٺي اَچي رهيا. اَسان جا راشن ڪٽائي ڇڏيائون. سڄو ڏينهن رڳو پئي ڪاوان
ڪاوان پوندي هئن. پناهون وٺي ويندي مهل اَسانجون فلاٽيون فلاٽيون شيون کڻي ويا ...' اهي ۽
اِن ئي ذهنيت جون بيون ڳالهيون ٻڌي مان خدا کان اَهڙو وقت ڏيکارڻ کان پناهہ گهرندي
هيس. رهتا ناتا، مٽيون مائٽيون، دوستيون ۽ دعويداريون ماڻهن جون گهڻيئي هونديون آهن، پر
منهنجي خيال ۾ هر رشتي کان اتم صرف ۽ صرف ماءُ پيءُ جو رشتو آهي، انهن جي پناهن ۾
وڃي اولاد کي ڪڏهن بہ اَهڙا دل آزاريندڙ جملا نہ ٻڌڻا پوندا آهن. انهن جا اَحسان تہ اولاد عمر
ڏيئي بہ لاهي نٿو سگهي ... اَسان کي بہ دوستن عزيزن وٽان پُرسڪون حالتن تائين پاڻ وٽ
رهائڻ جون ڀرپور پيشڪشون ٿيڻ لڳيون ... پر منهنجي سوچ اِها هئي تہ سر بچائڻ لاءِ هڪ
دفعو جيڪو پاڙو ڇڏجي تہ وري اُن ۾ رهڻ لاءِ نہ وڃجي. فساد تہ هاڻ روز جو معمول بڻجي و
هئا. هر هر گهر مان سلامتيءَ لاءِ پڄڻ ۽ وري ڦڪو فالودو ٿي موٽي اَچڻ، نهيو نٿي. اها تہ سڄ
پِچ ڪل ڪرائڻ ۽ دشمن کي تنهائين هٿي ڏيڻ جهڙي ڳالهہ ٿي لڳي تہ اهي ٽيٺمڪڙا اَهڙا اَچي
مڙس سامائڻا آهن، جو ڪانئن هر پيري ڌجي پيو پڄبو. اَهڙي سوچ منهنجي بيوقوفي هئي

سرڪاري ماڻهو، لطيف آباد ۾ کهڙي ہل تي رهي سينو ساهيون ها ... اُن ہڌتر واري ڪيفيت دوران ڪڏهن ڊاڪٽر نجم عباسي جا فون بہ اَچڻ لڳا. لاشڪ تہ اَهڙي وقت ۾ ساڳي علائقي جي رهندڙ ماڻهن کي هڪ ٻئي جو ڏڍ گهربل هوندو آهي. مون کي ان ڳالهہ سان خوشي ٿي تہ هن بہ مون جيان پنهنجو گهر نہ ڇڏڻ چاهيو، پر جڏهن اِهو آتت بہ گهڻا ڏينهن جٽاءُ نہ ڪري سگهيو تہ فيصلو اِتي اَچي بيٺو تہ اَسان مان ڪنهن کي بہ ڪٿي رهڻ لاءِ ڪو چڱو گهر مليو تہ ان ڏس ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪنداسين.

هر روز اخبارن ۾ ظولمين هٿان ڌرتي واسين جي قتل عام ۽ لڏي ويلن جي نالن جون لسٽون پڙهي، انسانن جي هڪ ٻئي لاءِ اَهڙي درندگيءَ تي سوچيندي سوچيندي، حدنگاهہ تائين حقارت ئي حقارت ٿي پکڙجي وئي ۽ حقارت جي ان سمنڊ ۾ مونکي پنهنجو وجود ڪنهن ڪک مثل لڙهندي پئي محسوس ٿيو. اهو تہ ڪنهن بہ نہ ٿي ڄاتو تہ ملڪن جا ورهاڱا، دلين جا ورهاڱا بڻجي ويندا، پر اِهي ويڇا بہ تہ لڏي آيلن پاڻ پيدا ڪيا. اَسان وارن جي تہ سندن 'خوشنودي' حاصل ڪرڻ لاءِ 'سنڌي - مهاجر ڀاءُ ڀاءُ' چوندي زبان ئي نہ ٿي ٿڪي. اصلي وارثن کي گلاس-برنيءَ واري جي هوڪي، 'پراڻا ڪوٽ، پراڻا بوٽ' واري ليول تي بيهاري، 'پراڻا سنڌي' جهڙو مدي خارج ۽ اَڻ شائستو لقب ڏيئي، ڌارين کي 'نئون سنڌي' ڪوٺيو. جڏهن تہ سنڌي نہ نوان ٿيندا آهن نہ پراڻا، سنڌي صرف سنڌي هوندا آهن.

پناهگيرن کي تہ سنڌي ڳالهائڻ يا سڏائڻ سان ڪڏهن ڪا دلچسپي ئي نہ هئي. هاڻ تہ انهن کُليو اِظهار بہ ٿي ڪيو تہ هو، سنڌي بڻجڻ لاءِ پاڪستان ڪونہ آيا آهن ... سوچان ٿي پوءِ نيٺ ڇو آيا؟ ڪين تہ هند ۾ ئي ڪنهن هندو حاڪم جي حاڪميت ۽ بابري مسجد جي ساءِ ۾ پنهنجي ٻين محب وطن هندستاني مسلم ڀائرن سان گڏ رهڻ ڪپندو هو.

بهرحال اَڄ هو ڪٿي ڇا بہ چون، پر سچ اِهو آهي تہ هو بہ ڪي پاڪستان ۾ اسلام جا ڪوٽ قلعا اَڏڻ لاءِ دهلن دمامن سان، جهموريون هٽي ٻيهي ڳائيندا ۽ جهندا ڦڙڪائيندا ڪونہ اَچي لٿا هئا. ڀلا پنهنجو وطن بہ ڪا ڇوڙڻ ماڻڻ جي شيءِ ڇٻي، جنهن سان ساري زندگيءَ جا ناتا ڇني، ٽي طلاقون ڏيئي ڦٽو ڪري، 'نئين وطن' لاءِ سنڌرا ٻڌي سنبتون ڪجن ... خوشيءَ مان تہ ڪير بہ پنهنجو وطن نہ ڇڏيندو آهي. جلاوطنيءَ جي مجبوري، ٻي وسي ڇلهجي ڇيڇلائجي مرڻ جو خوف، عزت ۽ جان مال جي بربادي‌ءَ جا ڌڪاءَ ئي ترڪ وطنيءَ جا سامان پيدا ڪندا آهن ... يا پوءِ لوڀ لالچ جا سودائي اَهڙو قدم کڻندا آهن، جن لاءِ شاهہ سائين چوائي تہ، 'حيف تنين هوءِ، جن وطن وساريو'. پوءِ قربانيون ڏيئي 'نئين وطن کي اسلام جو قلعو بڻائڻ واري سيٽ ڇا جي؟

ڪيڏو نہ ڪوڙ آهي ان شرم برڇائڻ واري اجائي ڀرم ۾ ... شايد تڏهن ئي اَهڙن موقعن لاءِ ڪنهن چيو هوندو 'ہڏڻ ويو وِسري لڏڻ آيو ياد' قربانين ۾ نہ ڪليم حاصل ڪيا آهن، نہ اَجهو

ويندو' پر ڪنهن بہ اِئين نہ چيو. جيڪي سنڌي ملڻ ايندا هئا، انهن کان لطيف آباد ۾ سنڌين جي آئيندي بابت سوال ڪندي هيس، پر ڪٿان بہ ڪو تسليءَ ڀريو جواب نہ ملندو هو. سياست تي گهري نظر رکندڙ مصطفيٰ قريشي جيڪو فنڪار هئڻ سان گڏ، هڪ اَدب دوست، هڏ ڏوکي ۽ ذهين انسان آهي، ان بہ اَسان وٽ لطيف آباد ۾ آخري پيرو اَچي جڏهن ساڳي سوال جي جواب ۾ مايوسي ڏيکاريندي چيو، 'اَڄ نہ سڀان هتان سنڌين کي لڏڻو ئي پوندو ...' تہ دل وسامي وئي ... وراڻيم، 'پر اَدا اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ ڪين پنهنجا اڱڻ موڪرا ڪري ڏيون.'

'واه! اڱڻ موڪرا ...' هن ماحول جي گنڀيرتا ٽوڙيندي فنڪاراڻي انداز ۾ داد ڏيندي روبينہ کي چيو، 'ڪيڏو نہ ٽپڪيل ۽ خوبصورت لفظ آهي ...' مون سوچيو، انهن خوبصورت لفظن جي خوبصورتي تڏهن قائم رهي سگهندي، جڏهن اَسان عملي طرح ڪجهہ ڪرڻ جو ثبوت ڏيون.

ان رات ڪافي دير تائين اَسان ڌارين کي جيءَ ۾ جايون ڏيئي پاڻ وڃائڻ وارين غلطين تي کُليءَ دل سان روشني وجهندا رهياسين. اهو ڄاڻيندي بہ تہ اَسانجي سيني ڇڳاين تي تاريڪي ڇانئجندي پئي وئي. سوچيم، هي ڌرتي دولهہ دريا خان، هوشو ۽ هيمو جهڙن بهادرن جي نالي گهٽئي نہ آهي ... ۽ ان کان اَڳ جو اَسين ڪنڊ ڪنڊ تي وڃون، اَسان کي ڪنهن اَهڙي جرئتمند سچي اَڳوان جي ضرورت آهي، جيڪو اَسان جون هڙئي محروميون دور ڪري سگهي، پر اَهڙي سوچ بہ رڳو 'ڪاش' تي اَچي دنگ ٿي ڪيو.

فسادن جي هڪ ٻئي پٺيان يڪي ڏُمر سبب، لطيف آباد ۾ سنڌين جا گهر تيزيءَ سان خالي ٿيندا ويا. جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هئا، تن جا رهواسي بہ لڏڻ جي سعئي ۾ هئا. حميد سنڌيءَ ٻڌايو تہ سندس گهر جي گهٽي بہ ذري گهٽ خالي ٿيڻ تي آهي، پر پاڻ اَڃا ات ئي رهيل هو. ڪيس وينل ڏسي دل کي ڏڍ مليو. وڌيڪ خاطريءَ لاءِ پڇيومانس، "توهان تہ اتان نہ ويندا نہ؟"

"وڃڻو تہ پوندو، هاڻ ات وڌيڪ ترسڻ بيوقوفي آهي."

"پوءِ توهان ڇا سوچيو آهي؟"

"ڄام شورو يا مسلم سوسائٽي ۾ جاءِ نهرائبي."

عالمن جي اَبي حميد سنڌيءَ کان اهي لفظ ٻڌي اَصل تاڪ لڳي ويا ...

لنڊن وڃڻ کانپوءِ مئي واري فسادن ۾ هُن جو گهر پڻ خالي ٿي ويو، اُتان موٽيو تہ G.O.R ڪالونيءَ ۾ ڀاءُ وٽ وڃي رهيو، جڏهن کا ناپر ٿي تہ لطيف آباد واري گهر مان فون تي ٻڌايائين تہ هو گهر جو سوڊو ڪرڻ لاءِ ڪاغذ پٽ وغيره ڳولهڻ آيو آهي، پر قادر ڪرم ڪيس ۽ هـ حيسين وفاقي سيڪريٽري يا وزير تعليم ٿئي ئي ٿئي، تيسين وائس چانسلريءَ ۾ ئي محفو ٿي، پراڻو گهر وڪڻڻ ۽ نئين گهر جوڙائڻ واري جهنجهٽ کان بچي ويو. باقي اَسان پاران نيـ

مُلو نڙي سُرلي ڪرڻ لاءِ ڪي گهڙيون Pause ڏيئي وري پڙڪو ڪائي اُٿي ڪڙو ٿيو : ”واسطي اَلله جي ... پنهنجي حبيب جي صدقي، پنهنجي مظلوم ڀائرن جي واهر ڪيو. انهن لاءِ بيدا ڪپڻ، کير ڪپي، برف گهرجي، ٿڌي پاڻيءَ جون بوتلون آڻيو.“ مطلب ته ڪيس زخمين ۽ لاشن جي آڙ ۾ گهر جو سمورو راشن گهربل هو، جنهن لاءِ هن ڏينا داستي لاٿوڊ مان پئي جهٽ هنيا. خاص ڪري رت لاءِ ته هن جي ڊماند اِئين ٿي لڳي، ڄڻ مسيت ٻانگي بدران ڪنهن ڊريڪولا جي قبضي ۾ اَچي وئي هجي. پر سڄي حيدرآباد جي مسجدن مان ’سنڌي ڪافرن‘ تي ڪاهه ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ وارا جلاد مُلا ڪنهن ڊريڪولا کان گهٽ به ته نه هئا.

”جلدي ڪري ٻاهر اَچو ۽ پنهنجي هڪ هئڻ جو ثبوت ڏيو.“

ان اَعلان کان پوءِ گِرل مان ڏٺوسين ته ڪرفيوءَ جي پرواهه نه ڪندي، ٻڌي ۽ ايڪي جو ثبوت ڏيڻ لاءِ، هر سائيز جا پناهگير ٻڍ واري گهرن مان وس چرندڙ مال جيان نڪري نروار ٿيا. اَسين نه هيئن ۾ نه شيئن ۾، سي پلا ڪيئن وچي ’مومن‘ جي جهاد ۾ شامل ٿيون ها، ايڏي ٻڏيءَ وچ ۾ اصل ڪونه ٿي سونهياسين.

”ڇا ڪريون هاڻ ... پاڻ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ محبوب کان پڇيم.

”پوءِ پلا مان به ٻاهر وڃان ڇا؟“ هن ٻڌتر مان اُٽلندو مونکان پڇيو.

”پاڻ پناهگير ٿورئي آهيون ... سنڌين خلاف جهاد جي دعوت ته انهن کي پئي ملي.“ وراڻيم.

”چوڌاري گهرن جا گيٽ کلڻ ۽ ڳاڙين نڪرڻ جا گهرڙات ٻڌي، اندازو ٿيو ته سيني جا گهر خالي پئي ٿيا ... ڪجهه سوچي، محبوب پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجي اردو ڪُليگ کي خبرچار وٺڻ جي خيال سان فون ڪيو ...

”مان پاڻ هينئر جلوس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پئي ويس. پر اَوهان فڪر نه ڪريو ... گهر ۾ ئي وينا هجو.“ هُن دلداري مان وراٽيو.

اَسين سمورو وقت بت بڻجي، گهر ۾ وينا رهياسين، اِئين ٿي لڳو، ڄڻ ان خدائي فوجدار جي نافرماني ڪري، اَسان ڪو وڏو گناهه ڪيو هجي.

مرڻ جو ڊپ نه هو. برست ته ڪنهن مهل به اَچي لڳي ٿي سگهيو ... گولين جي لڳاتار بارش کان وڌيڪ خوفناڪ ته مُلي جا اعلانن پويان اعلان هئا ... جنهن ڪري جي عزتي ۽ بي وسي جو اَحساس، اندر کي ڪائي رهيو هو.

هڪ وار وري مُلي هانءَ ڦاٽي دانهن ڪندي چيو : ”پنهنجي ڏيئرن ۽ گهرن ۾ موجود هرهڪ عورت کي ٻاهر ڪڍو ته جهاد ۾ شامل ٿين، نه ته توهان جي اَڪين آڏو سنڌي ڪافر به توهان سان اَهڙي جٺ ڪندا جيڪا قلعي واري ڀائرن ۽ نياڻين سان ڪئي اَٿن!“

ان اعلان ته رهي ڪسر به پوري ڪري ڇڏي ... سوچيم : ’اَساڻيجون نياڻيون نه روڊن تي گشت ڪرڻ جون عادي آهن، نه ئي اُنهن جي ڇوڪرين جيان درن ۽ ڪڏن تي ٽنگجي ٻيهڻ جون هيراڪ، تن کي ساڻ ڪري، مان پناهگيرن جو درد ڪٽي ٻاهر نڪري پوان! ناممڪن ... محبوب

آسرو ڏيڻ وارن کي ڏرتيءَ کان ڏکڻ جون سازشون ڪبيون آهن ...

سنڌ جون تباهيءَ واريون حالتون ڏسي مونکي اِئين ٿي لڳو، هڪ وار وري ورهاڱي واري عمل پاڻ ورجايو هجي. مون سوچيو : ڇو ٿيو ورهاڱي جو ورجاءُ ... اهو ڪو ڪامياب ڊرامو ته نه هو، جيڪو پبلڪ جي بيحد اصرار تي ٻيهر رليز ٿيو هجي ...

ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ته نه هو، جنهن جي پهرين ايڊيشن جون سموريون ڪاپيون وڪرو ٿي ويون هجن ... شايد هي ورهاڱي جو ورجاءُ، ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي جيان آهي، جنهن ظاهر ٿيڻ ۾ ٽيتاليهه سال ورتا!

ڪهڙي مهيني جي ڪهڙي تاريخ ڪهڙا ڪهڙا فساد ۽ حملا ٿيا ... ڪيئن سنڌين جا ڪونڌر ڪنا ... دليون وساڻيون ... اَرمان اجهاڻا. ان ڳالهه جي جدا جدا تفصيل ۽ تسلسل ڪا معنيٰ ئي نٿي رکي ... قيامت جي طويل ڏينهن جيان سڀ ڏينهن ساڳيا ٿي لڳا ...

ٽيهين سيپٽمبر جا قتلام هجن يا ويهين مئي جا محشر ... سڀ ڪجهه ذهن ۾ گڏمڏ ٿي دهشت، موت ۽ ماتم جي هڪ صورت وٺي بيهي رهيا.

جنهن مهل به فسادي حالتن شدت ٿي اختيار ڪئي، تڏهن ساهرن مان هر هر پيو اَسان جي شفيق بابا سائين جو فون ايندو هو ته ڇڏيو لطيف آباد ۽ اَچي صدر واري گهر ۾ رهو.

محبوب جي جيجل به ڪا گهٽ پريشان نه هئي. رات ڏينهن ڪين اَسان جو فڪر ۽ اون لڳل هئي ۽ اَسين هر ڀيري ڪين سندن دعائن سان محفوظ رهڻ جو يقين ڏياريندي، مطمئن ڪندا پئي آياسين. پر اُن ڏينهن ته اَسان جي هوش حواسن تي جڻ ڪا وڄ ڪِري پيئي ۽ سخت اجنبيت جو اَحساس ٿيو، جڏهن قلعي آپريشن دوران ’منهن ۾ قرآن اَندر ۾ ابليس‘ جهڙي صفت واري مولوي، مسجد مان وڏي واڪ پناهگيرن کي جهاد جو سڏ ڏيندي ’سنڌي ڪافرن‘ کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو! اِئين ٿي لڳو، جڻ اَسين سڀ پڇ ڪا اَهڙي خطا وار قوم هجون، جن جو اوسي پاسي جي مسلمانن سان ڪو تعلق ئي نه هو ۽ اَجايو پاڪبازن جي علائقي ۾ بار ٿي اَچي رهيا هجون. اعلانن ۾ جيئن پوءِ تيئن ڇتائي ايندي وئي. ملعون ملي هر هر ’جهاد‘ جا هوڪا ڏيندي چيو پئي ؛ ’جلدي ڪريو، زخمين لاءِ پنهنجون گاڏيون ڏيو، گهرن جا ڪمرا خالي ڪريو، اتي سنڌي ڪافرن کان شهيد ڪيل مهاجرن جا لاشا آڻي رکبا ۽ زخملين کي آندو ويندو، اسپتال ۾ جايون پرچي ويون آهن، اَسان جا رضاڪار اوهان ڏي اَچن پيا، ڪٽون، بسترا ۽ چادرون ڏياري موڪليو، ڪاڌ خوراڪ پهچائي وڃو.‘ سموري حقيقت سامهون هوندي به ڪنن تي اعتبار ئي نه پئي آيو، حيرت پئي ٿي ته اِئين ڪيئن ممڪن هوندو ته ملڪ ۾ ڪو قانون نه هجي، ڪا ايجنسي حرڪت ۾ نه آئي هجي. سمجهيم ڪو ڀيانڪ سپنو پئي ڏسان، اِجهو هينئر ڇرڪ ڀري جاڳ ٿيندي ۽ سپنو وکري ويندو، پر ڪاش هي سڀ خواب ئي هجي ها ...

سوچيم : ’خدا نه ڪري، جي اَسان وٽ به مئل پناهگير ڪجي آيا ته پوءِ ڇا ڪنداسين؟‘

جتي ٻين موضوعن تي ڳالهيون ٿيون، اُتي هن گروهن ۾ وراهيل سنڌي سياستدانن جي ڪردار تي ٻڻ چڱي روشني وڌي.

ان مهل شمس جي بي فڪريءَ وارن ٽهڪن ۽ مزيدار ڳالهين ٽينشن جو اَثر ڪي قدر گهٽائي ڇڏيو، سنڌس وچڻ ڪانپوءِ وري ساڳي اُداسي ڇانئجي وئي. جيئن پوءِ تيئن وقت گذرڻ سان اِئين ٿي لڳو، ڇڻ اَسين پرائي پڌر تي زوريءَ رهيا پيا هجون. يقين ٿي نٿي آيو تہ اَسان جي ڌرتيءَ جو اهو ٽڪر اَسان لاءِ ايترو اوپرو ٿي ويندو ۽ اَسين اُڌارا اُڌارا ...

لطيف آباد مان نڪرڻ لاءِ جيئن تہ محبوب کي سنڌس پيرنٽس طرفان تمام گهڻو پريشر پيل هو، انڪري هو منهنجي گهر نہ ڇڏڻ واري 'ضد' جي ڪري ڪجهہ ڪجهہ ناراض رهڻ لڳو ... پر مُلي واري بڪواس ڪانپوءِ هن مونکي قسم سونهن ڏيئي نيٺ لطيف آباد وارو گهر ڇڏڻ تي راضي ڪري ورتو ۽ ڄام شوري ۾ نئون گهر جوڙائڻ جي مرضي ڏيکاريندي چيائين تہ 'پاڻ ان عرصي دوران صدر ۾ رهنداسين.' ڳالهہ تہ صحيح هئي، پر مسئلو اهو هو تہ مونکي حيدرآباد کان ڌار ٿي، دادو ضلع سان ناتي ڳنڍڻ، تهائين ڏيهہ نيڪاليءَ جو اَحساس ٿي ڏياريو. هونءَ جي حالتون درست هجن ها تہ شايد دادو ضلع واري ڳالهہ تي هروڀرو ايڏي جذباتي نہ ٿيان ها.

سنڌ جي نارمل حالتن ۾ اَڪثر سوچيندا هئاسين تہ ٻار وڏا ٿيندا تہ پنهنجي گهر کي اَڃا بہ وڌائي وڏو ڪبو، پر جي ڪنهن هئي هنڌ گهر جوڙائڻو پيو تہ بہ اِن گهر کي مالڪاڻا قبضا ڄمائيندڙ مسواڙين کي ڏيڻ بدران، ڪنهن ڪمپنيءَ کي مسواڙ تي ڏيئي ڇڏبو، پر سيل هرگز نہ ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ اَرڙهن اُڻويهہ سال اَڳ جن حالتن ۾ اهو گهر ٺهيو، سا اَسان جي دل کي ئي خبر آهي، هڪ معجزو هو يا محبوب جي همٿ هئي جنهن نوجوانيءَ واري زماني ۾ ئي پنهنجي ڏينهن رات جي محنت ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ سان، اها ننڍڙي جنت جوڙائي هئي، نہ تہ ان وقت ۾ ڪاڻاڻو پڙن لاءِ نهيل نڪيل مائٽاڻا گهر هوندا آهن يا پوءِ سرڪاري بنگلا ماڙيون ... هونءَ بہ گهر جوڙائڻ ايڏو تہ ڪاڪوڙ ۽ جهنجٽ وارو ڪم آهي، جو نهيءَ ٽڪيءَ تي هريل ڪيترائي سُست ماڻهو پنهنجو مال ملڪيت هوندي بہ، ان ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان پيا ٽهندا آهن.

لطيف آباد ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ غير سلامتي وارين حالتن سبب، سنڌين جي گهرن جا اَگهہ تيزيءَ سان ڪرندا ٿي ويا، انڪري مسواڙ تي ڏيڻ تہ ٺهيو، سولي قيمت تي ڪو خريدڻ وارو بہ نٿي مليو. ايڪسچينج ڪرڻ لاءِ سوچيوسين تہ ايجنٽ اَهڙا هوشيار ۽ پنهنجي پناهگير برادريءَ سان ايڏا هٽ جو پائين تہ ٽيپيڪل پناهگيرڪي ڪڏڙين جي عيوض سنڌين جا سهڻا ۽ ڪشادا گهر سنڌن حوالي ٿي وڃن. هيڏانهن سنڌين کي وري قاسم آباد کان ويندي هر سنڌي پاڙي جي سنڌي ايجنٽ موقعي جو فائدو وٺي، رمضان جي پلاري مهيني واري 'مبارڪ لٽ' جيان، ٻنهي هٿن سان وڌ کان وڌ ڦرڻ ۽ لُٽڻ جو مِشن شروع ڪري ڏنو.

اَسان بہ ايڪسچينج لاءِ ڪيترائي گهر ڏٺا، پر هر ڀيري اهي منهنجي طرفان رجيڪٽ

فڪرمنديءَ مان چيو، ”جيئن ئي ڪرفيو ۾ ساهي ملي ته ٻارن کي ڏاڏاڻي ڏانهن موڪلي ڏيون.“ وراڻيم، ”ها، اهو صحيح رهندو.“ پر ٻار اسان کي اڪيلو ڇڏڻ تي تيار ئي نه ٿيا. ايتري ۾ گوليءَ جو وڏو ٺڪاءُ ٿيو ۽ مُلي جي واف لائوڊ جي گهررات ۽ ڳُپ ڳپ جي آوازن سان بند ٿي وئي. شايد ته ڪو سڌو فائر اُچي لائوڊ اسپيڪر ۾ لڳو هو. بهرحال الائي ڪيس ڪهڙي ڪُنڊري لڳي، جو پوءِ يڪي ٻولتي بند ٿي ويس.

ان واقعي کان پوءِ لطيف آباد ۾ اسان کي پنهنجا پويان ڏينهن انڪري به ڇتا نظر ٿي آيا، جو اسان کي شدت سان اهڙو احساس ڏياريو پئي ويو. ڪيترائي پناهگير اسٽيٽ ايجنٽ اهو پڇڻ ڪاڻ ڦنڦنيءَ تي ڦيرا ڏئي رُلي مٺا ته ’ڇا اوهين هي گهر وڪڻڻ ٿا چاهيو؟‘ يا ’اوهين هي گهر وڪڻندا؟‘ سڀاڻي حالتن ۾ ڪين اهڙي نياڻي وائي ڪيندي ڏسي هوند گهر ڏٺي انهن جو منهن پلي رکن ها ته نپٽا خيري صلي آيا آهن اجها ڇڏائڻ. پر هينئر ته اِئين پئي لڳو، ڄڻ انهن کي حڪما حڪمي هلي اچي، پڇڻ جو قانوني ۽ جمهوري حق حاصل ٿي ويو هجي، ڇاڪاڻ ته سنڌين جو هتي رهڻ ڪين غير يقيني ٿي لڳو، ڄڻ لطيف آباد واري ايريا جا وارث ئي ٻاڻ هجن.

آئي ڏينهن اسٽيٽ ايجنٽن جا چڪر ته هڪ پاسي، مٿان وري ڪير واري ۽ درزي به جڏهن ٻاڻ کي ’ڏاڏو‘ سمجهي اسان ’هيٺن‘ کي ڏڍ ڏيڻ شروع ڪيو ته اصل ٻڏڻ تي آيو ته وڃ! هاڻ ان درجي کي اچي پهتا آهيون ... پاڙي جي ڇئن ڇڱن پناهگيرن کان تحفظ ڏيڻ جهڙين همدردين ۾ اضافو ٿيندو ڏسي، تهائين هانءُ خالي ٿيندو ويو ... اسان ته ڪڏهن به ڪو خوف ظاهر نه ڪيو هو ۽ نه ئي گهر ڇڏڻ جي وائي ڪدي هئي، پوءِ به پاڙي وارن کان علاوه ڪير وارو ڪير ڏيڻ ايندو ته پنهنجائپ ڀري همدرديءَ مان چوندو، ”گهر اصل نه ڇڏجو، ڀرين اسين مرنداسين، توهان جو وار ونگو نه ٿيڻ ڏبو.“ ’حفيظ ٽيلرز‘ وارو هڏڙن جي مٺ درزي، ڪپڙا ڪٽي آيو ته جان نثاري مان محبوب کي چوڻ لڳو، ”سائين گهر نه ڇڏجو، ڪا پريشاني هجي، ته مونکي حڪم ڪجو. مان اچي هت ويهندس. اوهان کي ڪير ڪجهه به نه چوندو ...‘

’نهيو‘ ... سوچيم ’ملوڪ سڀ مري ويا، ٺوٺا ٻڌندو ڪير!‘ چئبو ته هاڻ هن جي رحم ڪرم تي رهبو ...‘

لطيف آباد تي جڏهن کان ’ڪوفي‘ جو پڪو نالو پيو، تڏهن کان ملڻ جُلڻ وارا ته هڪ پاسي، محبوب جي آفيس جا پٽيوالا به ايڏانهن اچڻ کان لهرائڻ لڳا. اها ’ارم نما‘ جتي مهمانن جو رونقون هيون، اتي هفتي ڏيڍ کان پوءِ وڃي ڪنهن سنڌي سڀاجهڙي جي صورت نظر آئي. ڪي ته اچڻ جو رسڪ کڻندي به ڏجندا هئا، وري به وڏي ٻڏتر مان ٿڌو ٺورو ڪندي چئي ڏيندا، ’اچون نه ٿا جيڪر ڪجهه ٿيو ته خون اوهان جي ڳچي ۾ ...‘ پر ڪي اهڙا اڙڏا به هئا، جن کي سر وڃڻ جي ڪا پرواهه ئي نه هئي ... انهن مان هڪ رشيد ڀٽيءَ جي ٻهادر ننهن شمس پٽي به هئي، جيڪا قلمي آپريشن وارين هراسيل حالتن کي ڪٽ ۾ نه آڻيندي، ٻيهڪي نڌان رٽيءَ سڌو اسان سان ان ڪوفي ملڻ آئي. ٻن اڍائي ڪلاڪن جي ڪچهريءَ ۾

بچي سوچي، نيٺ مون پنهنجي دل ۾ اِهو فيصلو ڪيو ته جي گهر جو سوُدو ٿيندو ته مناسب قيمت تي، نه ته ڏيڍ لک ۾ 'ڪتو به ڪانئجي ڪُڪ به نه پرچي' وارو مثال قائم ڪرڻ بدران، بلڊوزر سان ڍهرائي پٽ ڪرائي ڇڏيندس، پوءِ پل ته اَسين ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ئي ڇو نه وڃي رهون. شايد ته منهنجي نند به ڪو ان فيصلي جي منتظر هئي، ۽ الائي ڪهڙي پهر اَچي اڪين ۾ واسو ڪيائين ...

پوءِ خدا جو ڪرم اِئين ٿيو، جو محبوب جي ڪا نيڪي آڏو آئي ۽ اَسان کي ٻاهر رهندڙ هڪ پنجابي فيملي وٽان ان گهر جي دل گُهري قيمت ملي پئي. انهن اَسان کي لطيف آباد واري گهر ۾ ايستائين رهڻ جي مهلت ڏني، جيسين اَسين 'سٽيزن' ۾ پنهنجو گهر جوڙائي رهون ها، پر اَجا ڪو خاص عرصو نه گذريو، جو پندرهين جولاءِ تي بمن جي ڌماڪن وارا واقعا پيش آيا. هن ڀيري بابا سائين جي صبر جي انتها ٿي وئي. هن ڪو عذر ٻڌڻ بدران حڪم ڪيو ته هڪدم هليا اَچو.

مون محبوب کي چيو، ''ايڏين قيامتن ۾ به اَلله بچايو وينو هو، هاڻ به خير ٿي ويندو. مان پوءِ گهر نهي راس ٿئي ته پوءِ يڪوئي هلي اُتي رهنداسين، هر هر سامان جي شفٽنگ ته مڪشر رولي ڇڏيندي.'' پر هن نه مڃيو ۽ چيو ته 'اَمان پنهنجي ڪري تمام گهڻي پريشان آهي، طبيعت خراب ٿي پئي اَٿس ۽ هاڻ بابا سائين کي انڪار نٿو ڪري سگهجي ...' تڏهن مونکي به لطيف آباد ۾ ڇمي ويهڻ وارا هٺيار هڪ ماءُ جي خوشيءَ خاطر نيٺ ڦٽا ڪرڻا ئي پيا ... ڇو ته مان به هڪ ماءُ هيس ...

ضروري سامان ته اَسان اَڳواٽ ئي پئڪ ڪري ڇڏيو. باقي سامان جي پئڪنگ به رات وچ ۾ ئي شروع ڪري ڏنيسين. ٻئي ڏينهن صبح جو محبوب اَسان کي صدر هلڻ لاءِ چيو.

جڏهن ته مون سامان شفٽ ٿيڻ تائين اَجا به ڪا گهڙي اتي ئي ترسڻ ٿي چاهيو، پر هن جي مرضي هئي ته اَسين هاڻ دير نه ڪريون ... هو سڀ سامان پنهنجي نظرداريءَ ۾ پاڻهي حفاظت سان ٽرڪن ۾ ڏياري موڪلائيندو ...

آخري ڀيرو گهر کي جيءَ ڀري ڏسي به نه سگهي هيس. نظرن ۽ گهر جي در ديوارن درميان لڙڪن جي ڌنڌ ڇانئجي وئي ... گلي ۾ ايڏا وڏ جو اَڪر به نٿي اُڪليو ٿيو ... خالي خالي ڪبٽن، شوڪيس، پتين ۽ ڇتين کي نگاهن سان چمندي الوداع ڪيم ... دل ته چاهيو پئي ته گهر جي هڪ هڪ سر ... وٽن جي هڪ هڪ ٽاريءَ کي ڀڻ ڀاڪر پائي روئي موڪلايان ... پر مون انهن سڀني تي ڀرپور پيار ۽ وڇوڙي واري آخري نظر وجهي، جڻ هميشهه لاءِ انهن کي پنهنجي دل جي ڪنهن ڳجهي خاني ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو ... مونکي لڳو ته سمورا وڻ ٻوٽا در ديوارون به مونکي ساڳي موٽ ڏيئي رهيا هئا ... مون اُنهن جو سُڏڪندڙ آواز ڇلڪيءَ طرح پنهنجي اَندر ۾ لهندي محسوس ڪيو ۽ هوريان هوريان انهن کي يقين ڏياريو ته هو منهنجي خيال، منهنجي اکين ۽ روح ۾ ... هر ساهه ۾، جيسين مان زنده رهندس آباد رهندا ...

ان مان پورچ وٽ اچي منهنجا قدم ڄڻ زمين سان ڇهڻي پيا ...

ڪرڻ تي، محبوب جو موڊ آف ٿي ويندو هو. مرشد ته پائيندو هو لطيف آباد مان اَڄ نڪرون سپاٽي ٻيو ڏينهن ٿئي. هو پنهنجي دوست معرفت وڏي مشڪل سان وحدت ڪالونيءَ ۾ هڪ گهر ڳولهي آيو، جنهن ڪي ڏسڻ ويس ته اصل هانءُ ئي سڙي ويو. ”اِهو به پڪ توهان کي ڪونه وڻندو.“ ... اُميد ۽ نااُميديءَ جي ٻه واٽي تي بيٺل سندس اِنهن لفظن مونکي ڪا راءِ ڏيڻ واري رعايت ئي نه ڏني ۽ پوءِ جيئن ڪاٽي ڪنڌ تي اَچي، تيئن مون به ان گهر کي وٺڻ لاءِ ڪٺي ها ڪئي ... پر شايد ته خدا کي منهنجي ان بي وسي واري هائوڪار تي کهل آئي، جو ان ساڳئي شخص، جنهن اَسان جي گهر جي عيوض پنهنجو گهر ۽ مٿان روڪ رقم ڏيڻي ٿي ڪئي، تنهن کي اسٽيٽ ايجنٽ اهڙي ڪا پوپٽي پڙهائي، جو پانيائين ته اَسان پنهنجو گهر ٻنهه مجبور ٿي ڪجهه ڏيڻ وٺڻ بنا خالي ڪري هليا ويندا سين ۽ هو پاڻ ان ۾ ايجنٽ سان مِلي پگهت ڪري، ٺهي جُڙي بالم بڻجي اَچي ويهندو. تنهن ڪري ڏينهن ٻن اَندر اَهڙو تاثر ڏنائين ته هن جڻ خلق خدمت جي جذبي تحت اهو گهر وٺڻ ٿي چاهيو، نه ته ڪيس ڪا اَهڙي ضرورت نه هئي. اَسان جي گهر جي ڪرندڙ قيمت جو حال اِهو هو جو پهرين رڳو پنج ڇهه پوءِ ته ماڳهين لک ڏيڍ تي اَچي ڳالهه بيٺي ...

رات جو اَلائي ڪهڙي پهر سرون لهڻ، ريتي ڇڻڻ ۽ ڪوڏرن جي آواز تي منهنجي اوچتي اک کلي، اندازو ٿيم ته پوئين پلاٽ تي ڏاڍي تيزيءَ سان گهر جي تعمير جو ڪم پئي هليو. ان مهل مونکي ’لوڪ لڏڻ ۾ چري اڏڻ ۾‘ جيان لڳي ... ڏک جي اَحساس دل جي هر تار ۾ جڻ درد ئي درد پري ڇڏيو ... سوچيم : فسادي حالتن هوندي به جيڪي لطيف آباد جهڙي دهشتگير علائقي ۾ گهر پيا جوڙائين، انهن کي پنهنجي محفوظ مستقبل جو ڪيڏو نه يقين آهي، هڪڙا اَسين سنڌي آهيون، جن کي اتي ڪنهن پَل به قرار نه هو. ٻاهريون ٻنون رکڻ جي باوجود منهنجي اها حالت هئي ته هر لهندڙ شام تي اِئين نظر وجهندي هئس ته وري ان کي ڏسڻ يا نصيب ... هر اُڀرندي سج، درين مان ڇڻي ايندڙ روشني، عجب ٿي ڏياريو ته مان اَڄ جو صبح ڏسي سگهي آهيان ... ’ڪاتي مار ڪاتي جيار‘ وارين حالتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اِئين لڳندو هيم، جڻ هاڻ جيئڻ وسرندو پئي ويو ...

ان رات ته ننڊ به ڏاڍي بي رحميءَ مان مونکي سوچن جي حوالي اَڪيلو ڇڏي، پاڻ ڪيڏانهن هلي وئي ... هيڏانهن سوچن پنيان سوچن، هٽي سِر وڄائي ڇڏيو ... ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته گهر جو نيٺ ڇا ٿيندو ... مونکي ته خبر ئي نه هئي ته پنهنجا ذاتي گهر ٻ ڪو اِئين ڳچيءَ ۾ اَچي پوندا آهن. چو نهرايوسين، اِهو گهر، جنهن جي اَڄ ڪا قيمت ئي ناهي ... سوچيم، ڪيڏو نه آٿت ملندو اِن لاڙڪاڻوي ٽولي کي، جن کي منهنجي ان ’ٻلي بنگلي‘ رهي ڪِ ’درد سور‘ نه ملڻ جو وڏو سور هو ۽ موقعو ملندي ئي رسالن ذريعي الل علان پنهنجي ا سور کي عوام آڏو اِئين پڌرو ڪيو، جڻ اَسان سندن گهرن ۾ ڌاڙو هڻي، ’درد سور پروف‘ ا ’ٻلوڙ بنگلو‘ جوڙيو هو، جنهن جي پروڙ پوڻ تي انهن مون خلاف خط لکي، پنهنجو ڪو ذهن ڪولسٽرول گهٽائڻ جي تحريڪ شروع ڪري ڏني.

صدارتي تقرير- **مهان ڪوي**

✍ اَرجن حاسد

دوستو،

ڪوي رويندرناٿ ٺاڪر چوندو هئو ”امي ڪوي“، هن صاحب پاڻ کي ڪوي چوڻ پسند ڪيو. اَسان سڀ، رابيندرناٿ ٽئگور طور، کيس سُڃاڻون ٿا. هوُ هڪ سگهارو ڪوي آهي. هُن صاحب پرڪرتيءَ کي به چاتو ته پيار کي به، پرڪرتيءَ سان جوڙيو. هونئن به پيار ۽ پرڪرتي ساڳيا عناصر آهن، ٻئي سپاويڪ نموني پاڻ ۾ رلِيل آهن. ٻنهي اَحساسن جو ’شانت‘ سان سنبنڌ آهي. شانت آهي پنهنجو پاڻ سان ويجهائپ، ايڪاگرتا. ڪٿي به هليا وڃون، ويٺي ويٺي ئي دک درد جو به سواد ماڻي ٿا وٺون. ڪوي ٽئگور جيان، اَسانجو ڪوي نارايڻ شيام به پرڪرتيءَ ۽ پيار جي ڪويءَ طور سُڃاتو ويندو آهي. ڪوي ٽئگور وٽ ’رويندر سنگيت‘ به آهي. اُهو جهيٽو شانت آلاپ، ڪويءَ جي زمين بينگال جي سونهن ۽ سوچ ڪان واقف آهي. اُها مڌرتا، جيڪا آڌياتمڪ سک ڏيئي ٿي وڃي، سانوري جوان انگ جو چهاءُ پائي. اَسان سنڌين وٽ به اَهڙي آلاپ جو ڏٺي، ڀڳت ڪنوررام صاحب آهي. ڀڳتي-رس سان اَسُر جي ويلا کي سجيوُ بڻائڻ وارو. ٻنهي جي صورت ڇبيءَ ڏي نهاريون، ٻنهي مان پنهنجائپ واري مهانتا جهلڪي ٿي. اَسان به ڏسندا ئي ٿا رهون ٻنهي کي، اَنوُٽ شرڌا سان، ڀاوڪ بڻجي.

گرديو هڪ مکيه ڳالهه چئي، ۽ هميشهه زور ڏيئي، هرڪنهن ملاقاتيءَ کي چوندو رهيو، پنهنجِي ٻوليءَ ۾ لکو. ٻولي ڌرتيءَ جي اُپج آهي، ماءُ پنهنجي ٻار کي ٿڃ پيئاريندي، اُهو اُچار ڏيندي ويندي آهي ۽ ٻار چپن ۾ مرکي، چوُسيندو ويندو آهي. جيڪڏهن اَسان ٽئگور وٽان ٻوليءَ جي آسيس نٿا سويڪار ڪيون، ته پوءِ اَسانجو جهول خالي ئي رهندو. صدين صدين کانپوءِ به قومون پنهنجو وجوُد، پنهنجي ٻوليءَ مان ڳولهي لهنديون آهن.

اَسان هتي ڪيترائي وشواس ڪٽي، گرديو جي قولهه ڪرڻ لاءِ اَچي گڏ ٿيا آهيون، ته سوچون، ته صرف خوشفهميون، قومن کي ساهه ڪڍڻ کون سيکارينديون آهن. حقيقتون ئي دوبدو ٿيِ سگهنديون آهن. اِها حقيقت آهي ته اَسان وٽ، هت ڀارت ۾ پنهنجي ڌرتِي ڪانهي. اَسان هن ڀوميءَ

پوءِ اَلائي ڪيئن گيٽ اورانگهي ٻاهر ڪار ۾ اَچي ويٺس ...

سرفراز ڪالونيءَ ڪان صدر واري گهر 'جيلاني منزل' ۾ مان لاڏين ڪوڏين پرڻجي آئي هيس ... 'قصر جيلاني' بہ ساڳي ئي گهر جي برانچ آهي ... جيڪا هاڻ اَسان جي بلي هئي، پر بہ هڪ نهيل نڪيل گهر ۾ جڏهن ٻئي گهر جو سڄو سارو سامان اَچي لهي تہ بي ترتيبي ماحول کي مُنجهايو ڇڏي، تنهنڪري گهر، گهر هوندي بہ مسافرخاني جو ڏيک ٿي ڏنو. هيڏانهن محبوب ۽ مرشد رات ڏينهن مزورن جي پڪي ساري چانگ سان گهر ٺهرائڻ ۾ جنبي ويا ...

مونکي اهو ڄاڻي خوشي ٿي تہ جنهن ٺيڪيدار ۽ مزورن لطيف آباد وارو گهر جوڙيو، اُنهن سائين جا سڀاڳا هٿ سٽيزن واري گهر کي بہ لڳا. جيسين گهر نهي راس ٿئي، تيسين هڪ هڪ پل صديءَ جيان ٿي لڳو ۽ شايد تہ اهي صديون گذارڻ جي همٿ ئي نہ ٿئي ها، جيڪر محبوب هر ڀيري 'باقي مهينو ... بس رڳو پندرهن ڏينهن ...' چئي دلاسا نہ ڏيندو رهي ها ... پر قافلي جي رات جيڏا ڏينهن، ڪٽائي مس ٿي تہ اوترائي ڏينهن وري اَچي اُن جي جاءِ والاريندا هئا ۽ اِئين ڏينهن پويان ڏينهن ويا ٿي لنگهندا ... پر اُن رات جڏهن هو سائيٽ تان موٽيو تہ پنهنجي ڪنن تي اعتبار نہ آيم، جڏهن اوچتي سرپرائيز ڏيندي چيائين، "صبح جو توهان کي نئين 'ارم نما' جو افتتاح ڪرڻو آهي!"

نئين 'ارم نما' اڳئين کان وڌيڪ سهڻي ۽ ڪشادي آهي، جنهن ۾ اَسان جي گهرج مطابق اُهي سڀئي سهوليتون موجود آهن، جيڪي شايد هُن گهر ۾ نہ هيون، پر هتي ذهني طور ايڊجسٽ ٿيڻ ۾ هڪ عرصو گهرجي ... گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏهائي ... پر ڪير ڏيندو، ان ڳالهہ جي گيرنٽي تہ سنڌين کي هڪ واري وري ڌرتيءَ تان ڌِڪي ٻين ڪندن ڏي نہ اُڇليو ويندو ...

اِها تہ خدا جي قدرت چئبي جو قاتلن، دهشتگردن ۽ سمگلرن کي حڪومت ۾ نمائندگي ملڻ ڪري، دهشتگرين ۽ ڪرفيوئن ۾ اَڄڪلهہ ڪا ناپر ٿي ڏسجي، پر ڌاڙا ۽ اغوا تہ اَڄ بہ ويرون وڌ آهن، جي ڌاڙيلن کي بہ حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪجي تہ هوند ڪُلَ جو خير ٿي وڃي.

اوچتو محبوب جي سَڏ تي مان پٽ تي لڳل تصوير تان نظرون هٽائي خيالن جي دنيا مان ٻاهر ٿي اَچان ... هُن اَندر ايندي چيو، "توهان اَچا اِتي ويٺا آهيو، سائين سوڀو گيانچنداڻي ۽ خان محمد پنهور جن اَچي ويا آهن."

مونکي فورا ياد آيو تہ اَڄ هائوس وارمنگ پارٽي آهي، مان هن سان گڏجي سندن آجيا ڪرڻ ٿي وڃان ... ۽ پوءِ ويرم ئي نہ گذري جو نئين 'ارم نما' کي رونقون بخشڻ لاءِ اَدب جي آسمان جا ستارا اَسان جي گهر پڌر تي هڪ ٻئي پويان رحمتن جيان ايندا ويا.

وهي ڪاتي جو نيھنون پنو

✍ لڇمڻ ڪومل

.....

منهنجو هم پيالہ سخنور 'هوا جي سامهون' بيٺل اَڏول امداد حسيني سچيءَ سنگت سان مونکي سنڌي اَدبي بورڊ جي آفيس ۾ وٺي هليو. ڏهہ ٻارنهن دوست هئاسين. اَدبي بورڊ جو سيڪريٽري منهنجو ڳوٺائي غلام رباني آگرو هئو. هن جي موجوده مارشل لا حڪومت سان بہ سڱابندي هئي. امداد ۽ طارق عالم مونکي ٻاهر ئي ٻڌي ڇڏي ڇڏي تہ ربانيءَ کي اهو نہ ٻڌائجِ تہ تون اِنڊيا مان آيو آهين. هن کي چئجِ تہ تون سينگاپور ۾ وسيل ساهتيءَ جو سنڌي آهين ۽ سنڌي ساهتيہ ۾ دلچسپي رکندو آهين - وغيره وغيره. مان حيرانيءَ سان پنهنجو سبق ياد ڪندو دوستن سان گڏ ربانيءَ جي آفيس ۾ گھڙيس. هو قربائتي نموني مليو.

سيني دوستن جي ٿانئيڪي ٿيڻ کانپوءِ ربانيءَ ميز جي خاني مان هوائي جهاز جي ٽڪيٽن جو هڪ ٿهو ٻاهر ڪڍيو ۽ هڪ ٽڪيٽ ڳولهي امداد حسينيءَ ڏانهن وڌائيندي چيائين : ''امداد، هيءَ تنهنجي اسلام آباد ۾ ضيا صاحب جي سڏايل 'اهلِ قلم ڪانفرنس' جي ٽڪيٽ آهي - بابا، هلڻ جي تياري ڪري وٺ.'' امداد ڪرسيءَ تان اُٿي بيٺو ۽ چيائين : ''مان نہ هلندس.''

''ڇو نہ هلندين؟'' ربانيءَ جومنهن ڪارانجي ويو. سڀ دوست امداد ڏانهن آفرينيءَ سان نهارڻ لڳا.

''نہ هلندس - معنيٰ نہ هلندس.'' ان ۾ ڪنهن حيلي حجت جي گنجائش ئي ناهي. غلام ربانيءَ ڦڪائيءَ سان ٽڪيٽ ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏي. ظفر حسن ربانيءَ ڏانهن ڦهري نگاهن سان نهاري رهيو هئو.

(اَڳتي هلي مونکي غلام رباني آگرو جي اها تحرير پڙهي حيرت ٿي تہ ''خلافت تحريڪ وقت عبيدالله سنڌي ترڪيءَ مان لِڪ چوريءَ (Incognits) جرمنيءَ پهتو ۽ اتي هٽلر سان وڃي مليو. عبيدالله سنڌيءَ جي يهودين خلاف ڀڙڪائڻ تي ئي هٽلر يهودين جو قتلِ عام ڪرايو.)

مان، گانڌيڌام مان، هن زمين مان، اهو سواد حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي. ڀائي پرتاب آڳواڻي ڪئي هئي، ڪنهن سياسي رُوبڪار بازي ڦيري وڌي. ائين ته هن شهر ۾ ئي اَسانجا ڀه وڏا ڪوي ڀه براجمان رهيا، دڪايل صاحب ۽ دلگير صاحب، ۽ هن زمين تي ئي، اَسانجي ٻوليءَ پنهنجو ويس وڳو، پنهنجي انگ تي سلامت نه سمجهو. ڊپٽو سرڪندو رهيو، سرڪندو رهيو، ۽ وري ڪڏهن ڀه تارازيءَ جا ڀه پڙ سڌي ڪانيءَ نه آيا.

سياست هميشه اَسان تي ڀلهار رهي آهي ۽ اَسان ڀه هميشه شڪرگذار رهيا آهيون. حقيقت کي صحيح لفظ ڏيئي، حقيقت جو روپ ڏيڻ جي سگهه، اَڄ جي ڪويءَ ۾ ڪٿي آهي، لنوائي ويندا آهيون، هڪ سهڻيءَ مرڪ سان، پشيمانيءَ کي پِي ويندا آهيون. هن ورهاڱي ڪانپوءِ، ڀيا ڀه ڪيترا ورهاڱا پاڻ ۾ جذب ڪندا ٿا وڃون، ته ڀه اَڃا ته سک جو ساهه ڪڍندا آهيون. اَڄ جو وشيه آهي، ''ٽئگور ۽ سنڌي ساهت''.

ڪوي رابيندرناٿ جي زمين جو ڀه ورهاڱو ٿيو، سياست جون مهربانيون اَنيڪ آهن. زمين جي ڀنهي ٽڪرن کي، ڪويءَ پنهنجا گيت ڏيئي ڇڏيا، ۽ ڀنهي ملڪن جي ماڻهن، اُنهن ڀنهي گيتن کي پنهنجي مستڪ تي مڙهي ڇڏيو. ڀنهي ملڪن کي پنهنجو قومي گيت ملي ويو. تڏهن ته مان چوان ٿو، ته ڪوي ٽئگور هڪ سگهارو ڪوي آهي، مهان ڪوي آهي. ڪويءَ کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ زمين سان، اَتُوٽ لڳاءُ هوندو آهي. ڪويءَ ۾ ئي قومون، پنهنجِي اَسَ ۽ چانوَ ڳولهينديون آهن. ڪوي ٽئگور ڀين ڀه ڪيترين وِڌائن سان جُڙيل رهيو آهي، سندس معيار گهڻو دلڪش آهي.

هن ڀن ڏينهن جي سيمينار ۾، ڪيترا ئي مقالا پيش ٿيندا. گرديو کي اَسان، ڪيترين ئي ڪُنڊن کان جاچينداسين، پروڙينداسين، سک پائينداسين. سڀ وشيه، سوچڻ لائق آهن. ڪي مقالانويس، اَڃا ڳڀرو جوان آهن، هن ساهتڪ ڪيتر ۾، هيءُ هڪ سنو پريوگ آهي. اَسانجون آشائون، اُميدون اُنهن ۾ آهن، جلوو پسائيندا ضرور.

اَسانجي مهاڪوي، شاهه عبداللطيف کي ڀه ذڪر هيٺ آندو ويندو، اَسانجي رڳن ۾ ڀه وري هڪوار، اُمنگ اُڀرندا، پاڻ کي نوٽبنو محسوس ڪنداسين. مهرباني.

(''ٽئگور ۽ سنڌي ساهت سيمينار''، آديپور، ۲۲-۲۳ آڪٽوبر ۲۰۱۱، ساهت اَڪادمي ۽ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان.)

✧✧✧

تان بيحد پيار ڪندا هئا ۽ ڏيساورن مان ڪمايل ناڻو Swiss بئنڪن ۾ نه
ڪندا هئا بلڪ پنهنجي ئي ملڪ جي بهبوديءَ لاءِ خرچ ڪندا هئا.

ربانيءَ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري سيني دوستن امداد کي
خريني ڏني. ان وچ ۾ ڪنهن ربانيءَ وٽ مخبري ڪئي ته مان سينگاپور
تان نه، بلڪ اِنڊيا مان آيو آهيان ۽ خيروءَ جي گهر رهيل آهيان.

فوجي آمر ضيا الحق پُٽي صاحب جي قاسيءَ ڪانپوءِ پاڪستان جي
اديبن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ اِسلام آباد ۾ پهرين اهلِ قلم
ڪانفرنس ڪوٺائي هئي. مون سان لاهور ۾ طيفل صاحب ان بابت ذڪر
ڪيو هئو. هو پاڻ، احمد نديم قاسمي، اشفاق احمد ۽ بانو قدسيه وغيره
ضيا جا حمايتي هئا، جن ڪانفرنس ۾ اهم بهرو ورتو پر قيتل شفائي
هندوستاني فلم لاءِ گيت لکڻ جو بهانو بڻائي بمبئي هليو ويو. ڪشور
ناهيد ۽ هن جي هم خيال اديبن شرڪت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽
پاڪستانين مونکي چاڻ آهي ته سنڌي اَديبن مان ان (پهرئين) اهلِ قلم
ڪانفرنس ۾ رڳا به 'اهلِ قلم' ويا (نالا ڏيڻ ضروري ناهن). اَڳتي هلي
مونکي چاڻ پيئي ته ايندڙ سالن وارين ڪانفرنسن ۾ سنڌيءَ جي ڪن
معتبر ۽ آبرودار اَديبن پڻ شرڪت ڪئي هئي ۽ اتي ڪيترن موقعن تي
سين ڏنو ٽيٽو پيو (انهن مان ڪيترا اَڄ اَسان وٽ نه رهيا آهن پر سندن
ادبي رُتبو برقرار آهي.)

ان ئي رات مان خواجه صاحب سان هيٺ بينڪ ۾ ڪچهري ڪري
رهيو هوس جو مٿي خيروءَ کي ربانيءَ جي فون آئي. چڱيءَ دير تائين
ربانيءَ سان ڳالهائي خيرو هيٺ آئي ۽ چڱي هراسيل ٿي لڳي. هن
ربانيءَ سان ٿيل سڄي گفتگو ٻڌائڻ شروع ڪئي. هن جي آواز ۾
گهبراهٽ سان گڏ ڪاوڙ پڻ هئي. رباني خيروءَ کي چئي رهيو هئو :-
"گُڏي، توکي اهلِ قلم ڪانفرنس ۾ هلڻو ئي پوندو - انڪار ڪرڻ تي
پنهنجي خلاف ڪو سخت قدم کڻي سگهي ٿو. تون اَجا مهنو اَڳ اِنڊيا
مان ٿي آئي آهين. مٿان وري تنهنجي گهر اِنڊيا مان آيل هڪ مهمان
رهيل آهي. حڪومت انهن سيني ڳالهين جي پوري جاچ رکندي آهي. ان
ڪانسواءِ يونيورسٽيءَ ۾ تنهنجو پروموشن ٿيڻ وارو آهي - ڪٿي اِئين نه
ٿئي جو پروموشن بدران ماڳهين توکي نوڪريءَ تان ئي هٿ ڌوئڻا پون -
ڪا ڪو هيو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي. انڪري ڪجهه سياڻپ کان ڪم

تاريخ جو قتل عام اِئين ئي ڪيو ويندو آهي - بهرحال، محترم ڪئرن آرمسٽرانگ جو شاهڪار ڪتاب 'History of God' (خدا جي تاريخ) جو پويون باب 'Death of God' (خدا جو موت) غلام رباني آگرو جي سچي بيان کي ئي نفي (Negate) ٿو ڪري.

هي نومبر سال اَسيءَ جو زمانو هئو - ڏيڍ سال اَڳ پٽي صاحب کي ڦاسي آئي هئي. سڄي ملڪ مٿان ضيا الحق ۽ فوج جي دهشت ڇانيل هئي. ڪيترن اَدبي ۽ تعليمي ادارن جا سربراهه پڻ فوجي جنرل هئا. هرڪو هڪ ٻئي کان ڊڄي رهيو هئو ته مٿان اَڳلو سرڪاري مخبر هجي.

ڳالهين ڳالهين ۾ ربانيءَ مون کان پڇيو : ''اِئين ڇو آهي جو ساڳئي ئي ملڪ، ساڳيءَ ۽ ثقافت ۽ ساڳيءَ ئي مٽي (ڌرتي) جا ماڻهون هوندي به ڏيساورن ۾ سنڌي هندن جا ڏنڊا ڏاريون ۽ واپار ڦهليل آهن پر سنڌي مسلمانن جو خود اسلامي ملڪن ۾ به ڪو سڪٽو دوڪان به ڪونهي.'' چيومانس : ''رباني صاحب، سنڌي هندن جو صدين کان، خود اِسلام کان به اَڳ ڪوهه قاف تائين وڻج واپار هلندو رهيو آهي. مون 'Robin Lane Fox' جي سڪندر اعظم جي بايوگرافيءَ ۾ پڙهيو آهي ته سڪندر اعظم جڏهن جنگي مهم تي ويندي وات تي وينس (Venice) شهر مان لنگهيو ته اتي جنهن وڏي ۾ وڏي دوڪان تان هن سازو سامان خريد ڪيو، اهو سنڌيءَ جو هئو (ان وقت سنڌي نه هندو هئا ۽ نه مسلمان - رڳو سنڌي هئا) جاوا ۽ سوماترا جا ٻيٽ وسائڻ وارا سنڌي واپاري هئا. سمرقند ۽ بخارا ۾ شڪارپوري سنڌين جون ڪوٺيون پنج سال اَڳ مان پاڻ ڏسي آيو آهيان. مان اهي ٿلها (Plateform) به ڏسي آيو آهيان، جتي ڪنيزن جي نيلام جا واڪ لڳندا هئا ۽ ضرورت پوڻ تي خريدار (اَڪثر عرب) سنڌين جي پيڍين تان قرض وٺي ڪنيزون ۽ ٻانها خريد ڪندا هئا - واڻيا، واپار سانگي سالن جا سال پنهنجن گهرن کان ٻاهر رهندا هئا ۽ جَتَ ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر نڪرڻ جو به ست نه ساري سگهندا هئا - وڏ ۾ وڏ پنهنجي ڪنهن ويجهي شهر ۾ ويا ته جڻ چين ولايت ٿا وڃن. هندو مينهن وسندي لاءِ ميڙي چوندي رکندا آهن ۽ مسلمان مينهن وسڻ کان اَڳ ئي پنهنجن پلنگن جا پاوا چِبا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پٽين ڇتين ۾ سوراخ ڪري رکندا آهن. (بحث جاري هئو.)

رباني مون سان ان ڳالهه تي متفق ٿيو ته سنڌي هندو پنهنجي وطن

هئا؟ سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر غلام علي الانا صاحب هئو. هدايت پريم اڳ ئي پبلسٽي ڪري ڇڏي هئي ته انڊيا مان آيل هڪ ليکڪ سنڌالاجي ڏسڻ اچي رهيو آهي ته ٻيا به ڪيترا دوست منهنجي آجياڻي لاءِ اتي بيٺا هئا. ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين جو هجوم سنڌالاجيءَ ٻاهران گڏ ٿيل هئو. اَسانجي پهچڻ تي هدايت پريم سنڌالاجيءَ ۾ وڃي منهنجي اَندر اچڻ جي اِجازت وٺڻ ويو. هن خاصي دير لڳائي ڇڏي - ڇڱي اِنتظار ڪانپوءِ هن ٻاهر اَچي ٻڌايو ته اَلانا صاحب ٻاهر ويل آهي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر (جنهن جو نالو شايد نظاماڻي صاحب هئو) جو چوڻ آهي ته هڪ هندوستانيءَ کي سنڌالاجي ڏسڻ جي اِجازت نٿي ڏيئي سگهجي. هدايت پريم ڏاڍو پشيمان ٿي رهيو هئو جو هن ئي مون کي سنڌالاجي ڏيکارڻ جو ذمو کنيو هئو. امداد، ظفر حسن، طارق عالم، خرب الله ميمڻ، ولي رام ولڀ ۽ ٻيا دوست سخت ڪاوڙ ۾ هئا. ظفر حسن نظاماڻي صاحب کي ٻاهر سڏايو ۽ هن کي سَٺ سُري ٻڌائيندي چيائين : ”مسٽر - هڪ سنڌي ليکڪ کي سنڌالاجي ڏسڻ نه ڏيندا ته ڇا ڪنهن آفريڪي حبشيءَ کي ڏيندا؟“ مان چپ چاپ نظاماڻي صاحب ڏانهن ڏسندو رهيس. مارشل لا ڪيترن کي ذهني طور مفلوج ڪري ڇڏيو هئو.

نظاماڻي صاحب هڪ باريش ۽ شاهاڻي ۽ سنجيده شخصيت جو مالڪ هئو. هن جي چهري تي ڪنهن به رد عمل جا آثار نه هئا - مونکي هو نيڪ نيت پر ڊڄڻو شخص لڳو، جنهن کي اهو خوف کائي رهيو هئو ته متان هن جي ملازمت نه جوکي ۾ اَچي وڃي. اَڳتي هلي مونکي ڄاڻ پيئي ته الانا صاحب موٽي اَچي هن تي اَهڙي فيصلي لاءِ سخت ڇوهه ڇنڊيا هئا.

دوستن جو موڊ ڏاڍو بگڙيل هئو، خاص طور هدايت پريم ڏاڍو ڏکويل هئو، جو ڪن دوستن جو رايو هئو ته هدايت بنا ڪنهن اعلان ڪرڻ جي سان ميٽ ۾ مونکي وٺي وڃي سنڌالاجي ڏيکاري اَچي ها - ڏک ته مونکي به ڏاڍو هئو پر ان جو ڏيک نه ڏنم.

ٻاهر اَچي اَسين ڇپر تي ڪرسيون وڇائي ويهي رهياسين - ماحول کي خوشگوار بڻائڻ لاءِ اَسان اَدبي ۽ ثقافتي ڳالهيون شروع ڪيون. سياسي گفتگو ممنوع هئي. مذهب ته پر پر مذهبي رواداريءَ تي پڻ رائزني ڪرڻ خطري کان خالي نه هئو.

ون - تنهنجي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ مان تو ڏانهن سپاڻي ئي موڪلي تو ڏيان.'' - بيو به گهڻو ئي ڪجهه - رباني‌ءَ جي نصيحت ۾ نصيحت ڪان وڌيڪ ڌمڪي سمايل هئي. رباني‌ءَ جي ان رَوَيي تي خواجه صاحب به سخت رنجايل ٿي لڳو.

ڪجهه ساهي پٽڻ کانپوءِ خيرو جڏهن سامت ۾ آئي ته مونکي چيائين : ''توهان واٽيا ڏاڍا سياڻا هوندا آهيو - مونکي صلاح ڏي ته ڇا ڪريان؟ مان وڃڻ به نٿي چاهيان ۽ جند به ڇڏائڻ ٿي چاهيان.''

چيومانس : ''خيرو تون هينئر وڃي بي فڪري ٿي سُڪون سان سمهي پئه - صبوح جو مان توکي اَهڙو ڪو رستو ٻڌائيندس جو توکي نيند ڏيڻ وارا پاڻ ئي تو جهڙي‌ءَ هڇا مان هٿ ڪڍائي ويندا.''

خيروءَ اها سڄي رات بي آرامي‌ءَ ۾ گذاري. صبوح جو هوءَ ٽن سالن جي صائمه کي هنج ۾ کڻي هيٺ آئي - خواجه صاحب به فارغ ٿي آرام ڪرسي‌ءَ تي اَچي ويٺو.

خيروءَ اُبهرائي‌ءَ مان پڇيو : ''ڪجهه سوچيه؟'' چيومانس : ''ڏيان سان ٻڌي وٺ ۽ اَڄ ئي اُن تي عمل ڪر. صائمه کي اِئين ئي هنج ۾ کڻي رباني‌ءَ سان روبرو وڃي گڏج - چئين منهنجي هي‌ءَ نياڻي هڪ پل به مون کان پري نه ٿي سگهندي آهي. انڪري مون ڪانفرنس ۾ هن کي به ساڻ وٺي هلڻو پوندو. ۽ هن کي هنج ۾ وهاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ته ممڪن نه ٿي سگهندو. هن کي سنڀالڻ لاءِ پنهنجي‌ءَ ماءُ کي به وٺي هلڻو پوندو. توهان مون لاءِ جهاز جي ٽن ٽڪيٽن جو اِنتظام ڪريو ته مان هلڻ لاءِ تيار آهيان.'' خيروءَ جي اَهڙي‌ءَ گُهر تي غلام رباني آگرو جا لاهه نڪري ويا. نه هو ٽي ٽڪيٽون خيروءَ کي ڏيئي سگهيو ۽ نه ئي خيروءَ کي اهلِ قلم ڪانفرنس ۾ وڃي ضيا الحق جو ديدار ڪرڻو پيو.

چيومانس : ''خيرو، هاڻي عيد ڪر.'' چيائين : ''عيد ان ڏينهن ڪنديس جنهن ڏينهن مُئو قاضي مرندو.'' خبر ناهي قاضي مري ويو آهي يا اَڃا جيئرو آهي، پر خيرو ته مري ويئي آهي ۽ ويڇڙائي‌ءَ ۾ رباني به راهه رباني وٺي ويو آهي.

ٻئي ڏينهن هدايت پريم ۽ ٻين دوستن مونکي سنڌالاجي ڏيکارڻ لاءِ وٺي هلڻ جو پروگرام رٿيو. اَسين ويهارو کن دوست سنڌالاجي‌ءَ پهتاسين. ٽن ڏينهين منهنجا دلبر دوست شوڪت شورو ۽ سليم ميمڻ الائي ڪٿي

پوري اشتياق ۽ دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا.

منهنجي سنڌ اَچڻ کان مهنو کن اَڳ سنڌو ڪلا سنگم هڪ بولڊ ئو تجرباتي ناٽڪ پيش ڪيو، 'سچ جي پوئين ڪرٽي کان سچ جي پهرئين ڪرٽي تائين'. ناٽڪ جي ٿيم نه رڳو سنڌي سماج لاءِ نئين هئي، پر بيحد ساهس واري هئي. جيون گرسهاڻيءَ جهڙو جريت ڀريو هدايتڪار ئي اَهڙو بي باڪيءَ وارو ناٽڪ پيش ڪرڻ جو ست ساري ٿي سگهيو. اَسان کي اَحساس هئو ته اَسين سنڌي رنگ منچ تي هڪ وڏو جوکم کڻي رهيا آهيون - ناٽڪ يا بيحد ڪامياب ويندو يا ناظرين جون ملامتون ڀوڳينديون. نصيب سان ناٽڪ سنڌي درشڪن کي، خاص طور نوجوان طبقي کي ايترو ته پسند آيو جو ان جا ڀيا به ڪيترائي 'شوز' (Shows) ڪرڻا پيا.

'سچ جي پوئين ڪرٽي کان سچ جي پهرئين ڪرٽي تائين' هڪ رات جي واردات آهي، جيڪا نيوگ (NIYOG) جي رسم تي هڪ خاص سماجي بنياد تي بيٺل آهي.

ويدڪ دورَ ۾ ڀارت ورش ۾ آريه پٽرن (تن ڏينهين هندوستان جا رهواسي نه هندو هئا ۽ نه ملڪ جو نالو هندوستان هئو) واريءَ سماج ۾ هڪ اَهڙي رسم هئي، جنهن کي 'نيوگ' جي رسم ڪري ڪوٺيو ويندو هئو. 'نيوگ' (Legal Adultery) قانوني طور مروج وِڀچار (زِنا) آهي جنهن ۾ قانوني ۽ سماجي طور، اولاد نه ٿيڻ جي حالت ۾ جوان عورت جي نااهل مڙس جي مرضي ۽ اِجازت سان هڪ ٻئي مرد مان حامله ٿيڻ جائز قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان رات لاءِ عورت پنهنجي پسنديءَ جو مرد چونڊي سگهي ٿي. اهو حق هن کي ٽن راتين لاءِ حاصل آهي.

ناٽڪ ۾ ان دورَ جي سماجي ۽ سياسي ماحول، راج دربار ۾ بي اولاد راجا مٿان درٻارين جو دٻاءُ ۽ راج گديءَ جو وارث پئدا ڪرڻ واري وشيه آهي. اَڳتي هلي ان دورَ جي اها رسم ڪئن ختم ٿي ان بابت مان ايندڙ پنن ۾ تفصيل سان لکندس.

ناٽڪ ۾ هڪ انصاف پسند، اداردل ۽ رحمدل راجا آهي. هن جو پنهنجي راڻيءَ سان بي انتها پيار آهي - شاديءَ کي سال ٿي ويا آهن پر کين ڪو اولاد نٿو ٿئي. راجا کي پنهنجي ڪوتاهيءَ جو اَحساس آهي ۽ راڻي بيحد حسين ۽ تندرست آهي پر هوءَ پنهنجين جسماني ۽ جنسي خواهشن مٿان ضبط رکي راجا سان پوري وفادار آهي.

اَدبي برادريءَ جون ڪجھ اَديبائون پڻ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هيون.
تنوير جوڻيجو مون کان هند ۾ هلندڙ ساهتڪ سرگرمين بابت ڄاڻڻ چاهيو ۽ مون تفصيل سان هند جي سنڌي اَدبي منظرنامي جو هڪ سني داستان گو جيان دلچسپ اَحوال ڏنو. ڳالهيون هلنديون هند ۾ سنڌي ٿيئٽر ۽ ناٽڪ جي اوسر بابت ٻڌائيندي مون کين ڄاڻ ڏني ته اَدب ۽ ثقافت جي سيني شاخن جي ڀيٽ ۾ اتي سنڌي رنگ منچ تمام تکڙي ترقي ڪئي آهي.

مان دهليءَ جي سنڌي ٿيئٽر گروپ 'سنڌو ڪلا سنگم' جو سرگرم ميمبر رهيو آهيان. سنگم دهلي ۽ دهليءَ کان ٻاهر هندوستان جي ڪيترن شهرن ۾ سوَ کان به وڌيڪ يڪ فصلي، ٻه فصلي ۽ ٽِفصلي ناٽڪ بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا آهن - منهنجا ٽي فُل لينٿ (Full length) سنگيت ناٽڪ ۽ ٻيا ڪي ته فصلا ناٽڪ ۽ بادل سرڪار جو نُڪڙ ناٽڪ (Street Play) 'جلوس' جنهن ۾ ڊانچو بادل سرڪار جي بينگالي ناٽڪ 'مڇيل' جو هئو پر ڊائلاگ سنڌي ماحول وارا منهنجا هئا، دهليءَ کانسواءِ ڪلڪتي، بمبئي، اَحمدآباد، جئپور، آديپور وغيره شهرن ۾ شهرت ماڻي چڪا آهن. آغا سليم جي ناٽڪ کي ڪلڪتي جي 'آل اِنديا ڊراما فيسٽيول' ۾ جدا جدا شهرن مان آيل ويهارو کن ناٽڪن ۾ پهرئين نمبر جا سڀ اَوارڊ حاصل ٿيا - ان جو ڪريڊٽ آغا سليم کي ته آهي ئي پر جيون گرسهاڻيءَ جي هدايتڪاري ۽ هيم ناگواڻي ۽ موهني وجيه جي اَداڪاريءَ شڪارپور جي شهزادي جي لکيل ناٽڪ جي تاريخي ڪردارن کي نئين سر جيئاري ڇڏيو.

ان جا تفصيل منهنجي سدا حيات دوست هيم ناگواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'مور نچندا رهندا' ۾ درج ڪيا آهن - هو ان ڪتاب جو ٻيون ڀاڱو لکي رهيو هئو پر عمر هن سان وفا نه ڪئي. جيون، هيم، هريڪانت ۽ مان ان سنستا سان سالن تائين لاڳاپيل رهياسين - هينئر نه جيون رهيو آهي، نه هيم ۽ نه هريڪانت ۽ مان به ڳيتون ڏيندو پنجهتر پار ڪري چڪو آهيان - سنڌو ڪلا سنگم به ٽڙي پکڙي ويو آهي.

سنڌالاجيءَ ٻاهران سائيءَ ڇپر تي اَسين ويهه پنجويهه دوست رهاڻيون ڪري رهيا هئاسين. چاءِ جي دورَ سان مان کين هندوستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي نون تجربن بابت اَحوال ڏيئي رهيو هوس، جيڪو هو

'کاجوراهو' جهڙا مرد عورت جي جنسي سنبنڌ بابت اِسٽيج ٿيندڙ اوپيرا
ناٽي هتي عام آهن.

جيون ۾ هيم جي دلي تمنا هئي ته سنڌ هلي 'جڏهن مان نه
هوندس' ۽ 'هي پياسو من منهنجو' جهڙا ناٽڪ پيش ڪريون پر سندن اها
خواهش پوري نه ٿي سگهي ۽ هو اها حسرت سانڍي هليا ويا. مون کي
خوشي آهي ته اَساڻجي ناٽڪ 'جلوس' ۾ سنڌ جي دوستن عمر قاضي ۽ نور
احمد ميمڻ پڻ ننڍو رول نڀايو ۽ جام ساقي ڏسي بيحد متاثر ٿيو.

ان رات اعجاز قريشيءَ منهنجي ۽ ڪن دوستن جي پنهنجي گهر
مهماني ڪئي. اعجاز مون کي پنهنجي والد سائين علي احمد قريشيءَ
سان ملايو. مون جڏهن ئي نِوڙي سندن پيرن تي هٿ رکيو ته منهنجي
سڄي جسم ۾ ڪي Vibes (قلبي لرزشون) پيدا ٿي ويون. سائينءَ جي
شخصيت مونکي سندن گرويده ڪري ڇڏيو. سائينءَ مونکي پنهنجيءَ پر
۾ ويهاريو - قُريشي صاحب ۽ ويٺل دوست مون کان هندوستان جو حال
احوال وٺڻ لڳا. مون کين شروع ۾ ئي عرض ڪيو ته مون کان ڪو سياسي
يا مذهبي قسم جو سوال نه پُڇن. مون کين هندوستان ۾ سنڌي ٻوليءَ،
سنڌي تعليم، ڪلچر، ساهتيه، سماج وغيره جي وادارن بابت تفصيلوار
احوال ڏنو - سڀئي دلچسپيءَ سان ٻڌندا رهيا. کين خوشي ٿي رهي هئي
ته هندوستان ۾ جتي سنڌين جي آبادي ملڪ جي ڪُل آباديءَ جو اَڌ
سيڪڙو مس آهي، اتي سنڌي ٻولي پارٽي آئين ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو
حاصل ڪري چڪي آهي. ۽ جنهن ڌرتيءَ جي اها ٻولي آهي اتي اها
تسليميءَ کان محروم آهي - پر مان ڳالهه ٻولهه ۾ بيحد محتاط هوس.

ويٺلن مان ڪنهن سوال ڪيو : ''مهانگائي هندوستان ۾ وڌيڪ آهي يا
پاڪستان ۾؟'' چيومانس : ''دوست، هتان جي موجوده مارشلائي ماحول ۾
ان سوال جي نوعيت به سياسي آهي - پوءِ به تنهنجي سوال جو جواب
هيءُ آهي :- ''لاهور کان هتي ٽرين ۾ ايندي مون ڏٺو ته مٿي 'وارننگ'
لکيل هئي : ''بنا ڪارڻ زنجير ڇڪڻ جو پنجاهه روپيا جُرمانو آهي.'' پر
هندوستان جي ٽرينن ۾ بنا سبب زنجير ڇڪڻ (گاڏي بيهارڻ) جو ڏنڊ
اڍائي سوَ روپيا آهي. هاڻي ٻڌاءِ ته مهانگائي ڪٿي وڌيڪ آهي؟''

سڀ ٽهڪ ڏيئي کِلڻ لڳا.

اوچتو اعجاز جي بنگلي ٻاهران گهڻو گوڙ شور شروع ٿي ويو. اَسان

راڄ درٻاري فڪرمند آهن تہ راڄ جو وارث ڪٿان ايندو؟ مکيہ منتري راجا مٿان ’نيوگ‘ جي پرٿا (رسم) عمل ۾ آڻڻ لاءِ راڻيءَ کي مڃائڻ لاءِ زور آڻي رهيو آهي. راجا سخت مونجهاري ۾ آهي. راڻي ڪنهن ٻئي مرد سان مباشرت لاءِ مڃڻ کان صاف انڪار ڪري رهي آهي. سڀ منتري ميڙ ڪري راڄ محل ۾ راڻيءَ کي مڃائڻ لاءِ اَچن ٿا ۽ هن کي ڪانئن پوءِ راڄ ختم ٿي وڃڻ جي اَنديشي جو اَحساس ڏيارن ٿا. هو راڻيءَ کي مرد جي چونڊ جو حق ڏين ٿا. سڀ کان جوان ۽ خوبصورت منتري راڻيءَ سان رات گذارڻ لاءِ ڊپ ڊاو هيٺ مڃي ٿو.

هي ناٽڪ جو پهريون منظر آهي.

مون کي ياد ناهي تہ ڄامشوري جي سائيءَ چپر تي مون دوستن کي تہ فصلہ ناٽڪ جا ٽيئي منظر ڏيکاريا هئا يا نہ؟ پر مون کين ايترو اَوس ٻڌايو هئو تہ ٻئي منظر ۾ راڻيءَ جوان منتريءَ سان سنيوڳ (جماع) واري سڄي رات راجا جو رول اَدا ڪندڙ سنڌي رنگ منچ جي يگاني اَداڪار هيم ناگواڻيءَ چاندوڪي رات ۾ پنهنجي محل جي جهروڪي ۾ سڄي رات اَڄ-وڄ ڪندي، اهو سوچيندي تہ هن جي پياري راڻي، سندن ئي خوابگاهہ ۾ ڪنهن ٻئي مرد سان همبستر آهي، سرگوشين ۾ مونولاگ واري انداز ۾ ڊائلاگ چپن ۾ چوندي ۽ چهري جي ڀاوَ سان اَندر جي پيڙا کي ڏيکاريندي درشڪن جو روح روئاري ڇڏيو هئو.

مون اَهڙي موشگاف اَداڪاري رڳو لارينس آليور (Lawrence Oliver) جي 'King and I' ۾ ڏٺي آهي، جنهن ۾ هو ذبح ٿيل مرغيءَ وانگر ڪنيزائيون هٿي ڦٿڪي ٿو.

راڻيءَ جي رول ۾ موهني وڃيہ ۽ جوان منتريءَ جي رول ۾ گوپال پنجواڻيءَ پڻ پنهنجي جاذب اَداڪاريءَ سان سنڌي رنگ منچ جا نوان دريچا کولي ڇڏيا. خاص ڪري ’سڄ جي پوئين ڪرٽي کان سڄ جي پهرئين ڪرٽي تائين‘ (سڄي رات) ٻيئي سنيوڳ جو سک ماڻي اِسٽيج تي خوابگاهہ مان ظاهر ٿيا تہ ٻنهي جي چهرن تي چمڪ ۽ جنسي آسودگيءَ جا ڀاوَ اَداڪاريءَ جو اَنوکو مثال هئا.

مان سمجهان ٿو تہ سنڌي پابند سماج ۾، خاص طور سنڌ جي مذهبي ماحول ۾ اَهڙو بي باڪ ناٽڪ عوام اَڳيان پيش ڪرڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. پر هندوستان ۾ ’سکارام بائينڊر‘ جهڙا ڪليل ناٽڪ ۽

رهندو - هو پاڻ سان هڪ رلِي کڻي ايندو هئو ۽ شام جو اها ويڙهي سيڙهي واپس کڻي ويندو هئو - اَسين هن کي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪيترو زور ڀريندا هئاسين ته هو وڏ ۾ وڏ چاءِ جو هڪ ڪوپ پيئندو هئو. هو ڳالهائيندو هڪ اَکر به نه هئو، رڳو اَسان کي ٻڌندو هئو. هن ڪڏهن به ڀيرو نه ڀڳو.

هڪ ڏينهن مون خيروءَ کان پڇيو، ”هي نماڻو نينگر ڪير آهي، جيڪو هيئن نيم ٽيم سان ايندو ٿو رهي ۽ سوڙهو سڪوڙو ٿيو هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو ٿو رهي؟“ خيروءَ ٻڌايو ته هي (مون کان نالو وسري ويو آهي) هن جو ڏورانهون غريبڙو مائٽ آهي - ڳوٺڙيءَ مان پنهنجي ماءُ جي هٿ جي ڀريل رلِي تو لاءِ کڻي ايندو آهي پر توکي ڏيڻ جي همٿ نٿي ٿئيس. اَڄ مون کان پڇڻ لڳو ته اَدو مون کان هيءَ رلِي وٺندو؟“ چيومانس : ”ڇو نه وٺندو؟ اَڄ وڃڻ وقت ڏيئي وڃجانس.“ شام جو ان معصوم ڇوڪري ڏڪندي ڏڪندي مون کي رلِي ڏني ته منهنجيون اَکيون ڀرجي آيون. مون وٽ هن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه بچيو ئي نه هئو - مان ساڙهيون، ڪپڙا لٽا ۽ ڪتابن جو سڄو ٻاچڪو اَڳ ئي ورهائي چڪو هوس - مدد به ناراض هئو جو هن لاءِ رڳو هڪ اَڌ ڪتاب ئي بچيو هئو. مون ڪيسي مان پارڪر جي پين ڪڍي هن کي ڏني، جيڪا هن تمام گهڻي زور ڀرڻ کان پوءِ ورتي.

مون کي هي معصوم ڇوڪرو سنڌ جي ڳوٺاڻي اشراف سنڌي مسلمان جي علامت لڳي رهيو هئو - اَهڙو هڪ معصوم غريب ٻار مونکي پوئين ڀيري مليو هئو جڏهن مان قمر شهباز، سليم ميمڻ، عبدل رحمان شورو سان گڏ ڪينجهر تان ڪراچيءَ موٽي رهيو هوس ۽ اَسين رستي تي تازي مڇي وٺڻ لاءِ ترسيا هئاسين. منهنجي دل ڪري پيئي ته مان پنهنجي قميص لاهي هن کي پارايان ۽ هن جو ڦاٽل ليڙون ٿيل پهراڻ مان پائي ڇڏيان. قمر شهباز مون کي سڄاڳ ڪندي چيو، ”ڪنهن کي ڪنهن کي پنهنجي قميص لاهي پارائيندين؟“

نصير مرزا، نثار حسيني، اياز عالم اَبڙو، طارق ۽ ٻيا دوست ڪنهن جاءِ تي گڏجاڻيءَ جو وقت مقرر ڪندا هئا ۽ گڏجاڻيءَ کان ٿورو اَڳ مصلحتن ڪئنسل ڪري ڇڏيندا هئا. شايد ڪين به خبر هئي ته ڪنهن نه ڪنهن ويس ۾ ڪي مخبر به اتي پهچي ويندا.

يڪدم پنهنجا گلاس ميز هيٺان لڪائي ڇڏيا. اعجاز گهبرائجي ٻاهر ويو. ٿوري دير ۾ موٽي اچي ٻڌائين، ”مڙيوئي خير آهي - پليجي صاحب جي پارٽي عوامي تحريڪ جا ڇوڪرا ٻاهر بيٺا گوڙ ڪري رهيا آهن ته مهمان ڪي اسان سان ملاءِ.“ ويهن پنجويهن جوانن جو لڏو هئو - هنن اندر پئي چاهيو پر اعجاز ڪنهن ريت ڪين ان ڳالهه کان باز آندو ۽ مون کي پاڻ سان ٻاهر وٺي آيو.

گيٽ کان ٻاهر نڪرڻ تي تحريڪ جا شاگرد مون کي ورائي ويا. بيحد جذباتي جوان هئا - ڪو ڪجهه پڇي رهيو هئو - ڪو ڪجهه. مان پاڻ تي ضبط رکي ڪين منهن ڏيئي رهيو هوس - اڌ مني ڪلاڪ تائين مون مٿان سوالن جي بوڇاڙ ٿيندي رهي پر مان هر سياسي قسم جي سوال کان نٽائي رهيو هوس. اعجاز مونکي اندر وٺي اچڻ لاءِ آتو هئو ۽ ڇوڪرا اعجاز سان وڙهي پيا. جئن تئن ڪري قريشي صاحب اچي منهنجا پلاند آجا ڪرايا. پليجو صاحب ان وقت جيل ۾ هئو. ڪجهه سالن بعد هن مونکي دهليءَ ۾ ٻڌايو ته اهي جوان منهنجا موڪليل هئا ۽ تو سان ٿيل ڳالهين جو سڄو احوال مونکي جيل ۾ ملي چڪو هئو. پليجي سان هندوستان ۾، خاص طور بئنگلور ۾ ٿيل ڪچهرين ۽ شغل جو تفصيلي احوال اڳتي هلي لکندس.

سائين علي احمد قريشي مون لاءِ عبادت جو درجو رکي ٿو. مون پنهنجيءَ آتم ڪٿا جو ٽيون ڀاڱو ڪين ئي ارپڻ ڪيو آهي. سائين مون وٽ دهليءَ آيا هئا ته مون ۽ گوپيءَ کين بيحد مانُ ۽ عزت ڏني هئي. مون کين پراڻي دهليءَ جا شاهجهاني مارڪيٽ ۽ چاندني چوڪ گُهمايو هئو - سائينءَ سنڌ وڃي هتان جو سفرنامو ’جمنا جي ڪناري‘ لکيو ۽ مون ان تي آل انڊيا ريڊيو تان ڀرپور تبصرو نشر ڪيو هئو. سائين علي احمد قريشي مون لاءِ ڪعبو قبلو آهن.

خيروءَ جي گهر جي هيٺئين بينڪ ۾ رات دير تائين دوستن جو ميڙ متو پيو هوندو هئو. جيسين خيروءَ جي ماءُ هيٺ اچي سيني کي سٽ سُربون نه ٻڌائيندي هئي تيسين دوست اُٿڻ جو نالو نه وٺندا هئا. ان ڪچهريءَ ۾ هڪ ارڙهن اڻويهن سالن جو معصوم غريب ڇوڪرو روز ڪوٺڙيءَ مان اچي هال جي هڪ ڪنڊ وٽ چپ ڪري اچي ويهندو هئو ڏاڍي اُتساهه سان اسان جون ادبي ڳالهيون ۽ شعرو شاعري وغيره ٻڌندو

پرستيءَ کي مڃڻ لڳو.

آب حيات گهٽڻ تہ ورتو پر طارق اَشرف جهڙن پرهيزگارن شربت روح افزا تي اعتفا ڪئي. پوءِ بہ گُهگهيءَ ۾ ولايتي مشروب جو خاصو مقدار بچيل هئو. امداد سرهاڻين ۾ مون کي چيو : ”هيءَ بچيل مال پاڻ سان کڻي هلون؟“ چاڻي چاڻٺهار مرشد سائين امداد جي ارادي کي سمجهي ويو. چيائين : ”بابا، هنن چئن ديوارن اَندر تہ منهنجي ذميواري آهي - هتان ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ ڪنهن واردات لاءِ مان ڪجهہ نہ ڪري سگهندس. ملڪ ۾ ’شهرِ آشوب‘ وارو ماحول لڳو پيو آهي. مرشد سائين اَسان کي ٻاهر تائين اپرائڻ آيا.

دهليءَ جي هوٽل جي ڪمري ۾ امداد ۽ مان اَڪيلا وينا آهيون. دوست سڀ دعوتن تي ويا آهن. دير رات تائين رَسَ چَس وارين ڳالهين ۾ هيئي سڄي بوتل ڏوگهي وياسين. سڀ گهمي ڦري موٽي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي هئا. اَڌ رات جو اُٿڻ تي ٻنهي جا پير پٽ تي نٽي پيا - ڦرندا ڦاهرندا هيئي هيٺ آياسين. امداد مون کي تہ اپرائڻ آيو پر پاڻ موٽي مٿي ڪمري تائين ڪئن وڃي؟ مان وري مٿي امداد کي اپرائڻ آيس - هاڻي مان هيٺ ڪئن وڃان؟ امداد مونکي هيٺ اپرائڻ آيو - مان هن کي - هو مون کي ..... ڏاڪڻيون لٿاسين - چڙهياسين - وري لٿاسين - منهنجي ڊرائيور مونکي ڪنهي ڪٺي گاڏيءَ ۾ وهاريو - هو پاڻ بہ انتظار ۾ پئوُ پيِ ٿُٽ هئو. صبوح جو ساهتيہ اَڪادميءَ جي سيمينار ۾ هيئي هشاش بشاش هئاسين.

روشن راتين جي اڪيلاين ۾ مان اڪيون ڦاڙي امداد کي ڏاڍو ياد ڪندو آهيان - دوزخي دورَ ۾ مون پنهنجي مُرشد وٽ پنهنجي هن ڇهندولي دوست جا هيئي جهان تاريا آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ منهنجي موت تي منهنجو فاتحو لکي هو بہ منهنجا هيئي جهان سنواري. امداد مون کي اَڌ رات جو سڏ ڏيئي چوندو : ”اَڙي ڪنڊ تہ وراءِ.“ ڪنڊ ورائڻ جو قصو اَسان ٻنهي وچ۾ آهي.

مرشد سائينءَ وٽان موٽڻ ڪان ٻن ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽي خفيہ ايجنسين وارا سائينءَ وٽ پهچي ويا. ڪانئن آڏا اُبتا سوال پڇندا رهيا تہ ڪي هندوستاني توهان وٽ ڇو آيو هئو؟ ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون - هن سان ڪيترا ماڻهو گڏ ڪئن هئا؟ وغيره. جڏهن سائينءَ کين مطمئن ڪيو تہ

هڪ نما شام مون دوستن کي چيو تہ مون کي ڪٿ بہ پنهنجي مُرشد سان کين سجدو ڪرڻ لاءِ ملڻو آهي. توهان سڀ بہ مون سان گڏ هلو. امداد حسينيءَ ٽوڪيندي چيو، ”اَڙي واٽيا، ڇو اَڇي پير پرستيءَ ۾ پيو آهين؟“ چيومانس ؛ ”اَڙي دهريا، هڪ ڀيرو مون سان گڏ هلي تہ ڏس. تنهنجا ٻيئي جهان تري نہ پون تہ مونکي دوزخ جو در ڏيکارج.“ چيائين ؛ ”ڇڱو هل، ڏسان تہ ٻيئي جهان تارين ٿو يا ٻوڙين ٿو؟“ خرب الله بہ طنزيہ مرڪڻ لڳو پر هلڻ لاءِ سڀ کان پهرين تيار ٿيو.

(خرب الله جهڙي درويش صفت شخص کي ڪن ڪميڻن دهشتگردن بي قصور قتل ڪري ڇڏيو. دوستن لاءِ کهڙيون دعائون گهرجن ۽ دشمنن کي کهڙيون بد دعائون ڏجن - هاڻي تہ اَسانجي آهُن ۾ بہ اهو تاثير نہ رهيو آهي.)

اَسين ڏهہ ٻارنهن دوست مرشد سائينءَ جي در تي آياسين. ٻاهر هڪ مريد روڪيو. سائين اَندر حويليءَ جي مرمت ڪرائي رهيا آهن - مشغول آهن، ان ڪري ڪنهن سان نہ ملندا. امداد اکين ئي اکين ۾ طنز جو هڪ ٻيو تير اُڇليو. مون پنهنجو ڪارڊ کيسي مان ڪڍي ڏئي سان مريد کي چيو ؛ ”سائينءَ کي هي ڪارڊ وڃي ڏي. پوءِ بہ ملڻ کان انڪار ڪيائون تہ اَسين سڀ هليا ويندا سين.“

مريد آيلن جو ايڏو وڏو لڏو ڏسي اَڳ ۾ ئي ڏمريل هئو پر بي دليو ڪارڊ کڻي اَندر ويو. ڏهن منٽن اَندر ئي مرشد سائين انهيءَ ئي مٽيءَ هاڻي وکي ۾ ٻاهر آيو. منهنجي سندن پير ڇُهڻ کان اَڳ ئي اُٿاري ڀاڪر پاتو - مون ساٿن سيٺي جو تعارف ڪرايو - سائين ڪن کي سُڃاڻندا هئا پر هنن اَهڙي لڪا پوڻ نہ ڏني.

مرشد سائين سيٺي کي بيحد سڪ ۽ عزت سان پنهنجي حويليءَ جي شاهي ڊرائنگ روم ۾ وٺي هليو. سينگاريل صوفا ۽ غاليچا سليقي، سج ڌج ۽ نفاست سان وڇايل هئا - شوڪيس عاليٰ قسم جي شيشي جي تراشيل گلاسن سان سينگاريل هئا. سيٺي دوستن جي منهن تي مُرڪ اَچي ويئي جڏهن سائين جن پاڻ وڃي اَندران عاليٰ مشروبہ جي صراحي کڻي آيا ۽ پاڻ ئي اُٿي سيٺي جي اَڳيان گلاس رکيا. ”بابا، هاڻي بسم الله ڪريو.“

مون امداد کي اک ڀڃي چيو ؛ ”ڪٿ مشرڪا تنهنجا ٻيئي جهان تري ويا يا نہ؟“ ۽ امداد بہ اکين ئي اکين ۾ آفريني ڏيندي منهنجي پير

صاحب نهين آئينگي. آج روانگي کي اينٽري نهين هوگي.“
چيومانس : ”جناب، آپ هي اينٽري کر ديجئي.“
چيائين : ”مجهي اختيارات نهين هئن.“
چيومانس : ”جناب، ميري لاهور کي ٽرين کي بُکنگ هئہ. اگر کل تک واپس نهين جا سکا تو ....؟“
”تو - پرسون صبح هم آپ کو گرفتار کر لينگي.“
منهنجي سڄي جسم ۾ ڏڪڻي وٺي ويئي - پاڪستاني جيل - يا علي!
هو مون ڏانهن چتائي نهاري رهيو هئو. ڪجهہ هوش سنڀالي چيومانس : ”جناب، ايک فون کر سکتا هون؟“
”فون کي دس روپئي لگين گي.“
مون ڏهين رپوئي وارو هندوستاني نوٽ کڍي هن اڳيان وڌايو - هو نوٽ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ آرام سان کيسي ۾ رکي ڇڏيائين.
مون مرشد سائينءَ کي فون ڪري سڄو احوال ڏنو ۽ کين ٻڌايم تہ هن وقت پوليس اسٽيشن تي ويٺو آهيان.
سائينءَ چيو : ”توهان فون رکو - مان ڪجهہ ڪريان ٿو - سڀ خير ٿي ويندو.“
پندرهن ويهن منٽن کانپوءِ هڪ شاهاڻي شخصيت وارو قداور شخص اندر آيو. ڪانسٽبل ڪرسيءَ تان اُٿي هن کي ڊگهو سلام ڪيو. هو پوليس جو ڪو وڏو آفيسر ٿي لڳو. مون کي سامهون ويهڻ لاءِ چئي ڪانسٽبل کي چاءِ گهرائڻ جو حڪم ڏنائين. مرڪي مونکي چيائين، ”هي ملک توهان جو بہ آهي. توهان کي هتي جيترا ڏينهن رهڻو هجي آرام سان بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي رهو. ڪير بہ توهان جو وار ونگو نہ ڪندو (هن جو تلفظ سرائڪي سنڌيءَ وارو هئو). چيومانس : ”سائين، توهان جا وڏا قرب - بس روانگيءَ جي اينٽري ڪري ڏيو. اَول خير - وري ايندو رهندس.“
هن اَشراف شخص نہ شناختي ڪارڊ ڏٺو، نہ ٻيو ڪجهہ. هڪدم پاسپورٽ تي ٺپو هڻي، صحي ڪري، چاءِ پياري، مُرڪي موڪلائي، ٻاهر تائين اپرائڻ آيو. ٻاهر اَچي مون سک جو ساهہ کنيو. دوستن جي آترويلا جا پل بہ پورا ٿي ويا.
حيدرآباد اِسٽيشن تي موڪلائڻ وقت وليرام مونکي چيو : ”اَسين

سندن مريدن جو هڪ وڏو تعداد هندوستان ۾ به رهي ٿو ته ڪين ڪجهه تسلي ٿي.

منهنجي ويزا ختم ٿيڻ ۾ باقي ٻه ڏينهن وڃي رهيا هئا. مونکي ٻئي ڏينهن لاهور لاءِ روانو ٿيڻو هئو ۽ ٽئين ڏينهن پاڪستاني سرحدن کي پار ڪرڻو هئو. اعجاز قريشيءَ هڪ مهاجر پڳداگير ذريعي مون لاءِ ٻئي ڏينهن ڪراچي ميل جي ٽڪيٽ جو بندوبست ته ڪري ورتو پر وڃڻ واري وقت مون لاءِ وڏو ڏچو پئدا ٿي ويو. مون کي پوليس ڪمشنر جي آفيس ۾ وڃي پاسپورٽ تي روانگيءَ جو اندراج ڪرائڻو هئو. آفيس اولڊ ڪئمپس جي سامهون هئي. سڀ دوست اولڊ ڪئمپس تائين ته مون سان گڏ هئا پر ڪنهنکي پوليس اسٽيشن تي مون سان گڏ هلڻ جي همت نٿي ٿي. ڪئمپس ٻاهران سيني کي ترسائي مان اَڪيلو روانگيءَ جي رپورٽ ڪرائڻ ويس.

اهو جمع جو ڏينهن هئو جيڪو َتن ڏينهين سرڪاري موڪل جو ڏينهن هئو. آفيس ۾ رڳو هڪ ڪانسٽيبل ميز تي ٽنگون رکي وينو هئو. ھُڏي ڏيئي پڇيائين: ”ڪيا هئ؟“ چيومانس: ”حضور روانگي ڪي اينٽري ڪرائڻي هئ.“

پاسپورٽ ۽ ويزا ڏسي چيائين: ”يهان پر اِتني دن ڪهان ٺهري ٿي؟“

رهائش جو پتو ٻڌايومانس.

”جس ڪي يهان ٺهري ٿي اُس ڪا شناختي ڪارڊ اور اس ڪي فوٽو ڪاپي لائو.“

”جناب، وو تو ميري پاس نهين هئ.“

”تو جاڪي ليڪر آئو.“

مون ٻاهر اَچي دوستن سان سڄو احوال ڪيو. وليرام چيو اَسين هتي بيٺا آهيون تون وڃي خيروءَ وٽان شناختي ڪارڊ وٺي اَچ. مان ۽ خرب اوٽ موٽ رڪشا ڪري خيروءَ جي گهر آياسين. خيروءَ پنهنجو شناختي ڪارڊ ته ڏنو پر پنهنجيءَ ماءُ شيرين جو ڪارڊ ڏنو. اياز عالم ابڙو سامهون ئي ان جي زيراڪس ڪرائي آيو. مان ڪارڊ ۽ فوٽو ڪاپي کڻي ڪري پوليس اسٽيشن ويس. اهو ئي ڪانسٽيبل ڪرسيءَ تي گهيرٽ ڪائي رهيو هئو. ڪارڊ ۽ ڪاپي ڏنيمانس ته چيائين: ”آج ڇُٽي هئ. ٿاڻيدار

مُڪت چنتن- No body is Good
No body is Bad

✍ پروفيسر نامديو تاراچنداڻي

ڪوبہ ماڻهو سٺو نہ آهي.
ڪوبہ ماڻهو خراب نہ آهي.
توهان وٽان ڏيرج وارا ڏهہ منٽ ملن تہ بهتر.
آخر ماڻهو سٺو يا خراب ڪئن ٿو ٿي سگهي؟
توهان برابر آهيو. سُٺن ڪمن يا خراب ڪمن ڪرڻ سان. پر مون
ت ڪجهہ سوال آهن.
ڪوبہ ماڻهو خراب ڪم ڇو ٿو ڪري؟
اَسان ڪجهہ بہ ڪريون ٿي ڇو ٿا؟ جواب بہ تلاشيندا هلون. اِنسان
ويچار ڪري سگهي ٿو - انڪري هو خود پنهنجن ڪمن لاءِ پاڻ جوابدار
هي. انڪري هو سٺو يا خراب ليکيو وڃي ٿو. ويچار کان سواءِ ڪيل ڪم
''سِڏو'' گناهہ ڪونہ ٿو بڻجي. ان حالت ۾ هو خراب نہ پر هڪ طرح
چار آهي. پر ويچار سان ڪيل غلط ڪم ڪرڻ سان هو 'خراب' سِڏ ٿئي
هو. هاڻ اَسين سوچ ڪريون تہ ڪوبہ ماڻهو ويچار ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ
غلط ڪم ڇو ڪندو؟ يعني ڪٿي هن جي 'ويچار' جي شڪتيءَ ۾ ڪا
ڪمي آهي. جي 'ها' تہ پوءِ، هو طرح هو بہ 'لاچار' مڃڻ گهرجي. هن
جي ويچار جي دِشا تي ڪي سماجڪ، مانسڪ، ڌارمڪ، پريوارڪ يا ٻيا
ڀاوَ ڪم ڪري رهيا آهن - تنهن ڪري هو 'غلط' دِشا جا ويچار ڪرڻ لاءِ
مجبور آهي - ۽ ان ڪري غلط ڪم ڪرڻ طرف مُڙي ٿو.
چا ڪوئي ماڻهو ڄاڻي-واڻي غلط ڪم ڪري سگهي ٿو؟ بلڪل نہ. يا
ـہ هن کان ٿي وڃي ٿو - جيڪا اِستٿي بہ 'سِڌي گناهہ' لاءِ جوابدار ٿي
سگهي ٿي ۽ نہ ماڻهو خود. پر جي هن کي سمجهہ آهي تہ هيءُ ڪم غلط
آهي - تہ هو اَهڙو ڪم ڪونہ ڪندو. جي اِئين آهي تہ پوءِ ڪوبہ ماڻهو،
خود ۾، سالم سمجهہ واري حالت ۾، خراب ڪونہ آهي. ڇو جو، هو غلط
ڪم تڏهن ٿي ڪندو جي هن جي سمجهہ صحيح نہ آهي، يا هن کان

سپ اَچايو اُٿ وانگر پنهنجي ئي مُٺ ۾ پيا ٿا ترڪون. مان به پاڻ کي ترجمن ۾ ئي ڏکي ڏيئي وينو آهيان.“

اعجاز قريشيءَ ريفريشمينٽ روم مان مون کي رستي لاءِ کاڌو پئڪ ڪرائي ڏنو. پريل دل سان سپني دلبر دوستن موڪلايو.

لاهور مان روانو ٿيڻ کان اَڳينءَ رات نامور شاعره ڪشور ناهيد اَسان جي دعوت ڪئي. هن جي گهر ۾ چوڏاري سنڌ جون اجرڪون ۽ رليون وڇايون پيون هيون. هن مون کان پڇيو: ”سنڌ ڪئن لڳي؟“

چيومانس: ”جئن پنهنجي جنم ڀومي لڳندي آهي.“

چيائين: ”توهان جلاوطن ٿيل سنڌين اَڃا سنڌ کي وساريو ناهي.“

چيومانس: ”اَسانجي لطيف سائينءَ وطن کي وساريندڙن مٿان حيف وڌو آهي.“

هن ۽ يوسف ڪامران آفريني نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. فڪرتونسوي مرڪڻ لڳو.

اَسان کي ٽرين ۾ وهاريندي طفيل صاحب اَسان مٿان ڇڻ پنهنجو سڄو پيار اوتي ڇڏيو. هن مونکي ’نقوش‘ جا ناياب پرچا ۽ اِنڊيا جي دوستن لاءِ ڪجهه خط ڏنا. مون هن کي دهليءَ اَچڻ جي دلي دعوت ڏني - پر موت هن کي ان جي مهلت نه ڏني.

اٽاريءَ کان سرحد پار ڪندي فڪر مون کي چئي رهيو هئو: ”پويان به هفتا منهنجي پياري ’لهور‘ ۾ منهنجو ڇڻ ساهه پوسانجي رهيو هئو.“

مون کي سنڌ ۾ ڪڏهن به اَهڙو اَحساس نه ٿيو.

امرتسر واريءَ ٽرين ۾ منهنجي سامهون هڪ اَڌير عمر جو پاڪستاني هم سفر وينو هئو. هن مونکي چيو: ”هڏو اَٿم ته هندوستان جون ٽرينون ايتريون ته تيز رفتار آهن جو هلڻ وقت انهن جي ٻنهي پاسن کان ٻڪرين جي پر وارا ٻڪر اُڏامڻ لڳندا آهن. مان اهي اُڏامندڙ ٻڪر ڏسڻ لاءِ ئي اِنڊيا وڃي رهيو آهيان.“

چيومانس: ”ڀائي جان - توهان امرتسر کان بمبئيءَ تائين فرنٽيئر ميل جو سفر ڪري ڏسو - توهان کي هن ملڪ جي هر پاسي ٻڪر ئي ٻڪر اُڏامندا نظر ايندا.“

◇◇◇

'ويچار' دماغ جي ڪيميائي پاڻيات جي اَهڙي ڪريا آهي، جا انسان جي وَس ۾ نہ آهي. تہ پوءِ اَسان جي وَس ۾ ڇا آهي؟

سچ پڇو تہ اِنسان جي وَس ۾ نہ ويچار ڪرڻ جي ڏِشا طيءِ ڪرڻ آهي ۽ نہ ئي اُن جي عمل ۾ ڪريا ڪرڻ وَس ۾ آهي.

ڪوئي آتم هتيا ڇو ٿو ڪري؟ ويچارن جي دَٻاوَن جو اَثر آهي. ڪوئي خون ڇو ٿو ڪري؟ ويچارن جي دَٻاوَن جو اَثر آهي. جنهن کي 'حالتن' ۾ تبديل ٿيڻ سان اَسان فقط ڪريا چئون ٿا. سماج ان کي سٺو يا خراب چوي ٿو - ان لاءِ بہ سماج وٽ موجود وقت ۽ حالتن جا حوالا آهن.

هڪ ديش جو سپاهي دشمن ديش جي سپاهيءَ کي ماري ٿو. اِهو 'خون' ڪن حوالن ۾ سٺو ڪم آهي. خود ۾ نہ سٺو آهي - نہ خراب آهي. هن تہ فقط پنهنجي سمجهہ جي دَٻاوَن موجب ڪريا ڪئي آهي. سچ پڇو تہ هن 'ڪريا' نہ پر فقط ڪوشش ڪئي آهي. اَهميت ڪريا جي نہ پر ڪوشش جي آهي. جي پاڻ مارجي وڃي تہ اها ساڳي ڪريا يعني ڪوشش بدليل حوالن ۾ 'سٺو' ڪم ڪونہ چيو ويندو. اَسان عام طور هر ڪريا جو نتيجو ڏسندا آهيون - ڪوشش نہ ڏسندا آهيون - يا تمام ورلي ۽ گهٽ ڏسندا آهيون.

هاڻ جي توهان جو من مڃي ٿو تہ اَسان صرف ڪوشش ئي ڪريون ٿا - اها بہ 'ويچار' جي دٻاوَ واري سمجهہ کان متاثر ٿي؛ تہ پوءِ اَسان سچ تہ نہ ڪو پاپ ٿا ڪريون ۽ نہ ئي ڪو پُڃ ٿا ڪريون. حقيقت ۾ اَسان پاڻ تہ ڪجهہ ڪريون ئي ڪانہ ٿا. اَسان جي 'ويچار' جو ئي اهو انجام آهي ۽ 'ويچار' اَسان جي وَس ۾ نہ آهي.

پوءِ بہ ويچار جي هڪ اَهڙي ڏِشا، جيڪا ٻين کي نقصان ڪانہ ٿي پهچائي، "سُنن' ڪمن جي صفت ۾ اَٿڻ جي سماجڪ پرمپرا آهي. لڳاتار وڏي عرصي تائين ان ڏِشا ۾ هڪ وڏو تعداد ماڻهن جو - ان طرح جو عمل ڪندو نظر اَچي تہ هنن کي "سپير' چوڻ جو رواج اَسان وٽ قائم ٿيو آهي.

پر حقيقت تہ اِها آهي تہ خود ۾ اِنسان جي وَس ۾ ڪجهہ نہ آهي. "انڪري ڪوبہ ماڻهو سٺو نہ آهي. ڪوبہ ماڻهو خراب نہ آهي. توهان جو ڇا "وِيچار' آهي؟

✧✧✧

ٿي وڃي ٿو. ۽ انهي حالتن ۾ هو 'سڌو گنهگار' نه آهي.

ان ڪان به وڌيڪ هن جي سوچ کي ڏهائڻ وارا عناصر جوابدار آهن. هو پاڻ خود ۾ جوابدار نه آهي - ڇو جو اهي عناصر هن جي وَس ۾ نه آهن.

ساڳيءَ طرح ڪو به ماڻهو سٺو نه آهي. ڇو جو، سُٺا ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو به ساڳيءَ طرح پنهنجي ويچار ۽ سمجهه جي، ڏهاوَن کان مُتاثر ٿي ئي سڀ ڪري ٿو - جنهن کي اَسان 'سُٺا' ڪم چئون ٿا. ماڻهو ته صرف اهو ئي ڪري ٿو يا ڪري سگهي ٿو، جيڪو هن جي ويچار ۽ سمجهه جي ڏهاوَن جي اَثر هيٺ هن کي ڪرڻو پوي ٿو.

هڪ بگڙيل ڏهرو ماڻهو هڪ بکاري ڇوڪريءَ کان روٽي ڦري پاڻ کائڻ لڳي ٿو. هن ڪم ۾ خرابيءَ جا اَگر ڏهه يونٽ ڳڻيون - ته هڪ شاهوڪار ماڻهو ڪنهن بکاريءَ کي بزار مان روٽي وٺي کارائي ته ان سُٺائيءَ جا يونٽ فقط به ڳڻتا پوندا. ڇو ته پهرين قصي ۾ ڏهاوَ جا اَثر ۽ ان جي مُناسبت گهٽي آهي - شاهوڪار ماڻهوءَ کي ته ٿوري ئي ڏهاوَ يا اَثر ۾ اهو ڪم ڪرڻ جي پريرڻا ملي. ان ۾ به هن جي من جي پاونا ساڻ سماج ۾ سُرخرو ٿيڻ جي اِمڪان کان انڪاري ٿيڻ ڏکيو آهي. جڏهن ته بگڙيل ۽ ڏهري ماڻهوءَ وٽ ته تمام گهڻي ڏهاوَ ۽ مناسبت جا پرماڻ موجود آهن. هو جيترو 'خراب' ڪم ڪري ٿو - ان کان تمام گهڻو هيو 'سٺو' ڪم ڪري ٿو. پر انهي حالتن ۾ پهرين کي 'خراب' ماڻهو ۽ ٻئي کي 'سٺو' ماڻهو چوڻ جي گنجائش تمام گهٽ آهي.

هت ئي اَسان کي ياد ڪرڻ گهرجي ته گيتا ۾ ڪرشن جو اِهو چوڻ ته اِنسان پاڻ ڪجهه به ڪونه ٿو ڪري. هو فقط نمت بڻجي ٿو. اِها ڳالهه پل بين گهڻن حوالن ۾ ڌرم-پاونا سان جُڙيل آهي، پر اِها هن سڌانت جي خلاف ڪانه آهي ته - ڪو به ماڻهو سٺو يا خراب نه آهي. بين لفظن ۾ اَسان اِئين به جيڪر چئون ته اِنسان حالتن جي ڪٺ-پتلي آهي. اَسان فقط اهو ئي ٿا ڪريون - جيڪو اَسان کي يا ته حالتون ڪرائن ٿيون يا اَسان جي سمجهه اَسان کان ڪرائي ٿي.

اِنسان بنيادي طور پاڻ ڪجهه به ڪانه ٿو ڪري. اَصل انسان ڪڏهن به 'پار' کان وڌو ڪونه ٿو ٿئي. اَسان جي سمجهه ئي وڏي ٿئي ٿي ۽ اها وري 'سماجڪ' وغيره ڏهاوَن ۾ ويچار جي دِشا طيءِ ڪري ٿي.

آخر ويچار ڇا آهي؟ ڇا اهو اَسان جي پنهنجي وَس ۾ آهي؟

ئنا - جيڪا هاڻ حقيقت بڻجي سگهي آهي.

هِگس-بوسون'' لفظ جو دلچسپ داستان :

پيٽر هگس Peter Higgs (جنم ١٩٢٩) هيءُ برطانوي وگياني نوبيل پرائيز ڙن سواءِ بہ مهان ٿي سگهيو آهي جو هن جي ٿيئري‍ءَ تي ئي هي سچو مهاپريوگ نيو ويو جنهن جو اَعلان ڪرڻ لاءِ هن کي ٨٣ سالن جي عمر ۾ جنيوا ۾ گُهرايو ويو. بابت اهو ڪجهہ ڏينهن اَڳ ئي وڊيو روپ ۾ غلطيءَ سان ليڪ تي ڪري ويب ئيٽ تي ڏنو ويو.

هن جي ٿيئريءَ مطابق ڪو اَهڙو 'ڪڻ' ضرور هئڻ گهرجي، جنهن هن هماند جي رچنا ۾ اَهم رول اَدا ڪيو آهي - ۽ ان ڪڻ کي هن 'هِگس-بوسون' لو ڏنو آهي. اِها ڳالهہ ١٩٦۴ ۾ لکي آهي. اَسان لاءِ - هندستانين لاءِ اها فخر جي الهہ آهي تہ ان ٿيئريءَ پٺيان 'هندستاني وگيانيءَ جو ايترو اَهم رول آهي، جو اِن هگس-بوسون' ۾ پيٽر هگس، پنهنجي نالي سان گڏ ڀارتي وگياني 'ستيندرناٿ س' جو نالو جوڙي، ان کي هگس-بوسون (يا بوزون) نالو بہ جوڙي رکيو.''

آلبرٽ آئنسٽائن سان گڏجي، ۽ پنهنجي سر پڻ؛ ستيندرناٿ بوس ١٩٢۴ ۾ ن بابت بنيادي کوجنا ڪئي هئي - جيڪا پيٽر هِگس جو آڌار بڻي.

ان ڪانسواءِ بہ هن مهاپريوگ ۾ گورکپور جي ڀارتي اِستري وگياني ميناڪشي پرائڻ بہ هن وقت شامل آهي - جنهن لاءِ گورکپور يونيورسٽيءَ وارا هن جا اُستاد ن وقت 'ناز' محسوس ڪري رهيا آهن.

اڻ : هِگس-بوسون ۽ مهاپريوگ :

اَٽڪل 13.7 ڪَربَ سال اَڳ بِگ-بئنگ جي گهٽنا سان هن برهماند جو وجود ندا ٿيو. هاڻ ان ٿيئريءَ مطابق سائنٽي ''بِگ-بئنگ'' جهڙي واتاورڻ پيدا ٿيڻ ن، اهي 'ڪَڻ' ملڻ جي اُميد سان هڪ مهاپريوگ فرانس ۽ سوئٽزرلينڊ جي سرحد ۾ زمين جي 100 ميٽر هيٺيان هڪ 27 ڪلوميٽر لنبي مشيني سُرنگ جهڙي يوگ-شالا 2008 ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ 21 ديشن جا 15000 وگياني لڳاتار يوگ ڪندا رهيا ۽ نيٺ 50 سالن کان ڪتابن ۾ قيد ان 'ڪَڻ' کي 'محسوس شرڻ' جيترو ڏنو - جيڪو پدارٿ برهماند جي هر چيز جي بار-وَزن يا mass لاءِ يا ن جي 'دائم رهي سگهڻ' لاءِ جوابدار آهي. اَهڙا 'ڪڻ' اَٽڪل ٽِن سوَ جي اَنداز ڏنا ويا - اُهي ئي 'اَڻو' کي يا 'اَئٽم' کي 'بار' ڏين ٿا - نہ تہ اُهي بکرجي جن. يوُروپين آرگينائيزيشن آف نيوڪليئر ريسرچ CERN (فرينچ نالو) ان مها يوگ لاءِ دنيا جي سڀ کان وڏي فزڪس جي ليباريٽري جنيوا ۾ قائم ڪئي آهي.

گاڊ پارٽيڪل (GOD PARTICLE)
ايشوري-ڪڻ يا ڪڻ-ڪڻ ۾ ايشور!
ايشور جو وراٽ درشن؟

✍ پروفيسر نامديو تاراچنداڻي

ڀڳوت گيتا جي وراٽ روپ درشن واري يارهين اَڌيايہ جي ٻارهين شلوڪ ۾ سنجيہ ڌرتراشٽر کي اُن وراٽ سروپ بابت چوي ٿو : هي راجن! آڪاش ۾ هزار سِجن جي گڏجي اُڀرڻ سان بہ ڪداچت ئي هن پرماتما جي وراٽ سروپ جي پرڪاش جيترو روشن ٿئي!

تازو هن ئي مهني ۴ جولاءِ تي، زنده ماڻهن جي هن دنيا ۾ وگيانين جي اَکين اَهڙو درشيہ ڏٺو آهي - جنهن جا وِڊيو-ڪِلپس يوُ-ٽيوب تي ڏسڻ سان ڪرشن جو اهو نظارو ياد اَچڻ سڀاويڪ آهي، جنهن جو ورڻن اَسان پڙهيو يا ٻڌو آهي! هن صديءَ جي سڀ کان وڏي چمتڪاري کوجنا جو ورڻن هرڪنهن کي اَوس ڄاڻڻ گهرجي. جنهن کي ٿورو سمجهڻ لاءِ بہ ڪجهہ وستار ضروري آهي.

ٽيهہ سال اَڳ نيل آرمسٽرانگ جڏهن چنڊ تي پير رکيو تہ اَسان جا ڪن ريڊيو تي وشواس نہ ڪري رهيا هئا! پر اَڄ جڏهن ٽِي.وِي.ءَ تي ”ايشوري ڪڻ“ ڏيکاريا ٿا وڃن تہ اَسان کي پنهنجي ٻُڌيءَ تي وشواس ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي.

اَول ”گاڊ-پارٽيڪل“ لفظ جو اِتهاس :

در اَصل جنهن چيز کي گاڊ پارٽيڪل ’ايشوري-ڪڻ‘ چيو ٿو وڃي، اهو وگيانڪ ڀاشا ۾ ’هِگس-بوسون‘ آهي. نوبيل پرائيز وگياني ليئون ايم. ليڊرمين ۱۹۹۳ ۾ ڪتاب لکيو آهي :

"The God Particle : If the universe is the answer, what is the question?"

”گاڊ-پارٽيڪل : جيڪڏهن هيءُ برهمانڊ جواب آهي تہ سوال ڪهڙو آهي؟“ اِئين هيءُ لفظ اِتان کان مشهور ٿي ويو.

هن کوجنا جو موُل اُديشيہ ئي آهي تہ برهمانڊ آخر ڪئن پيدا ٿيو؟ يا ڪئن ان جو نرماڻ ٿيو؟ انڪري هن ليکڪ ’ان‘ ڪڻ کي ’ايشوري ڪڻ‘ نالو تہ فقط مذاق ۾ ئي ڏنو هو - ڇو جو تيستائين ان جي حاصلات لاءِ هو خاص آشاوادي بہ نہ

’ليکڪ سان مڪاميلو‘ پروگرام تحت ٻڌندڙن سان روح رهاڻ

✍ هري همٿاڻي

مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي پاران مونکي پنهنجي ساهتڪ جيون بنسبت ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي، تنهن لاءِ مان اَڪادميءَ جو تهدل شڪرگذار آهيان. مونکي ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ ڪهاڻين جي مجموعي ”اُڏامندڙ اَرمان“ تي ٢٠٠٢ ۾ مليو هو.

ساهتيہ کيتر ۾ مون قريبن ١٩٥٠-٥١ ڌاري قدم ڌريو هو. ورهاڱي جي درد جو ذڪر ڪرڻ بي تُڪو ٿيندو جو اُن تي گهڻو ئي ڪجهہ لکيو ويو آهي. وطن کان بي وطن ٿيڻ جو سنڌي هندن کي جڻ ڪو پاراتو مليل هو. اَسانجي وڏن جا آنسوُ اَگر هڪ هنڌ گڏ ٿين ها تہ تلاءُ ٺهي وڃي ها، آنسن جو تلاءُ. اَکين مان ڳرندڙ آنسوُ ڪيڏو ڀنڊاڻو ٿئي ها؟ بيان ڪرڻ لاءِ شايد ديوتائن وٽ بہ لفظ نہ هجن.

اِئين تہ راجسٿان جي ڀين شهرن ۾ بہ ڪافي سنڌي ڪٽنب وسندا ويا هئا پر تن ڏينهين اَجمير ۾ تعليمِ ۽ ساهتيہ جي بي مثل لهر هئي. پڙهائيءَ جو ماڌيم عربي لپي، جيڪا اَسان اَباڻي لپِي، پاڻ سان گڏ سنڌ مان آندي هئي. چار تہ هاءِ اِسڪول هئا. ڏهہ ٻارهن مِڊل اِسڪول ۽ ٽيهارو کن تہ پرائيمري اِسڪول هئا. سنڌ جي اَنن ضلعن جي وڻ وڻ جي ڪاٺيِ اَجمير ۾ اَچيِ گڏ ٿي هئي. جتان بہ لنگهہ تہ ڪَنَ تي سنڌي ٻوليءَ جو پرلاءُ پوندو هو. لوڪل ماڻهن جو آواز اُن پرلاءَ ۾ جڻ گم ئي ٿي ويو هو. نوابشاه جي رچ مڙس ڪاڪا تلوڪچند گوپالداس جي روزانيِ ’هندو‘ اخبار جيِ ڌاڪ هوندي هئي. مجال جو سنڌين جي عزت تي ڪو آڱر بہ کڻي سگهي! ۽ ٻيِ روزاني اخبار ’هندواسي‘ جو پايو وجهندڙ شري شوانند شيوڪرام هو. هفتيوار اخبارون بہ جام هيون.

هاڻي مان ساهتڪ کيتر جو ذڪر ڪريان تہ چار ماهوار مخزنس هيون. ’راج فلمستان‘، ’ڪماري‘، ’ڪلاڪار‘ ۽ ’زندگي‘. گهڻو پوءِ ’ميار‘ شايع ٿي هئي. ڀائو هريسندر روپچند جي زير سايي هر آرتوار تي

1954 ۾ برپا ھن سنسٿا اَنٽرل 113 ديشن سان وابسط 608 يونيورسٽيون مدد ۾
آٽي 2400 فل ٽائيم ۽ 10,000 وزٽنگ سائنسدان کٺي دنيا جي بهترين
ڪمپيوٽرس جي مدد سان ڪم ڪيو آهي. ان لاءِ لارڊ هيڊران ڪولائيڊر (LHC)
مشين ناهڻ ۾ 14 سال لڳا جنهن ۾ سُپر ڪمپيوٽرن جو چار وڇايو ويو. ان ۾ نومبر
2011 ۾ پراينس بجاءِ خاص 'آينس' جي ٽڪراهٽ ڪرائي ويئي - جنهن جا ڪَڻ
60 ڪروڙ دفعا ٽڪرائي پرڪاش جي گتيءَ سان ننڊا-ننڊا وسفوٽ ڪرايا. اهو سڀ
هڪ سيڪنڊ جي هڪ سوَ حصي ۾ ٿيندا رهيو. جنهن لاءِ اُتي هڪ لک سورج پيدا
ڪري سگهن ايتري اوُرجا سان ان لاءِ ڏهه ڪرب سيلسييس گرمي پد ضروري هو.
(ها، هڪ لک سورج. توهان برابر پڙهيو. ڏهه ڪرب سيلسييس بہ برابر آهي.) اتي
پرماڻوءَ جي نيوڪليس جي رچنا ڪرڻ وارا پروٽون ۽ نيوٽرون کي پگهرائي ڀاري
سگهڻ بہ ضروري هو. ان سان گهاٽو ڪوارڪ گلوئون ٿهيو جنهن کي ڪوارڪ گلوئون
پلازما چوندا آهن. اهي سَب-ائٽڪ پارٽيڪل آهن جيڪي پلازما جي حالت ۾ هڪ
ٻئي جي چِڪ کان آزاد هوندا آهن. مڃيو وڃي ٿو تہ بگ بئنگ جي رچنا وقت
اهو پلازما ٺهيو هو، جنهن بابت سائنسدان 99.99972% في صدي پَڪ رکن ٿا -
جيڪو ڪنهن بہ وگياني-پريوگ جو ضروري درجو آهي. ڪاسمالاجيءَ جي هن طرح
جي اَڀياس ۾ اَڃان بہ اَڳتي ڊارڪ مئٽر جي پڻ کوجنا جاري آهي، جنهن جو
برهمانڊ ۾ پدارٿن ۾ 84% ۽ ماس اينرجيءَ ۾ 23% وجود موجود مڃيو وڃي ٿو.
جنهن جي کوجنا لاءِ سون جي کاڻين ۾ ٽِن ٽَنَنِ جو وڏو ڊٽيڪٽر رکيو ويو آهي -
جيڪو ڊسمبر تائين ڊاٽا موڪلڻ شروع ڪندو.

هِگس بوسون يا هِگس پارٽيڪل لاءِ هاڻ ان جي کوجنيڪ پيٽر هِگس لاءِ نوبيل پرائيز جي
پيشڪش ڪندڙ وڏو وگياني سٽيفن هوڪنگس خود بہ ان بابت ايترو آشاوادي نہ هو. هاڻ، ان
سان جڳت جي رهسيہ جي کوجنا جا شاهي دروازا کليا آهن.

اهو پارٽيڪل - ڪڻ - پدارٿ کي بار يا گتي ڏيڻ لاءِ جوابدار هئڻ جو هڪ
اَرٿ اهو ٿو سمجهيو وڃي تہ ''اِنساني جيو'' جو رهسيہ بہ ڪٿي اِتي جڙيل آهي
('گاڊ پارٽيڪل' جي اعلان وارن وڊيو-ڪِلپس ۾ پرڪاش جي رنگين چڪرورتي
ترورن - لڪيرن جي اَٿاهہ روشنيءَ جي چمڪ نظر اَچي ٿي.)

[Search - wikipedea.org/higgs-boson]

مکيہ آڌار : (١) وڪيپيڊيا - ويب سائيٽ. (٢) ٽائيمس آف اِنڊيا جا ڪي ليک. (٣)
Khabar.ibnlive.in : ويب سائيٽ (۴) گجراتي نيوز پيپر.

آڌار تي رچيل آهن. ڪلپنا جو حصو تہ هوندو ئي آهي. اُن ڪانسواءِ رچنا بي مزي، اَڌوُري ۽ ٻُسي ٻُسي پيئي لڳندي. خالص ڪلپنا تي مان لکي ڪونہ سگهندس. قلم ئي اَڳتي سُري نہ سگهندو. بنياد پڪو هجي، پوءِ پلي اُن تي ڪيترا بہ ماڙا اَڏيو. ڪاڌي جي چيز ۾ اَگر ڪنهن ڪان لوُڻ وجهڻ وسري وڃي تہ توهان ڇا پائيندا؟ ڪلپنا تہ رچنا جي جان هوندي آهي. دلڪش ڳهڻي ۾ جيئن هيرن جي جڙت.

اَوائلي ڪهاڻين ۾ منهنجون سنڌ جون يادون وابستہ آهن ۽ اُهي ڪهاڻيون سڦل بہ ويئون. جيئن 'ڏاڏي جي ڪٽ'، 'پنجوُ پهلوان'، 'تلجو'، 'مُرجهايل ماضي' وغيره.

'ڪماري' مخزن طرفان ١٩٥٣ ڌاري ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿي رهيو هو. جنهن جو مهمان سمپادڪ رام واسواڻي ٿيو هو. هوُ گورنمينٽ ڪاليج ۾ ايم-اي جو اِسٽوڊنٽ هو. ساهتيہ سان ازحد لڳاءُ ۽ ذهين هونهار. اَڄڪلهہ جڪارتا ۾ وِي.رام نالي سان وِي.آءِ.پِي. شخص ۾ شماريو وڃي ٿو.

اُن ڪهاڻي سنگره ۾ منهنجي ڪهاڻي 'پيار روئي ڏنو' شايع ٿي هئي. ڪهاڻيءَ جي ساراهہ ۾ ڪماريءَ جي ايڊيٽر وٽ خوب خط آيا هئا.

هڪ لڳا مونکي پوچراج چيو، ''هري ناول لکي ڏي تہ پاڪن کي ڏياريءَ جي موقعي تي سوکڙيءَ طور ڏيان.''

مونکان ٺهڪ نڪري ويو هو.

''ڇو؟''

''تون تہ مونکي هڪدم ڪچيءَ جي وڻ تي ٿو چاڙهين. ناول لاءِ تہ مان سوچي بہ نٿو سگهان.''

''تون لک تہ. مونکي يقين آهي تون سڦل ناول لکي سگهندين.''

''نہ اَدا، اِن لاءِ مونکي زور نہ پر.''

''مان تنهنجيِ هڪ بہ نہ ٻڌندس. مونکي توکان ناول کپي.'' پوين اَکرن تي هن زور ڏيئي چيو هو.

مون گهڻو ئي ٽاريو ليڪن حجت ۽ پنهنجائپ جو پڙ مٿي ئي رهيو هو. سانده مهينو ڏيڍ مون پاڻکي هڪ طرح سان جڻ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. لکڻ ۽ لکڻ، بس ڪا تات ڪانہ هئي. قدرت بہ ساٿ ڏنو. اِئين منهنجو پهريون ناول 'ڪماري' ماهوار مخزن طرفان، 'اَپاڳڻ' عنوان سان

ساهتيڪ بينڪ ٺيندي هئي. اُن اَدبي ڪلاس ۾ سنڌ جا ناميارا ساهتڪار، نيرت بسنت، فتحچند واسواڻي، ديودت ڪندارام شرما، پارومل ڪيولراماڻي، جيٺانند لعلواڻي، ديپچندر تلوڪچند، ڀائو پرڀداس برهمچاري وغيره شرڪت ڪندا هئا. گووردن ڀارتي اَسان ڪان مڙيرو هو، ليڪن ايشور چندر، هريڪانت، پدشنر، ڀڳوان ٽلواڻي ۽ مان، ساهتيہ ڪيتر ۾ تڏهن اَسان اَجا بانبڙا پئي پاتا. ها، ڪي نالا هيا بہ تري تا اَچن، ڪيمتراء ڳُر، روچو خوابي، نانڪ چونواڻي، موتيرام وليچا، نارائڻ ميراڻي وغيره. تنهن وقت جيڪو اُتساه، رُچي ۽ لگن هئي، اُن ذوق شوق اَسانکي اَڳتي ۽ اَڳتي قدم کڻڻ لاء اُتساهت پئي ڪيو ۽ ويتر جو 'ڪماري' مخزن جي ايڊيٽر پوجراج مونواڻيءَ سان ويجهائپ هئي تہ رچنا جي اِشاعت جون راهون بہ ڪليل هيون. پوجراج جو ننڊو ڀاءُ ڪشن منهنجو پڪ مٽ يار هو. سندس ماءُ-پيءُ مونکي پٽ سمان ڀائيندا هئا. اَسان اَلڳ نہ، ڄڻ هڪ گهر جا ڀاتي هئاسين.

منهنجون شروعاتي ڪهاڻيون گهڻوڪري سنڌ جي يادگيرين تي منحصر هيون. هونئن بہ ٻالپڻ جون يادون جيون جي اَنت تائين گڏ هونديون آهن، اِها ڇوٽي نہ، پر حقيقت آهي. ٻالپڻ جي جيون ڪي پنهنجو مخصوص مهتو آهي.

منهنجو جنم نوابشاه ضلعي، موري تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ 'هِيسب' ۾ ١٣ فبروري ١٩٣٢ع ۾ ٿيو هو. پرڪرتيءَ جي بينظير نظارن سان سرابور ڳوٺڙو. دور دور تائين هريا ڀريا کيت پيا لهرائيندا هئا. اُنهن وچمان وهندڙ واٽر ڪورس اِئين نظر ايندو هو ڄڻ ڪنهن نوورنيءَ جي سينڌ. حويلين سمان جايون، ڪشادا اَڱڻ. سج اُڀري تہ اُن جا سونهري ڪرڻا ڇپي ڇپي ڪي چمڪايو ڇڏين ۽ اَست ٿيڻ وقت آسمان جي وڏي حصي ۾ من موهڪ رنگن جي ڄڻ چادر وڇائجي ويندي هئي.

شايد اِنڪري مان پرڪرتيءَ جي سونهن جو ورنن پنهنجين رچنائن ۾ بي جوڙ ڪري سگهندو آهيان. 'سميہ' ناول ۾ مون آبوُ پهاڙ جي قدرتي سونهن جو جيڪو چتر چٽيو آهي، منهنجي هڪ دوست چيو هو، ''مان آفيس ڊيوٽيءَ سان ڪيترائي دفعا آبوُ پهاڙ ويو آهيان پر هِن ناول وارو آبوُ پهاڙ تہ مون ڏٺو ئي نہ هو.''

دراصل منهنجون رچنائون، پوءِ ڪهاڻي هجي يا ناول، حقيقت جي

جيون ۾ ڇا نٿو گهٽجي؟ زندگي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ عجوبو ۽ اَڻ کُٽندڙ داستان آهي. ڪيڏا لاها چاڙها، اُٿل پُٿل، اونداهيون چانڊوڪيون، گل جو ٽڙڻ مُرجهائڻ، آنسوُ آهن ته گڏوگڏ امرت به. ڪُل ملائي سک ڪڻ پنگر دک اَٿاهه آهي.

مونکي ويچار ڇا آيو، اُن تي عمل ڪرڻ به شروع ڪري ڇڏيم. لڳو ته اُن ۾ ڳچ حصو منهنجي 'آتم ڪٿا' جو به شماريل هوندو.

روزانو فل اسڪيپ جا ڏهه ٻارهن پنا، ڪڏهن ته اُن کان وڌيڪ به لکجي ويندا هئا. رات پنهنجي تات ۽ آفيس ۾ به فرصت وقت مان پنهنجيءَ دنيا ۾ گُم هوندو هوس.

تاريخ درج ٿيل اُهي پنا پِن ڪري، هفتي ۽ مهيني جا بنڊل سوٽلي ڏاڍي سان هڏي ڪاٺ جي صندوق ۾ رکندو ويس. اِها ڪريا (ڪِرت) لڳاتار ٽي سال کن هلي. جيڪي به لکيم سو سڀ سون هو يعني سچ.

سوچيم، جيترو ڪي لکيو اٿم، اُن کي سوڌڻ، سنوارڻ ۽ فيئر ڪرڻ ۾ به ته اوترو وقت لڳي ويندو ۽ صندوق به اجي ڪني تار لڳي هئي. لکڻ بند ڪري مون به ٽي مهينا مڪمل آرام ڪيو. دماغ تي سوچ خواه لکڻ جو بوجهه بنهه نه. جيئن گنگا اِشنان ڪانپوءِ سرير جو ذرو ذرو ٿري ٻڳ ٿي پوندو آهي ۽ من تناءُ مڪت. پاڻ کي اِن طرح رکيم ۽ محسوس ڪيم.

ڪجهه مهينن پڄاڻا سوچيم، هاڻ سوڌڻ جو ڪم شروع ڪجي. مٿينءَ ماڙيءَ جي ٻيچڪيءَ تي رکيل اُن صندوق جو ٻُڙ کوليم ته سِرُ چڪرائجي ويو. بنڊلن بجاءِ اُن ۾ باسڻ برتڻ پريا پيا هئا. مان ڇڻ ڏندڻجي ويس. ڏاکڻ جو هرهڪ ڏاکو ڇڻ ڦرندڙ ڇَڪُ هو. مان گهوماٽيون کائيندو هيٺ آيو هوس. وڏي ياجائيءَ کان پڇيم، ''صندوق ۾ منهنجا پنن جا بنڊل رکيل هئا، اُهي ڪٿي رکيا اَٿو؟''

''اُهي ته گذريل ڏياريءَ تي ياٽين ردي پنا سمجهي ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪِن ڪچري واري ڪوٺيءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيا هئا.''

''اُهي ردي پنا هئا!؟'' منهنجي مُک مان بس ايترو نڪتو. ڪنهن کي چوان ۽ ڇا چوان؟ ... ڪنهن سان وِڙهان؟؟ منهنجي حالت جو سُئي ڇِپي ته رت نه نڪري. وِچ ڪرڻ تي ڇا ڪجهه بچندو آهي؟؟

مونکان لکڻ ڇڏائجي ويو. مون سانده ڪي سال ڪجهه به نه لکيو. ڇا لکان؟ ڪنهن لاءِ لکان؟؟ مونکي سڀ ڪجهه ڪوڙ ۽ مِٽيا ڀاسڻ لڳو. من

۱۹۵۴ ۾ شايع ٿيو هو. ليڪن ا پاڻڪن دل ڪولي اُن جي آجيان ڪئي هئي.

ماحول سازگار هو، اَدبي جڳت ۾ اَڳتي وک وڌائڻ جا موقعا پاڻمرادو مُيسر ٿي پئي مليا. ’زندگي‘ ماهوار مخزن جي ايڊيٽر شري نرمل جي حجت ڪي بہ ٽاري ڪونہ سگهيو هوس. ۱۹۵۵ ۾ ’آشا‘ ناول ڇپيو هو.

ناول لکڻ تي قلم هليو تہ بس پوءِ هلندو ئي رهيو. ۶۱-۱۹۶۰ تائين پنج ڇهہ ناول، ’سوني رات‘، ’آس نہ آس‘، ’ائڪسيڊنٽ‘، ’پروفيسر‘ ۽ ’پيار روئي ڏنو‘ (ٻن ڀاڱن ۾) ڇپجي چڪا هئا.

’پيار روئي ڏنو‘ عنوان سان ننڍڙو ڪهڙو موهہ ٿي ويو هو جو ڪهاڻيءَ ۽ ناول تي ساڳيو عنوان ڏنو هوم. سچ تہ وڇڙڻ جو درد اِنتهائي درد آهي. پيار ڪان وڇڙڻ جي ڀوڳنا نهايت پيڙادائڪ، ٻن پاڙيسري ڪٽنبن جي اَڻبڻت جو اُگرو نتيجو سندن اولاد ٿو ڀوڳي. ’ميران‘ مري ٿي وڃي ۽ پوءِ ’اَمر‘ بہ اَمر نٿو رهي. سوڪيم سنيهہ جو نهايت ئي لڳ ڪاندارينڌڙ افسانو آهي.

مونکي هينئر نالو ياد ناهي، پوءِ اُها ليکڪا هئي يا ساهت ۾ رُچي رکندڙ، خط لکيو هئائين، پاڙڙا تو تہ رُئاري ڇڏيو.

هڪ دفعي جو واقعو منهنجي ذهن سان ڪافي ڏينهن چُهٽيل رهيو هو. مونکي آفيس جي ڪنهن غير سنڌي دوست بيحد ئي دک ڀري ڪهاڻي ٻڌائي هئي. مان اَڪثر رات جي روٽيءَ بعد هوُ موُ نرڻ تي، جڏهن چوڌاري سانت ۽ چُپ چُپات ڇانئجي ويندي هئي تہ لکڻ وهندو هوس. اُن رات گهڙيال جو ڪانٽو شايد هڪ هند بيهي ويو هو. مونکي سمڪ ئي نہ رهي تہ رات ڪيئن وِهامي ويئي هئي! منهنجو وڏو ڀاءُ پرڀات ويلي اِشنان ڪندو هو. جڏهن نلڪي مان بالٽيءَ ۾ پاڻي ڀرڻ جو پرلاءُ پيو تہ مونکان ڇرڪ ڀرجي ويو. پت جي گهڙيال ڏانهن نهاريم تہ پنج وڃي رهيا هئا. مان دؤلت باغ ڏانهن مارننگ واڪ لاءِ نڪري ويو هوس. سڄي رات جي اوجاڳي جو اکين ۾ چدو پاڌو اولڙو بہ هجي، اصل نہ. هونئن بہ دير رات تائين جاڳڻ جي عادت پئجي ويئي هئي، جا اَڄ تائين بہ قائم آهي. سرسوتيءَ جي ساڌنا هجي يا ايشور جي، انسان پاڻ ٿورو ئي ٿو جاڳي، اَلائجي ڪير آهي، جيڪو جاڳي ٿو.

هڪ لڳا مونکي ويچار آيو تہ مان ’ڊيلي ڊائري‘ لکان. روزمرہ جي

مجموعي ۾ ڇپيل آهي.

منهنجا ٻه ڪهاڻين جا مجموعا گجراتي ڀاشا ۾ شايع ٿيل آهن ۽ هڪ ناول ۽ ڪهاڻين جو ڪتاب هنديءَ ۾. انگريزي، مرهٽي ۽ اُردو ڀاشائن ۾ به ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن.

پونا، بمبئي ۽ راجستان يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب طور منهنجا ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا رکيا ويا آهن.

سنڌ سڄوريءَ مان به شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعن ۾ منهنجون ڪهاڻيون وقت به وقت پئي ڇپيون آهن.

سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن طرفان به منهنجي تخليق جو انعام اڪرام ڏيئاران مانُ سنمان ڪيو ويو آهي ۽ سال ٢٠٠٢ ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادمي طرفان ڪهاڻين جي مجموعي 'اُڏامندڙ اَرمان' تي راشٽريه اَوارڊ مليو هو.

جيون جي سفر ۾ ڪي سنا ڪي لڱا اِنسان ملندا آهن، پر مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهندو آهيان جو ساهتڪ ڪيتر ۾ مونکي ڪن اعليٰ ۽ هردلعزيز اَديبن جي انتها قربت، ويجهائپ ۽ پنهنجائپ نصيب ٿي، ۽ شڪرگذار آهيان پاڻکن ۽ اَديبن جو، جن منهنجي 'ٻوليءَ' جو درياه دليءَ سان قدر پئي ڪيو آهي.

✧✧✧

مٿان ويراڳ جا تهه چڙهندا ويا. لڳم هاڻ مان لکي ڪونه سگهندس. مون وڏي ياءُ کي ٻڙڪ به نه ٻولي، ياجائيءَ جا لفظ رکي رکي ڪنن ۾ ٻرڻ لڳندا هئا، ”اُهي ته ردي سمجهي ياڻين ڪِن ڪچري جي ڪوٺيءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيا هئا. چيائين، اَجايو پنن سان صندوق ڀري پيئي آهي، تنهن کان ته بِرتڻ رکجن.“

ها سچ ئي ته هو تنهن کان ته برتڻ رکجن. منهنجو سڀ ’سون‘، سڀ ’سچ‘ ڪِن ڪچري جي ڪوٺيءَ ۾ سُواهه ٿي ويو هو.

مان اَلائي گهڻا سال اِئين مُورڇت رهان ها، پر پوءِ اَچانڪ هٿن جي آڱرين ۾ چُرپُر ٿي هئي. ١٩٦٠ ڌاري منهنجو ناول ”پيار روئي ڏنو“ ظاهر ٿيو هو، ٻارهن سالن جي طويل عرصي بعد ١٩٧٣ع ۾ ’ڏنگيون ڦڏيون لڪيرون‘ شايع ٿيو هو. اِها دُرگهٽنا اَڄ منهنجي اَندر ۾ ڪَرَ موڙيندي آهي ته لڳندو اٿم مان ڇڻ گهاٽي ۾ پيسجي رهيو آهيان.

ساهتڪار جا ڪيترا اديت سُهاونا سماءِ چاندوڪيون راتيون، جن ۾ موتئي جي خوشبوءُ گهليل رهندي آهي، ٻلي چڙهي ويندا آهن. اُن عيوض ٿورڙو ڪجهه حاصل ٿيڻ تي هوءُ پنهنجي ساڌنا سڦل پائيندو آهي. سندس ڪنهن رچنا کي اَگر شاهڪار رچنا جو شرف حاصل ٿو ٿئي ته هُن جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪو شاهوڪار نه هوندو! ڪاش! سندس ريگستاني دل اَندر ڪوئي جهاتي پائي ڏسي!

منهنجا قريبن ٻارهن ناول ۽ ڏهه ڪهاڻين جا مجموعا اِشاعت ٿيا آهن. آل اِنڊيا ريڊيو سان ته مان تڏهن کان جُڙيل آهيان جڏهن اَڃا جئپور ريڊيو تان سنڌي پروگرام جي شروعات ئي نه ٿي هئي. سڄي هندستان ۾ فقط بمبئي ريڊيو تان سنڌي پروگرام پرسارت ٿيندو هو، سو به هفتي ۾ هڪ دفعو آرتوار تي اَڌ ڪلاڪ لاءِ. ريڊيو ناٽڪ ”پنجوءُ پهلوان“ اُتان پرسارت ٿيو هو. پروگرام اِنچارج موتي پرڪاش هو. مونکي خط لکيو هئائين، هري اِهو ناٽڪ ڏاڍو پسند پيو آهي. هنسي مذاق جا اَهڙا ناٽڪ ٻيا به لکي موڪل. اُن ناٽڪ جو ورنن شري گوبند مالهيءَ به پنهنجي مقالي ۾ ڪيو هو. پوءِ ته جئپور، احمدآباد، پُڻي ۽ دهلي ريڊيو اِسٽيشن تان سنڌي پروگرام پرسارت ٿيا هئا. اِن طرح منهنجا ڪجهه ناٽڪ ۽ اَڻ ڳڻيون ڪهاڻيون پرسارت ٿيون آهن، ۽ هڪ ڪهاڻي ”اَجاتل ڏک“ گيان پيٺ جي ”ڀارتيه ڪهانيان ١٩٩٠-٩١“

مدن ڀڳت

✍ چني لعل ايس. واڌواڻي (اِندور)

ڀڳتي پرٿا هجي يا صوفيزم، ٻنهي عام ماڻهن کي پاڻ سُڃاڻڻ جو پيغام ڏنو آهي - جيئن جيئن سماج ۾ ظلم وڌندو آهي ۽ حاڪم ڀوءِ اُهي راجا هجن يا نيتا، بادشاهه هجن يا جاگيردار، انهن جڏهن به حد کان وڌيڪ ڏهڪاءُ ڦهلايو آهي، ته ڀڳتن ۽ صوفين يا ته شهادت حاصل ڪئي آهي ۽ پاڻ کي اَمر ڪري ڇڏيو ڇو جو اُهي انهن ظالمن سان دوبدو ٿيا - ڪي وري اَهڙا به ڀڳت ۽ صوفي ٿيا آهن جن پنهنجن مريدن ۽ ساده دل ماڻهن کي مارائڻ کان پاسو ڪري، صلح صفائيءَ سان ماڻهن ۾ اَندر جو سوجهرو پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪيو ته جيئن انهن مٿين ظالمن جو مقابلو ڪري سگهن - جنتا کي انهن جي ظلمن کان واقف ڪرائي سگهيا - هونئن ته ڀڳتي پرٿا تمام پراڻي هلچل آهي، جڏهن اَڃا اِسلام ۽ عيسائيت ڄاڻون به ڪونه هيون - تنهن وقت کان اوچي ذات وارا ٻين کي نيچي ذات وارو قرار ڏيئي حد درجي تائين ظلم زيادتيون ڪيون - اَسان جي سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي شڪشائن ڪري ذات پات جو چڪر ته ختم ٿيو پر راجائن نوابن، وڏيرن جو ظلم قائم رهيو - ڀڳت ته گهڻائي ٿي گذريا آهن پر هت اَسان سنڌ جي صوفي لاکوفي شاه لطيف جي دوست ۽ ڳوٺائي ڀڳت مدن لعل جنهن کي سڀ مدن ڀڳت ڪوٺيندا هئا، تنهنجو ذڪر ڪنداسين - مدن ڀڳت ۽ ٻين هندو جوڳين جو ئي اَثر هو جنهن شاه لطيف کي ساڻن گڏ وڃي ڪري هنگلاج تائين آندو ۽ سڀني سنياسين، جوڳين ڪاپڙين، گرو گورک ناٿ جي چيلن سان ڪچهرين جو موقعو شاه لطيف ماڻي سگهيو ۽ اهو به پنهنجي ڦوهه جوانيءَ ۾ - پيار جي چوٽ جوانيءَ ۾ لڳڻ ڪري گهران بغير ڪنهن کي ٻڌائڻ جي نڪري پيو - سنڌ جي سير تي - مدن ڀڳت شاه لطيف جو ڳوٺائي هئڻ سان گڏوگڏ هڪ اعليٰ پايي جو شاعر به هو - مدن ڀڳت ويدانت مت جو ڄاڻو هو - مدن ڀڳت وٽ به سڄي هندستان جا خانه بدوش سنياسي، ڪاپڙي نانگا فقير، سامي، ناٿ پنٿي ويراڳي، آڌوتي ۽ ٻيا فقير ۽ ملنگ اَچي مهمان ٿيندا هئا ۽ مدن ڀڳت کي ميزبانيءَ جو موقعو ملندو هئو - هونئن به سنڌين جي مهمانوازي جي هاڪ ته عالم آشڪار رهي آهي - شاه لطيف به انهن جي صحبت ۾ مندرن، مڙهين، ٽڪاڻن، ڌرمشالائن ۽ ٻين ڌارمڪ استانن ۽ سنڌ ۽

كونج جي گونج جاري رهي ....

With Best Compliments From

Chirag Infraproject Pvt. Ltd.

Panchratna Apartments,
29 / B, 1st Floor,
Near City Centre Mall,
Jawahar Nagar,
Goregaon (West),
MUMBAI - 400 062.

ام تماچي جي لوڪ ڪٿا، وري ٻئي پاسي جيسلمير، ٻاڙمير، پالنپور ۽ راجستان
ن ملندڙ علائقي جي ”ليلان چنيسر ۽ ڪونئرو“ جي لوڪ ڪٿا جو ذڪر پنهنجن
ڻتن ۽ ڪلامن ۾ ڪيو اٿن. اهڙي طرح شاھ صاحب ڀڳتن سان گڏجي گهمندو رهيو
ڪلام به رچيندو رهيو ۽ ڀڳتن سان گڏ ڳائيندو رهيو - ڀٽ شاھ تي شاھ جي سٽن
رمين سان گڏوگڏ ڪربلا جي واقعي تي ڪلام ۽ ٻين ڀڳتن جو ڪلام جنهن ۾
ن ڀڳت جو ڪلام سڀ ڳايا ويندا هئا - اِها ڪوجنا ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته مدن
ت جو ڪلام ڇو نه ڪنهن ڪتابي صورت ۾ اَچي سگهيو آهي - سنڌ ۽ هند جي
وانن ۽ ڪوجنيڪن ڪي ان طرف ڌيان ڏيڻ جڳائي - انهن ڪلامن جون معنائون
ڪو پنهنجي حساب سان ڪڍندو آهي ۽ هرڪو پنهنجي جاءِ تي نيڪ به آهي.
ه صاحب ۽ مدن ڀڳت ۽ ٻين فقيرن جا ڪلام اَسان کي ۽ سنڌو ديشواسين کي
نگهرش، سچي محبت، وطن لاءِ حُب، ڌرم ۽ ذات پات جو فرق مٽائڻ، لوڀ لالچ
ن پري رهڻ، پاڻ سُڃاڻڻ جو سبق ڏين ٿا - ڀڳتي پرتا جا فقير ۽ جوڳي پري
ي کان اَچي ڀٽ تي مدن ڀڳت جي ڳوٺ ۾ اَچي حاظري ڀريندا هئا. هڪ دفعو
علي مان جڏهن اٺل فقير ۽ چنچل ڀڳت ڳائڻا ڀٽ شاھ تي آيا ته شاستري راڳ
نبوري واري ساز تي ڳايو - هونئن سنڌ ۾ دهل، مَٽڪي، يڪتاري ۽ نڙ وغيره تي
ڀٽ شاھ تي ڳايو ويندو هئو پر پوءِ طنبوري تي ڳائڻ چالو ٿيو. مدن ڀڳت جو
لام به اوتري عزت ۽ اَدب سان ڳايو ويندو هئو - مدن ڀڳت جي شاھ لطيف سان
ستي آخري دم تائين قائم رهي - شاھ صاحب جي ڀٽ تي ورند فقير نالي به
ڪ ڀڳت شيوا ڪندو هئو - مدن ڀڳت ۽ شاھ لطيف انهيءَ سان خوب چرچا ۽ مذاق
ندا هئا - ڪِل مِل وارو ماحول هوندو - مدن ڀڳت ۽ شاھ لطيف هرهڪ هندو ۽
سلمان نه پر صرف انسان هئا ۽ انسانيت جو درس ڏيئي ويا - شاھ لطيف جي
عري عظيم ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هئي ۽ مدن ڀڳت، ورند ڀڳت، اَٺل ۽ چنچل جا نالا
شاھ لطيف جي صدقي اتهاس ۾ اَمر رهندا جيئن شاھ جي شاعري عظيم هئي،
ي ۽ اَڳتي به رهندي - اَسان مدن ڀڳت کي به ڪونه وساريندا سين.

(١٧٠ - ايم - ڪاتيوالا ٽئنڪ، اِندور-١)

✧✧✧

جي مختلف علائقن جا سير ڪيائين ۽ انهن هندو ڀڳتن جي الڳ الڳ رسمن رواجن کي پنهنجي اکين سان ڏٺائين ۽ ويدانت کي به سمجهيائين، تنهنجي ڪري ئي مدن ڀڳت ۽ ٻين هندو فقيرن جا ڪلام به ڀٽ شاهه تي شاهه لطيف جي ڪلام سان گڏ ڳايا ويندا هئا - شاهه صاحب هندو ڀڳتن سان پوري سنڌ جو سير پيرين پيدل ڪيو - انهن پيرين پنڌ ياترائن ۾ اُتر طرف بهاولپور رياست، مظفر ڳڙهه، ڊيره غازي خان ويندي ملتان تائين چڪر هنيا - اولهه طرف وري ڪراچي لسٻيلي کان هنگلاج ماتا جنهن کي مسلمان 'ناني' جو آستان ڪوٺيندا آهن، اُتي وڃي پهتو - قصو آهي ته هرڪو سنياسي فقير ديوي ماتا جي منهن ۾ مائو رکي پيو پر ماتا ته بت هئي، اُها ڪائي ڪونه پئي تڏهن به هرڪو ماتا کي مائو وات ۾ وجهندو پئي ويو - شاهه لطيف جڏهن ماتا جي منهن ۾ مائو رکيو ته اهو بت مائو کائي ويو. جڏهن جوڳين اِهو ڪرشمو ڏٺو ته شاهه لطيف کي جادوگر سمجهي مارڻ لاءِ ترشول ۽ گُرز کنيون ڪڍ پيا ته شاهه لطيف اُتان زمين ۾ ٽٻي هڻي ۽ سڌو ڀٽ شريف تي اَچي پهتو - اِها ڳالهه اَسان کي ماستر چوٿين درجي سنڌي ۾ پڙهائي هئي - اَسان ته ٻار هئاسين ۽ ڪرشمو سمجهندا هئاسين - هاڻ جڏهن سوچيندو آهيان ته ڪِل ايندي آهي ۽ هينئر جن چيو ته گڻيش ڀڳوان جي مورتي ۽ بوتا کير پي رهيا آهن ته سمجهڻ وارا سمجهن پيا ۽ کِلن به پيا - بهرحال اَڄ جي سائنس جي زماني ۾ ڪو مُلو يا پونگو پنڊت ئي اَهڙن چمتڪارن جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو - اَهڙن ماڻهن جي به ٻج ڪوني اَچا ڪونه ٿي آهي - بهرحال شاهه صاحب ڀڳتن سان گڏ جيسلمير طرف به ويو هئو - سکر ضلع طرف ڀارت سان سرحد ملندي آهي - اَڄ به جيسلمير کان سکر طرف جهوناڳڙهه تائين پهتو هو. يعني ڏکڻي طرف ڪنارو ڪنارو ونندي ابراهيم حيدري، ريڙهي، ڪارو ڇاڻ، پوُربندر ٻيٽ ٿيندو ڪڇ جو علائقو به گهميا. شاهه صاحب انهن ياترائن ۾ سنڌ جون مختلف ٻوليون بدليل سدليل ٻوليون جيڪي سنڌي ٻوليءَ جون ئي اپڀاشائون هيون ۽ انهن علائقن جا رسم رواج، قصا ڪهاڻيون، لوڪ ڪٿائون، لوڪ گيت وغيره باريڪبينيءَ سان جاچيندو رهيو - ڪانياواڙ جهوناڳڙهه ۾ سورٺ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جو قصو هجي يا جيسلمير ۾ وري مومل راڻي جي لوڪ ڪٿا. جڏهن ٿرپارڪر وارو علائقو گهميائين ته عمر مارئي جو قصو، ملتان پاسي سهڻي ۽ ميهار جو قصو - حالانڪ هير رانجهي جي قصي تي ڀٽ شاهه تي گيت ڳايا ويندا هئا پر شاهه جو ڪوئي بيت، وائي، ڪافي هير رانجهي تي ڪونه مليو آهي. لسٻيلي طرف وري ڀنڀور جي سسئيءَ ته ڪيچ مڪران جو شهزادو پنهون آري جام جي عشقيه لوڪ ڪٿا، ڪينجهر ڍنڍ جي سير مهل اتان جي نوري

اونده ۾ روشنيءَ جو اَڪيلو اهڃاڻ

✍ لڇمڻ ڪومل

منهنجي سامهون رکيل ”اَکر جي ڳاٿا“ مسودي جو اُپياس ڪندي جڏهن انهن سٽن تي پهتو آهيان تہ مون کي ڪنهن حد تائين شاعريءَ جي ويڄهي ۾ ويجهي مفهوم ۽ ان جي روح تائين رسائي ٿيڻ لڳي آهي.

”اونده ۾ منهنجي ساهہ پساهہ / جو اَڪيلو آواز /
روشنيءَ جو اَڪيلو ڏس.“

هنن ٽن سٽن ۾ شاعريءَ جي آتما کي ڇهي سگهجي ٿو ۽ ان جي سرير جا سڀ وڳا ۽ وستر لاهي ڦٽا ڪري سگهجن ٿا.

ٽن سٽن ۾ مڪمل شاعريءَ جو نئون اجاڳ روپ ۽ نند جويريءَ جي شاعري.

اِئين بہ نند جويريءَ جي شاعري هندوري ۾ لولي ڏيئي ننڊ ڪرائڻ واري شاعري ناهي، باوجود ان حقيقت جي تہ ترنم واري شاعريءَ جي مشرقي شعر و ادب جي دنيا ۾ تمام گهڻي اَهميت رهي آهي، جو ان لاءِ ساڏنا ڪرڻي ٿي پوي پر اَڄ جي هن افرا تفريءَ واري دور ۾ ترنم جي روانيءَ هيٺ ايندڙ نند کان وڏيڪ اهميت جاڳ کي آهي ۽ ان جاڳ جو سنئون سڌو تاثر هڪ شاعر جي جلاوطنيءَ جي پوڳيل عذاب ۽ پيڙا سان آهي. جلاوطني هڪ اها باهہ آهي، جيڪا ساڙيندي گهٽ ۽ لهسائيندي وڌيڪ آهي ۽ ان لهس مان ’آهہ‘ ۽ ’دانهن‘ تہ اُڀري سگهندي آهي پر ڪنهن گيت وارو ترنم پئدا نہ ٿي سگهندو آهي.

”هيءَ گيت ناهي / جنهن کي ڳائي سگهجي /
يا سُر ۾ سجائي سگهجي / پر پوءِ بہ /
هيءَ ڪيترن جو گيت بڻي رهيو آهي.
جنهن کي ڪيترن پنهنجي پنهنجي سُر سان / پنهنجي پنهنجي /
جيون جي / سريلن ۽ بي سُرن / پلن ۾ / بڻي ڳاتو آهي / سدا کان /
ڏاهن ۽ ڏڏن / پنهنجي پنهنجي قوت سان / ڪويتا کي ڳاتو آهي /
۽ پنهنجي پنهنجي راهہ / پڻ پاتي آهي.

ڪونج - خاص ''وينا شرنگي'' اَنڪ

سنڌي ساهتيہ ۾ هن وقت جيڪي رسالا - مخزن جاري آهن، اُنهن ۾ ڪونج خاص جڳهہ والاري ٿي. ڪونج جو اهو اصول پئي رهيو آهي تہ ليکڪن - ساهتڪارن - اَديبن - شاعرن وغيره جو سندن جيئري جوڳو سنمان ٿيڻ گهرجي، جيئن اُهي ڏسن - ماڻين.

اِنڪري ڪونج گذريل ۵۳ سالن کان ڪيترن عظيم شخصيتن تي خاص نمبر ظاهر ڪيا آهن. جهڙوڪ، پروفيسر رام پنجواڻي، ليکراج عزيز، پوپٽي هيراننداڻي، نارايڻ شيام، شيخ اياز، حميد سنڌي، شوڪت شورو، لڇمڻ ڪومل، واسديو نرمل وغيره. جيڪي هند ۽ سنڌ ۾ پنهنجي ساک ۽ ڌاڪ قائم ڪري چڪا آهن. اهو سلسلو جاري رکندي هن سال ڏياريءَ جي موقعي تي سنڌي ساهتيہ جي مايناز ليکڪا **شِشري وينا شرنگي** تي خاص اَنڪ ظاهر ڪبو.

وينا شرنگي دهلي ۾ آل اِنڊيا ريڊيو سان جڙيل آهي. هن دوردرشن تان بہ پروگرام پيش ڪيا آهن. هن جا ڪيترا ڇپيل ڪتاب ڀيهر سنڌ ۾ ڇپايا ويا آهن. دهليءَ جي 'ملرئي سنستا' جي فائونڊر ميمبر آهي، جنهن جي بئنر هيٺ هن ڪيترا نئشنل ۽ اِنٽرنئشنل سيمينار ڪاميابيءَ سان ڪيا آهن. وينا - NCPSL دهلي جي ڪيترا سال ميمبر پڻ رهي چڪي آهي. سنڌي اَڪادمي - دهليءَ جي ميمبر، سندن سالياني اَدبي رسالي 'سنڌو جوت' جي ايڊيٽر آهي.

توهان صاحبن کي وينتي آهي تہ پنهنجا اِشتهار ڏئي سنڌي ساهتيہ کي همٿائيندا.

توهان جو پنهنجو،

نند ڇڳاڻي

سمپادڪ

Advertisement Tariff :

Multicolour Cover - I	: Rs. 10,000/-
Multicolour Cover - II, III, IV	: Rs. 7,500/-
Inside Multicolour Page	: Rs. 5,000/-
B/W Page	: Rs. 2,500/-
Matter Size	: Demi (4.5"x7.5")

مهرباني ڪري چيڪ 'ڪونج' جي نالي تي ڪڍندا.

Please draw cheque favouring "KOONJ" OR pay directly at any branch of Bank of Baroda for credit of "Koonj" Current A/c No. 04250200000602 with Bank of Baroda, Ulhasnagar - 421 002, Main Branch.

ORDER FORM

Please reserve our space as courtesy line / Multicolour Cover / Multicolour Inside Cover / B/W Page. Cheque of Rs.________________ is enclosed with matter.

Signature

✍ نند جويري

دڙي جو اَکر چٽي رهيو آ

يگ آيا يگ گذري ويا
هر يگ جو شاهد آهي
دڙي جو اکرُ.
دڙي جي اَکر سڀ ڏٺو آ
هن ايمان کي
آسمان مان لهندو ڏٺو آ
هن ايمان کي
مهراڻ ۾ لڙهندو ڏٺو آ
هو اَڪيلو
ايمان ۽ ڪفر جي
دويت اَدويت جو
شاهد آهي
اَڄ هو ماٺ آهي
۽ ماٺ هن جي
چٽي رهي آ
راھ جنهن تي هلي سگهجي
منزل جنهن کي پائي سگهجي
دائم قائم نئي رهي.

هر طرف کان

هوا جي رُخ کي
لتاڙي
باغ جي خوشبوء
مون وٽ
اَچي نئي سگهي.
جڏهن ته هر رخ کي لتاڙي
ڪويتا
مون وٽ آئي آهي.

پوئين پني تي

ڪليل مُٺيءَ تي
نچندو آهي آسمان
بند مٺيءَ مان
چڏجي ويندو آ
سارو جهان.
اَکرن جي اُٿت ۾
چڏجي ويندو آهي
سڀ
اَڻ لکيو
پڙهان ٿو
پاڪ ڪتاب جي
پوئين پني تي.

سا سسُئي

سا سسئي ته
اَگياني هئي
جنهن پنهون سان
پيار ڪيو.
سا سسئي
گياني هئي
جنهن روح سان
رهاڻ ڪئي.
سا سسئي
لاوجود هئي
جيڪا پنهونءَ سان
پنهون ٿي وئي.

جڏهن ڪويتا ايندي آ

آس پاس کي سميٽي
جڏهن جڏهن / ڪويتا
مون وٽ ايندي آهي
مان اَڪثر
هن کان پُڇندو آهيان
ڇا ڏيڻ آئي آهين
۽
ڇا کسڻ آئي آهين
مون ۾ / ڪويتا
اِئين ئي چوندي آ
جو تو وٽ تنهنجو ناهي
اُهو کسڻ آئي آهيان
جو تو وٽ تنهنجو آهي
سو ئي توکي
ڏيڻ آئي آهيان.

وحدت ال وجود

سنڌوءَ ڪناري
رگويد چيو / هڪ تَت مان
سڀ ٿيو آ.
سو ئي / راويءَ ڪناري
نانڪ چيو
اِڪ نور سي جڳ اُپجيا.
سو ئي / مڪي جي
رسول چيو
مع محمد ڪارڻي.
ورجائي پٽ تي

کويتا سدا کان / جيون جي ڇيل / ۾ پوءِ بہ /

اَڻ ڇيل ڳالهہ بڻي رهي آهي.“

جلاوطنيءَ جي شاعري فلسطيني شاعر محمود درويش ۽ آرميني شاعر وليم ميرويان ۽ ترڪيءَ جي ناظم حڪمت جي ترنم واري شاعري مقت جي اها تقاضا پوري نہ ڪري سگهي، جيڪا هنن جي نثري شاعريءَ اڳتي هلي پوري ڪئي جو ڪڏهن ڪڏهن نثري شاعريءَ ۾ پڻ خيال جي اها گهرائي ۽ چتائي پئدا ٿي وڃي ٿي، جيڪا ڪنهن رواني ۽ موزونيت جي محتاج ناهي.

”باغ ۾ / جنهن گلاب کي ڳولهي / گلاب جي خوشبوءِ جو /

پنن ۾ بيان ڪيو / اهو شاستري هئو / جنهن اَکر کي /

اَکر سان اٿي / شاسترن جو نرماڻ ڪيو هئو.

جنهن گنجي نڪر جي / اَڻ لڪيل پنن کي پڙهي /

پٽ تي ناچ نچيو / اهو / ستيم شوم سندرم / جو روپ لطيف هئو.“

(شاستري :- شاسترن جو رچيندڙ)

نند جويريءَ جي هيءَ ڪوتا موسيقيت جي جذبي سان پُر هوندي بہ ستيم شوم سندرم جي روپ، رخ ۽ رويي کي لطيفَ جي روپ سان هم-آهنگ ڪري خود لطيف جي سُر مندل واري شاعريءَ کي سرهاڻ بخشي ٿي.

نند جويريءَ جو Nostalgia (وطن جي سارونٽي) وارو نظم ’شڪارپور‘ سنڌي شاعريءَ جو هڪ اَهڙو شاهڪار نظم آهي جو نند ان نظم کانسواءِ بيو ڪوبہ نظم يا ڪوتا نہ لکي ها تہ بہ هن کي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو رتبو حاصل ٿئي ها، جيڪو رام پرساد بسمل کي هن جي هڪ ئي نظم ڪري اردو شاعريءَ ۾ حاصل آهي - پر جئن تہ نند جو اهو نظم هن جي پهرئين مجموعي ’ڇوواٽي تي‘ ۾ شامل آهي ۽ شيخ اياز ان تي تفصيل سان پنهنجي عالماڻي تجزيي ۾ پيش ڪيو آهي، انڪري مان ان تي تفصيلوار طور لکڻ کان محروم رهجي ويو آهيان.

(نند جويريءَ جي ”اَکر جي ڳاٿا“ (شاعري) جي مهاڳ (لڇمڻ ڪومل) تان ڪوريل)

✧✧✧

اي سِنڌُ ڄائيِ!

✍ محمد ابراهيم جويو

اي سنڌ ڄائي!
ھجيئي سڀ سڻائي،
ڪڏهن واءُ ڪوسو نہ توکي لڳي
ڪڏهن وقت اوکو نہ توتي اَچي.
ھِن کي تون پڻ پياري ھوندينءَ
تن لئہ ميگھہ ملھاري ھوندينءَ،
پر تنھنجيءَ اُڃ ءِ اُڪي کي
جيئن ھيءَ ڌرتي ڄاڻي،
ھيو ڪو ڪيئن ڄاڻي؟!
پنھنجي جيجل ماءُ سنڌ کي پياري آھين،
جنھن توکي پنھنجو رَتُ ستُ ڏنو آھي
اھا تنھنجيءَ ھر سوڀ، ھر ڪاميابيءَ تي
خوش ٿيندي ءِ ڪلندي آھي.
ءِ جڏھن جڏھن بہ تون
ڪنھن ڏک جي ڏاگھہ تي چڙھڻ لڳندي آھين،
تہ ھن جي مامتا تڙپي اُٿندي آھي،
ءِ تنھنجي ڇوٽڪاري ءِ خوشيءَ لاءِ
دعائون گھرندي آھي.
تو جڏھن جڏھن بہ ڪا سَھوَ ڪا غلطي
ڪئي آھي، تہ ھوءَ
اھو سوچي توکي بخشيندي آھي،
تہ تون ان جو تدارڪ ڪندينءَ
گيت محبت،
سنگ صحبت جا ڇوندي پئي آئي.
تن ۾ ڪو مت پيد نہ ھو،
تن جي قومي جيون ۾ ڪو ڇيد نہ ھو.
جڏھن ورھاڱي جا ٿيا سانباھا
تڏھن بہ ڪنھن کي ڪَل نہ ھئي
تہ ڪو،
سرحدن سان گڏ،
قومون بہ وھاريون ويندو،
ءِ ماڻھن جي مٽاسٽا بہ ڪئي ويندي.
مذھب جي نالي ۾،
ھر سرحد ڪان ايندڙ
لاڏائو قافلن کي
سنڌ ڏانھن روانو ڪيو ويو.
تن لاڏائو ٽولن کي
ھيا بہ رھائي سگھيا ٿي،
پر،
جتي ڪٿي تن کي اھو چيو ويو ؛
”پاڪستان اَيي آگي ھي!“
اِئين سڀ ننڍي ڪنڊ جا تڙيل ٽولا
سنڌ ۾ آيا.
شروع شروع ۾،
مسلمانيءَ جي جذبي ۾،
اَسان بہ تن کي قبول ڪيو،
انصار مھاجر واري روايت پاريسين،
ءِ ڏارين سان
پنھنجي ڌرتي
پنھنجون ملڪيتون
گذر سفر جا سڀ وسيلا ءِ محبتون
ورھايونسين.
اي سنڌ ڄائي !
او بختاور!

لطيف ڳاتو
نرتون منجهان نيهن
مع محمد ڪارڻي.

نچيو هو لطيف

اَنڌي ڪي ڏسي
رُڪيو هو عيسيٰ
نور بخشي اَنڌي کي
نچيو هو عيسيٰ.

مردو ڏسي
رُڪيو هو گوتم
ڀوڳ بخشي گوتم کي
نچيو هو ٻڌ.

روح ڏسي
رُڪيو هو سيد
پنهون بخشي سسئيءَ کي
نچيو هو لطيف.

راند

صدين کان
شاسترن ۾ لکيل
گنڀيرتا کي
هڪ ڪن ۾
صوفيءَ ڪي
احديت واري
الف
راند بڻائي ڇڏيو
اَڪر پڙهه الف جو
ٻيا ورق سڀ وِسار.

سندرتا

روشنيون جيڪي
اونداهيون ڪٽي اَچن
اونداهيون جيڪي
روشنيون ڪٽي اَچن
۽
ڳُم ٿي وڃي
ڏيکُ ڏسڻ ڏسندڙ
شونيه ٿي وڃي شونيتا
نه ڪوي رهي نه ڪوتا.

ڪويتا سچ ٿي آهي

ڪويتا لکندي
نه تون هئين
نه مان هوس
نه ئي ڪو شبد هو
رڳو منهنجو
نرگڻ مان هئو
تڏهن ته
ڪويتا سچ ٿي آهي.
۽ هاڻ
ڪويتا پڙهندي
جڏهن مان نه هوندس
نه تون هوندين
نه ئي ڪوئي شبد هوندو
هندو ته رڳو تنهنجو
نرگڻ مان هوندو
ته ڪويتا
ازخود
سچ ٿي پوندي.

اَڌوري ڪويتا

نڪر ته ڪوئي ڪوئي
پورڻ ٿيندو آ
ڪوتا ڪڏهن به
پورڻ
ڪونه هوندي آ.
واهه واهه ... انعام
ڪويءَ تي حملو
ڪوئي ڪوئي ڪوي
حملي ۾
ساڪي رهندو آ.
تڪبنديو
انعامي تير سان
مرندو آ
ڪوي ته
نه جنم ولندو آ
نه مرندو آ
رڳو
ڪڏهن ڪڏهن
آنند ماڻڻ لاءِ
نشبد درياهه جي ڪناري
سئر تي نڪرندو آ.
نه ڪوي
نه ڪوي جي ڪوتا
ڪڏهن پورڻ هوندي آ
ڪوي اَپورڻ
اَڻپورڻ ڪويتا سان ئي
اَمر ٿيندو آ.
ڪويءَ جي ڪويتا
سدا اَڻپوري ئي
رهجي ويندي آ.

ظلم ۽ ڪروڌ جي روايتي انداز سان
ڳڻ وهائڻ لڳيون.
اسان کي جيلن ۾ وڌائون
جان ونڻ جون ڌمڪيون ڏنائون
اسان جي شعرن تي،
ڪهاڻين تي،
افسانن تي،
۽ ٻين ليکن تي،
زنجير وڌائون،
۽ فرمايائون ته
”سنڌ“ ”سنڌ“ ڪرڻ ڇڏي ڏيوا
ان ڪري ئي اياز چيو ؛
”سنڌڙي ! تنهنجو نانءُ وٺو
ڪاريهر تي پير پيو.“
پر اسان ته او سنڌ چائي،
شاهه لطيف کي ساريو پئي ؛
”سڄڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اڪاسيءَ وسري
حيف تنين کي هوء، وطن جن وساريو.“
هيئن به آهي اسان ۾ ڪيئي
هئا اڪاسي،
جن
ايوانن ۾ ”هڪ صوبي“ جي حق ۾
ووٽ ڏنو
۽ ڌرتيءَ جي ڦلڪار کنئي،
تاريخ جي رُسوائي،
پاڻ ئي پنهنجي نانءُ لکي.
تن غدارن کي
تنهنجي ديس واسين
اڄا به ڏني ناهي معافي
ڇو ته انهن جي
ڏوهه جي ناهي ڪا به تلافي.
وَن يونٽ هڪ ڏوهه هئو،
جو واريءَ جي ڪوٽ جيان
ڀٽ پيو.
پاڻ ٿياسون سوڀارا
پنهنجا وارا تي پيا نيارا.
پر ڳالهه اتي به ڪيو نه ڇيهه
هي جيڪي نندي کنڊ جا ٽولا
هت آيا هئا،
تن هڪ لشڪري ٻوليءَ جو راڳ آلاپيو،
جنهن سان پنهنجو
سڱ سياپو ڪونه هو،
ڪوئي ناتو ڪونه هو،
چيائون ته سنڌ ۾ اها ئي ٻولي رهندي!
اسان چيو ته
ائين نه ٿيندو
”سنڌي ٻولي زنده باد
ان ۾ جيڪا جيجل ڏني،
سا ئي لولي زنده آباد“
اسان چيو ته
ٻولي ٻي نه قبول ڪنداسين،
پڙهنداسون سڀ ڪتاب، سنڌيءَ ۾،
ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾،
سنگ ميل، سائن بورڊ
قومي شناختي ڪارڊ
هرڪا لکت گهرجي سنڌيءَ ۾
ان تي ڌارين شور فساد ڪيو.
چي : ”اردو ڪا جنازه هي
ذرا ڌوم سي نڪلي.“
اسان هنن کي سڀ ڏنو،

پر
ڏاريا، ڏاريا ثابت ٿيا،
جيڪي تنهنجي ديس ۾ آيا،
مک شهرن تي قابض ٿيا،
۽ جن پائرن تنهنجي ديس واسين
تن جي آجيان ڪئي
تن جي مرحبا ڪئي
اهي ڪانئن نفرت ڪرڻ لڳا،
ڇي جٽ آهن
هنن جي تهذيب گڏهن، گهوڙن واري آهي.
ايترو ئي نہ پر
تن جي رکوالن ۽ محافظن،
ڏاڍ ڏمر جي پوئلڳن،
اُهي ئي
جن اَسان سان وچن ڪيا هئا تہ
نئينءَ نهندڙ رياست ۾
اَسين هونداسين آزاد،
اَسين هونداسين بااختيار،
تن، سوچيل سمجهيل سازش سان،
ڌارين کي مضبوط ڪيو.
۽ اَسان ڏٺو تہ اَسان جي تنهنجي
ٻاٻاڻي ٻوليءَ سان وير ٻاڙيو ويو
۽ ان کي اَسان جي شهرن مان،
نيڪالي ڏني ويئي،
ضرب ڪاري هنئين ويئي،
ٻار اَسان جا
پنهنجيءَ ماءُ جي منٺڙي ٻوليءَ ۾
پڙهڻ کان محروم ڪيا ويا،
لکڻ کان محروم ڪيا ويا.
اي سنڌ جائي!

اُن وهہ پيئڻ جو،
ذائقو اَڃا بہ تازو هو تہ
اَسان کي چيو ويو تہ اَسين
هاڻي ”سنڌ“ اُچارڻ ڇڏي ڏيون،
ان جي نانوَ جو
ڏيئو ٻارڻ ڇڏي ڏيون،
حڪم ٿيو تہ
”سنڌ“ ماضيءَ جو ”حصو“ آهي،
ڪوئي پراڻو ”قصو“ آهي.
هُنن کان وسري ويو تہ
پاڻ ئي وچن ڪيو هئائون تہ :
سنڌُ، پاڪ آستان ۾،
رهندي آزاد،
سنڌ واسي هوندا بااختيار،
۽ چيائون :
هاڻي هيءُ منصوبو رهندو،
بس هڪڙو ئي صوبو هوندو،
ٻئي پاسي بنگالي آهن
تن کي مهاڏو ڏيڻو آهي،
اَڪثريت ۾ رهڻ وارو
حق انهن کان کسڻو آهي.
پر اَسان تنهنجي ديس واسين
ان رٿا کي ڪونہ قبوليو
جنهن اَسان کان
صدين جي ٿي کسي سُڃاڻپ،
اَسان نہ وساريو سنڌ جو نانءُ
ٻئي اُچاريو سنڌ جو نانءُ.
پوءِ بديءَ جون سڀ اَنڌيون طاقتون
مچڙجي،
اُلرجي،

واهه ڪيائون،
پنهنجي ڌرتي سرسبز ڪيائون.
ڦڙي ڦڙيءَ لئه پاڻ سڪياسين،
زمينون زرخيزي ڇڏي ويون،
مال متاع نه حالي سگهيو،
پڪي پڪڻ کان سنڌ جو،
نيل گگن خالي ٿيو.
۽ ماڻهو حال کان بيحال ٿيا،
سُڪي ڌرتي ڏڪي ٻڏجي ويئي.
پر هو اَڃا به چون ٿا :
ڪالا باغ ڊيم گهرجي.
عجب!
اَفسوس!
امداد حسينيءَ سچ چيو آهي :
”پنهنجا دريا وڪڻي هاڻي
سنڌوءَ تي اڌارا آهن،
ڪالا باغ اڏڻ وارن جا
اَندر ڪيڏا ڪارا آهن.“
هائو هاڻ اَسين سنڌوءَ تي،
ڪوبه ڊئم نٿا چاهيون،
سنڌوءَ کي وڏيڪ ڪوبه ٽُڪو ڏيڻ
اَسين سنڌي قوم جي شهه رڳ
وڍڻ برابر سمجهنداسين.
سو اي سنڌ جي راڻي!
ساري آهي هيءَ رام ڪهاڻي،
هي سنڌي ماڻهو
تنهنجا ماڻهو،
تنهنجا ديس واسي
سڀ وڃائي ويٺا آهن،
پنهنجا مڪ شهر،
درياهه،
زرخيز زمينون،
سڀ وسيلا،
۽ ڌاريا هت پلجن ٿا لکن ۾،
پنهنجين ڌرتين هوندي بہ،
چورن وانگي سنڌ کي چنبڙيا پيا آهن.
ڇا سنڌ ڪو عالمي يتيم خانو آهي!
۽ هئي پاسي،
سنڌي سارا،
وطن ۾ بي وطن آهن،
تن جون وسنديون روز ڊهن ٿيون،
تن کي روز ڇتاڻ ملي ٿو،
وسندي خالي ڪريو!
ڪالهه جنين کي اَسان ڏنيون هيون
جيءَ ۾ جايون،
سي اَڄ اَسان کي پنهنجيءَ
ڌرتيءَ تي،
ڪابہ جاءِ ڪين ڏين ٿا.
هيئن چون ٿا،
پاڻ هتي غير قانوني ويٺا آهيون؟
سٺ سالن ۾ هڪ
سکي ستابي،
ڪلندي ٽڙندي،
قوم تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي
اَچي لڳي آهي،
تن کي ڪوبه اَجهو نه اَمان آهي،
هاءِ اَرمان آهي.
تاريخ ڪيتري نه ظالم آهي
جو ٻڻ ٻڻياد کان اوپرا،
پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ کان

پر،
پوءِ بہ اَسان جي ٻوليءَ کي
ھو تہ مِٽجڻ لئہ تيار نہ ٿيا!
تن ڪاٿو پئي سنڌ جو
۽ پيتو پئي جو سنڌوءَ جو،
پوءِ بہ انھن جي فطرت ۾ ڪو ازلي ڦيرو ھو،
سندن ذھنن تي غلطانن جو گھيرو ھو.
سنڌي ٻولي ڦوھي ٻولي ڪانہ بڻي،
پر
سنڌ اَندر بہ صوبي ۾ لشڪري ٻوليءَ کي
ان سان ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو.
سچ، ڪاپاري وار ڪيو ويو.
او سنڌ جائي!
توکي تنھنجي ديس جا
ڪھڙا ويھي سور ڳڻايان،
پنھنجن جا ۽ ڌارين جا
ڄا ڄا ھت پرڪار پڙھايان.
ھيءَ سنڌو،
جنھن جي اَمر ڌارا جا
پاڻ صدين کان ساڪي آھيون،
جو پيئون ٿا،
۽ جيئون ٿا،
ان جا گڻ ڳايون ٿا،
ان جا ٿورا لاھيون، ناممڪن!
ان جي پال پالين کي،
جي ساراھيون ناممڪن،
درياھہ شاھہ
گھيلو بادشاھہ،
اباسين، ھيءَ سنگھي ڪَنبُ،
ھيءَ مھراڻ

آھي اَسان جي جند
اَسان جي جان،
اَسان جو ساھہ پساھہ
سارو ئي اتھاس چوي ٿو
پاڻ انھيءَ جا وارث آھيون،
مالڪ آھيون
پر
اَسان کان درياھہ شاھہ
جڻ تہ کسيو ويو آھي
۽ ھن شينھن کي جڪڙيو ويو آھي.
ھي جي پاڻيءَ جا واپاري،
تن پنھنجا درياھہ وڪيا،
”پنجن درياھن جي ڌرتي“
ھاڻ تہ دوآبي آھي،
پوءِ بہ سڏجي پنج درياھي
جو تہ سنڌو وٽن ئي آھي،
جيڪو پنج درياھن برابر آھي
(اَجا بہ ست درياھن برابر آھي، ان جو ھڪڙو
نانءُ سپت سنڌو ست درياھي بہ آھي.)
ڪلھہ ٻارھو ئي،
درياھہ وھيو پئي
جڻ تہ سنڌين ۾ ساھہ وھيو پئي،
پر اَڄ ڪيڏو تانگھو آھي،
ھڻ ھڻ وقت اَٽانگو آھي.
پنجن درياھن وارن،
سنڌو طاس ناھہ ڪيو،
پر سنڌ وارن کان ڪونہ پڇيو
پاڻ صلحوُ ٿي چورن وانگي
تن نگيءَ جو ناھہ ڪيو،
پوءِ ٻڌائون بند سنڌوءَ تي،

خواهش ۽ اُمنگن ۾ آهي.
دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ،
سنڌي ماڻهن کان وڌ
توکي ڇا کو چاهي ٿو؟
ڇا تن جئن توتان پيو کوئي
گهوران گهور وڃي ٿو.
هي سنڌ ڇاوا
۽ سنڌ ڇايون
توسان ڪيڏو ريڏل آهن
پرتل آهن!
تون تہ انهن کي جذبي سان
اهڙي ئي ڪا موت تہ ڏي!
هر پيري هيئن چوٽ نہ ڏي!
اَسان تہ پنهنجن جا لاش ڪلهن تي
ڍوئي ڍوئي ٿڪا آهيون،
ڪيسين ڪانڌيءَ وارو ڪردار اَسان جي حصو هوندو.
هي سورهيہ جن جان ڏني،
ڇا تن جو رت ايئن ئي وئرٿ ويندو رهندو؟
جي تون تن کي ماڻُ ڏيڻ گهرين تہ پوءِ
پنهنجي ديس واسين جي پاسي ٿي بيهہ.
راءِ افسوس! نہ تہ تون اَڪيتي ڏسندينءَ
تو وٽ ڪائي وات نہ هوندي
هاڻ جڏهن تون نئين سفر تي اسهين پئي،
تڏهن توکي ياد هجي،
تنهنجي سڀ کان پهرين ترجيح هوندي
سنڌ، جا تنهنجي جيجل آهي،
۽ سنڌي ماڻهو جيڪي تنهنجا
مِٽ حقيقي آهن.
۽ تنهنجي مقصدي جي ماٽي جا
چِٽ حقيقي آهن.
اها ترجيح ئي سڀ کان وڏي حقيقت آهي

سڀ کان وڏي عظمت ۽ عزت آهي
۽ سڀ کان اعليٰ شهرت آهي.
ڏاريا ۽ پراوا ماڻهو
ڪڏهن بہ تنهنجي ڪم نہ ايندا،
توکي تنهنجن ماڻهن کي اوجهڙ منجهہ ڏيندا.
تن جي سهاري لئہ واجهائڻ هاڻ ڇڏي ڏي.
او سنڌ ڄائي!
پنهنجن تي ڪر ويساهہ
پنهنجي ڌرتيءَ ماتا ڏي ڏس،
جيڪا اهنجن ورتي آهي
ڪڏهن نہ سک سان پرتي آهي
اها تہ تو لئہ دم دم واجهائي ويني،
تو ۾ آس لڳائي ويني.
پڳليو رُليو ناهي هوندو،
جي پلجڻ مان تون وات سنئين ڪدين
ڪا بات نئين ڪدين.
آءٌ سنڌ جو سڄ قبول
۽ هيءُ مڇ قبول
جيڪو ازلان ٻري رهيو آ!
تاريخ ۾ ڪيئي آنڌيون آيون
آنڌيون ويئون
پر اهو ڪڏهن ڪونہ ٺريو آ.
آءٌ انهيءَ سڄ جي ساک ڪٽي
تون بہ چئي ڏي :
”جيئي سنڌ
”جيئي سنڌ
”جام محبت پيئي سنڌ!“

✧✧✧

وانجهيل ٽوال،
اڄ اَسان تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ڏسن
۽ افسوس هيءُ به آهي ته اَسان تي
اڄ ڏينهن تائين ’ڪانوَ‘ ۽ ’ڪانئر‘ ئي
حڪمران بڻائي مڙهيا ٿا وڃن؛
”اڄو پاٽي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن.“
اَٺ ورهيه بي وطنيءَ جا ڳهاري
تون جا ڏيهه وريئن
سڀ جي ساهه سريئن ۽،
تنهنجا ڏيهه واسي
لکيا لک اَڃي مڙيا توتي،
پتنگن وانگي
ڪڙيا توتي چنڊ جيان،
ڇا تو سمو هوو منڊ جيان!
اونداهيءَ جي رکوالن سو ڪين سنو
هاء ڪراچيءَ ۾،
ڪيڏا جسم هوا ۾ وکري پَٽ پيا،
۽ سنڌين جي رت جو ٻيهر مينهن وٺو.
او سنڌ جائي !
تون ڄاڻين ٿي
هيءَ دهشت ڦهلائڻ وارا ڪير هئا،
هي ته اهي ئي غير هئا،
جن وير اَسان سان ٻي پاڙيو آهي.
اَڄا ته ڪلهه جي ڳالهه لڳي ٿي،
انهن ئي تنهنجي بابا کي ڦاهيءَ چاڙهيو
۽ تنهنجي مري ۽ جوڙي ڀاءُ کي
رستي ۾ بيهاري ماريو.
ڇا پوءِ به ايائي رهنديون ۽،
يا سڀ ڪجهه سمجهي
پاڻ تي هيئن مات مڙهينديون ۽،
تون ته سڀن جي ڳالهه ڪرين ٿي،
اي ءُ پڻ ڇڏو ڪم.
پر،
هيءُ نه وسار
تنهنجي بابا پڻ اهو رستو ورتو هو،
هن به سڀن کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي،
هن سان ڇا ٿيو؟ تون ڄاڻين ٿي،
هاڻ اهي ئي تنهنجي رت جا پياسا آهن،
ان موقعي تي هڪڙو ڀيرو،
پنهنجي سوچ سنواري ڏس،
ڏس پنهنجي ڌرتيءَ ڏي،
پنهنجن ماڻهن ڏي،
پنهنجي تهذيب،
پنهنجي ٻولي،
پنهنجن ريتن روايتن ڏي
۽ تن مڙني ڏکن ڏاڪڙن ڏي،
جن جو ڪل وڇوڙ ڏنو ويو.
رڳو ”اَٿو، لٿو ۽ اَجهو“ ته ڪافي ناهن.
اَسان کي وراڻا آهن
۽ ڪيئن به واپس وٺڻا آهن
پنهنجي جيئڻ جا سڀ وسيلا
زمينون،
درياهه،
۽ سڀ سياسي، معاشي
سماجي ۽ ثقافتي حق،
اَسان کي گهرجي آجپو ۽ برابري ۽ ڀائيچارو.
اَسان کي گهرجي عزت، خوشحالي ۽ اَمن،
ته جيئن اَسين
ماضيءَ واريءَ سنڌ جي نقشي تي
تعمير ڪري سگهون هڪ نئين سنڌ،
اها سنڌ جيڪا اَسان جي سپنن ۾ آهي

هلايو ويو. ٢٨ تاريخ هنڪي موت جي سزا جو حڪم ٻڌايو ويو، ۽ ٣٠ تاريخ هنڪي گوليءَ سان اُڏايو ويو. وچ واري هڪ ڏينهن ۾، هن ڪيترائي خط لکيا، ۽ پنهنجي ديش کي آخرين الوداع ڪندي هيءَ ڪوتا لکي :

الوداع، اي منهنجي مٺڙي، پياري پومي، الوداع،
سرڳ تنهنجي سونهن ڏسندي ٿي وڃي شرمائجي!
پوربي ساگر جا اي انمول موتي، الوداع،
الوداع، اي اُپرندڙ سج جي دلاري، لاڏلي!

خوش ٿي پنهنجي زندگي تو توکي نذرانو ڪريان،
هيءَ اَپاڳي آس ڪان. وانجهيل ٻه ڪهڙي زندگي!
شل هجي ها سرس روشن، سَرهي ۽ سُرهي وڌيڪ،
هوند گهوريان ها زياده خوش ٿي اَهڙي زندگي!

جوش جولاني سان لڙندي جنگ جي ميدان ۾،
ڪيترن لاشڪ لٽائي جان خوشيءَ تو مٿان!
ڪهڙو آٿي جاءِ يا ڪا ريت قربانيءَ ۾ فرق،
جهڙو سوريءَ تي چڙهڻ تهڙو مرڻ تلوار سان!

ڪونہ آٿي هار توڙي جيت قربانيءَ ۾ فرق،
سوپ جو سهرو پيو چا جي مليو خونين ڪفن:
سَڏ سُڻي پنهنجي وطن جو جنُن ٻہ جن جن سِر ڏنو،
ٿيو شهيديءَ ۾ وڏو هڪ جهڙو ئي رُتبو سندن!

ڪَل اَٿم مونکي تہ مرڻو آ، - جڏهن آڪاس ۾،
نوُر، نرمل نور وڌندو هر طرف ايندو نظر،
نيٺ ڪاريءَ رات، گهريءَ ٻاٽ جي چاتي چلي،
مرڪندي پرڀات روشن صبح جي ڏيندي خبر!

جيڪڏهن گُهرجي اَوهانکي، رنگ ان پرڀات ليءِ،
وقت سر ان لاءِ منهنجو خون ئي ڇٽڪائجو،
۽ نئين چاول اُشا جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ترورو،
منهنجي ڇٽڪايل لهوءَ جي سون سان چمڪائجو!

مان جڏهن ٻالڪ هُيس، يا جنُن وڏي ڳڀرو ٿيس،
يا وري آيو جوانيءَ جو بدن ۾ آب تاب،
پوربي ساگر جا اي انمول هيرا، هر سمي،
سج پُڇين منهنجن اکين ۾ آ رهيو هڪڙو ئي خواب :

دستخط - **آخرين الوداع** (طويل نظم)

مترجم - سداحيات نارايڻ شيام

ڊاڪٽر هوسي رزال (Jose Rizal) فلپائين جو پرسڌ ديش ڀڳت ۽ ساهتڪار ٿي گذريو آهي. فلپائين نواسين ڪي هُن لاءِ ايتري شرڌا آهي، جيتري ڀارتواسين کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ.

هنجو جنم ١٩ جون ١٨٦١ع ۾ ٿيو. ڪيس اَوائلي تعليم پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي هڪ هم ڪلاسي دوست کان ملي. منيلا مان اسڪولي تعليم ختم ڪرڻ کانپوءِ هوُ ڊاڪٽري ۽ فلاسافي ۾ اوچ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اِسپين روانو ٿيو. اتي هن چترڪلا ۽ شلپ ڪلا، ۽ فرينچ، جرمن ۽ اَنگريزي ڀاشائن جو ٻه اَڀياس ڪيو.

اَٺن ورهين جي ننڍڙي عمر ۾ ئي هن شعر لکڻ شروع ڪيو. ١٨٧٩ع ۽ ١٨٨٠ع ۾ هن ساهتڪ چٽاڀيٽين ۾ انعام حاصل ڪيا. يورپ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ واري دؤر ۾ هن ٻه ناول لکيا، جنهن ۾ هن پنهنجي ديش مٿان ٿيندڙ اِسپيني حڪومت جي اَتياچارن جو ذڪر ڪيو، ۽ ڏاري حڪومت جا خوب چوڏا لاٿا. پنهنجي ديش ۾ گهربل راجنيتي، پنگتي ۽ ڌرمي سڌارن جي باري ۾، پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ لاءِ هن ڪيترائي ليک، مضمون ۽ شعر پڻ لکيا. پنهنجي لکڻين جي ڪارڻ هوُ، وديشي حڪومت جي اَک ۾ ٿي پيو.

جون ١٨٩٢ع ۾ هوُ وطن واپس وريو. هن ڄاتو ٿي ته وطن واپس ورڻ معنيٰ پنهنجي موت جي وارنٽ تي صحيح وجهڻ، پر پنهنجي هڪ خط ۾ هن لکيو:

.... ”انسان کي پنهنجي فرض ۽ آدرش لاءِ جان ڏيڻ جڳائي. پنهنجي ديش جي موجوده حالتن ۽ مستقبل لاءِ، جي ويچار ظاهر ڪندو رهيو آهيان، مان انهن تي محڪم آهيان، ۽ وڏيءَ خوشيءَ سان، انهن لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏيندس.“ ....

جولاءِ ۾ هنکي گرفتار ڪري، ديش نيڪالي ڏني ويئي. ڊسمبر ١٨٩٦ع ۾، هن تي ملٽري ڪورٽ آڏو، هڪ ٻونگ بازيءَ جو ڪيس

منهنجي بي وقتي مرڻ تي دوست ماتم ڪن پلي؛
ڪو دعا مون لءِ گُهري جڏهن سهاني شام جو،
اي مٺا ساٿيهم، ساٿس تون به اِئن گُهرجان دعا :
گود ۾ پرماتما جي، مان ڪريان وشرام ٿو!

گُهرجِ تِن جي لءِ دعا لڙندي مُٺا جي بي نصيب،
۽ اَنهن . لءِ جي نبر ٿيِ ظلم زوريون پيا سَهن،
۽ اَسانجن مائرن لءِ جي ٿڏيون آهون پري،
روز ٻَج ڳاري اَندر ۾ سوُر پئيندون ٿيون رهن!

پڻ اَناٿن لاءِ، بيوه عورتن جي واسطي،
بيگناهن لاءِ جي ٿا قيد ۾ سڙندا وتن،
پاڻ لءِ، ها پاڻ پنهنجي لءِ به گهرجنءِ ڪا دعا،
من ڪڏهن تنهنجي غلاميءَ جون زنجيرون ٽُٽن!

رات جي اوندهه ۾ قبرستان جئن يڪجي وجي،
ماٺ ۾ ڦرندا رهن ڪي روح پهريدار ٿي،
ان مقدس خاموشيءَ ۾ جئن نه پئجي ڪو خلل،
بس رهڻ ڏج ان اَگم اسرار کي اسرار ٿيِ!

جيڪڏهن ان وقت ڪائي ڌُن ٻُڌين پڪ ڄاڻجنءِ،
ڪو سريلو ساز يا وينٽا وڄايان آءٌ ٿو،
خاص تنهنجي لاءِ پيارا ديش! تنهنجي لاءِ ٿيِ،
ساز ڇيڙي ڪي رسيلا گيت ڳايان آءٌ ٿو!

۽ سمو پائي جڏهن منجي وجي هيءَ قبر ٻي،
ڪو سگهي ڳولهي نه ڪي ڪنهنکي رهي سانپر سهي،
ڪو نه پٿر ٿي رهي انجو نه ان تي ڪراس ٿي،
اِئن سندس نام و نشان اصلي وڃن ميسارجي!

پل تڏهن ڪو هَرُ هلائي قبر واري جاءِ تي،
پل نه ڪوڏر ساڻ ڪيڙي ان جڳهه واري زمين،
خاڪ منهنجي جسم جي نابود ٿئي ان ڪان اَڳي،
ڇو نه قدمن ۾ رهي، ٿي تنهنجو غاليچو حسين!

جي اِئين ٿي ٿيو ته مان ملجي به ملبس ڪينڪي،
آءٌ تنهنجن مالرين، اُب ۽ هوا جي آر پار،
گذرندو رهندس ۽ رهندس لرزندو ۽ گونجندو،
صاف پختي سُر جيان تنهنجن ڪنن ۾ بار بار!

جيڪڏهن اَڄ نہ تہ سڀان ڳوڙهن ڀنل تنهنجون اکيون،
چمڪنديون، آخر ڏُکن جو ڏنڊ ٿي ويندو پري،
لاهي پيشانيءَ تان غم ۽ شرمساريءَ جو ڪلنڪ،
تون جُهڪيل مستڪ جَهلينديئن شان سان اوچو ڪري!

منهنجي پرپل پياس! منهنجي زندگيءَ جي دلڪشي!
منهنجو سر ڪنجي ڪِري، ٿئي شال تنهنجو مُنهن مٺي!
مان مري منجي وڃان، تون شال ماڻين زندگي!
جنڊڙي قربان تو تان! ڇو نہ گدگد روح ٿئي!

خوش نصيبي منهنجي ليءِ انڪان بہ ڪا ٿيندي وڌيڪ،
تنهنجي هن آڪاس هيٺان مرڪندي مان دم ڏيان!
۽ هميشه لاءِ ابدي ننڊ نيڻن ۾ پري،
تنهنجي ڌرتيءَ جي منوهر گود ۾ ليٽي پوان!

جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن منهنجي قبر جي ڪنهن ڪُنڊ ۾
اُسرندڙ گاهن جي ڀوڙن ۾ هوا تي جهومندو،
سادو سودو ڦول معمولي ڏسين ڪوئي ٽڙيل،
لائجنءِ پاڀوه مان پنهنجن چپن سان ڦول سو:

سمجهندس گويا چُميو آهي تو منهنجي روح کي!
آءٌ پنهنجي قبر جي ان سرد پٿر هيٺ پي،
پيو ڪندس محسوس چهري تي اهو ڪومل ڇهاءُ،
۽ انهيءَ سان تنهنجي ڪومل سواس جي تابش تڪي!

چنڊ کي چنچنءِ تہ سڪدائي ٻٺي، اِسٽر ٻٺي،
جاڳندي اٿن رات ساري مون مٿان ڀِرو ٿئي،
پرهہ کي چنچنءِ تہ باکُن کي ڏٺي آزادگي،
هير کي چنچنءِ تہ هوءَ سسڪيون پري ماتم ڪري!

اتفاقا جيڪڏهن آڪاس تي اُڏندڙ پکي،
ڏيئي لامارا هوا ۾ هيٺ تي لهندو اَچي،
۽ وِهي جي ڪِن بہ منهنجيءَ قبر واري ڪراس تي،
چنچ انڪي اَمن واري لاٽ پنهنجي ڪا لنوي!

مينهن کي چنچنءِ تہ سج جي تيز اُس ۾ ٻاڦ ٿي،
صاف ٿي، اوجل ٻٺي آڪاس ڏي اُڏندو وڃي،
ڪيس چنچنءِ جوش جذبي مان وڌي جنت سرگ ڏي،
منهنجي مقصد ۽ مرادن کي بہ گڏ ڪٺندو وڃي!

بيتَ

✍ اَرجن حاسد

هلمل جهلمل چانڊنيِ، اونده ڪاريِ ٻاتَ
ديِ هزارين گهاتَ، عورت لهرَ اُپاٽڪيِ.

لندو آهيان آنءَ، جَهرُ جَهنگُ، سنهڙا پيچرا،
ر در تي واڪا ڪيان، ڪونهي اَهڙو ڏانءَ،
ڪارو ڪارو ڪانءَ، چغليخور بڻيِ پيو.

ڪيڏي واريِ ٿيِ وسي، پِٽ جي پَرِ ۾ ويهُ،
ڪ چِپ سارو ڏيهُ، اَکہ اَکہ آهي اولڙو.

ڃُ وَراڪا ٿيِ ڏئي، سُڏڪي منهنجو ساهُ،
کهڙو ڪيم گناهُ، هوتُ نہ منهنجي هَنجَ ۾.

ورو آهہ شعورُ، پاڻُ تہ پرکيم ڪين ڪيِ،
يبُ ڏسان ڪو پاڻَ ۾، ڪونهي مون منظورُ،
اٺو مان مغرورُ، دهل وڄائيندو وتان.

ڏڙو ٿڏڙو واءُ، ٺاريِ ٺاريِ ٿيِ لَنوي،
ينَ سُريليءَ جو وڄي، ٻري ٻري ٻرلاءُ،
پتَ ۾ بہ ڀُڀاءُ، اُڀ سڄي ۾ ترورا.

نهنجي اکڙين کي اَڇي، پهتِي تنهنجِي دانهن،
هڙِي سنهڙِي دانهن، گهاوَ اَڳي ئي ڪيترا.

✧✧✧

غزل

✍ اَرجن حاسد

چَپَ ٿلها، نڪ مِنو، پيٽ وڏو، جامڙو،
اَکہ پهچيِ روز چيڙائي ٿو مسخرو.

ڪيڏو خوش ٿو ٿيان، معتبر ٿو لڳان،
اَڄ بہ ڀاتو اَٿم ڪنهنجو لاٿل وڳو.

تون اُنهيءَ سان بہ گڏجيِ، ڪندين نيٺ ڇا،
چاپلوُسيِ ڪرڻ جيڪو ڄاڻي نٿو.

سڀ تہ پنهنجي هُنرَ جي ٿا ساراهہ ڪن،
چور کي چُپ رهڻ ۾ اَچي ٿو مزو.

رمز سان مان اُنهن کي ڏسيِ ٿو وٺان،
جن کي ڀِٽ ڀِٽ ڪرڻ جو گهڻو شوق هو.

وڃهہ مليو نبض تنهنجيِ ڇُهيِ مون ڏٺيِ،
تون بہ محسوسُ ڪر، ڪو اَلڳہ ڏائڦو.

پنهنجي پنهنجي جڳهہ تان ڇُري ڪو مٿان،
ڄاڻ حاسد لنگهي ٿو هتان دوستو.

✧✧✧

جي اِئين ئي ئيو تہ مان منجي بہ ملبس ڪينڪي،
چو نہ پوءِ وشواس منهنجو ڪا نہ ڪا صورت وٺي،
پاڻ ڏُهرائيندو رهندو رنگ ٿي، سرهاڻي ٿي،
روشني ٿي، گيت ٿي، جهونگار ٿي يا آه ٿي!

پٺيہ پومي! منهنجي پيڙائن ۾ ڀرين ڀرين پيڙ!
پريہ فلپائين! منهنجا ملڪ پيارا، الوداع!
پنهنجي هرڪا چيز تنهنجي ئي حوالي ٿو ڪريان،
پيار ۽ گهر ٻار ۽ اَرمانَ سارا، الوداع!

مان وڃان ٿو اَج اُتي، ناهي جتي ڪوئي غلام،
ناهہ ڪو ظالم جتي، ڪو ناهہ ڪاسائي جتي،
ڌرم ڪو اَپراڌ ناهي، ناهہ مذهب ئي گُناهہ،
ٿو هلي ڀڳوان جو ئي راڄ راڄائي جتي!

سنيهہ ميءِ ماتا پتا، اي ڀائرو اَج اَلوداع،
جان منهنجي! سائيو جن سان ڪيم نندپڻ ۾ راند،
گڏجي شڪرانا بڄا آڻيو ڏٺيءِ جا، دوستو!
ڪشمڪش جي ڏينهن ڪان آجا ٿيا منهنجا پلاند!

چَين جو دم ئي ڪٽڻ چاهيم، مليو آخر اَئم،
الوداع اي پريہ پرڏيهي! او پياري پريتما!
هاڻ اي قربانئي مخلوق ساري، الوداع،
موت هيو ڪجهہ بي نہ آ، بس آخري آرام آ!

(موڪليندڙ - ڊولڻ راهي، اَجمير)

✧✧✧

غزل

واسديو موهي

پنهنجي دوري ۾ اڪين جهڙي بناوت ٿي پوي
پچڻ نيڻن جي نظر انمول دؤلت ٿي پوي.

پنهنجي رشتي جي ڪڙي، گم ٿي وئي آهي ڪٿي
ٽوڪي چاهيان ٿو، ڳنڍائڻ جي ضرورت ٿي پوي.

اڄ نئين سر هڪ ٻئي جي راهہ تي ترسون، هلون
ڪنهن پراڻي مُرڪ سان گڏجڻ جي صورت ٿي پوي.

تو ڏلو آهي، ڪڏهن ڪنڌا نہ ڏيڇاري سگهيا،
پنهنجي فطرت جيان گلابن واري قدرت ٿي پوي.

آسرن تي ڪير هلندو موٽ ڪانپوءِ سُڪ ئي سُڪ،
ايشور آهين تہ ڪجھہ ڪرڻ هت ئي جنت ٿي پوي.

اڄ بہ ٿيھ سنڌوءَ جي ٻوڙي ٿي اَسانجي خون ۾،
هيءَ حقيقت ڪاش ٻوليءَ ۾ رحمت ٿي پوي.

تنهنجيون موهي ماڪ سان آليون هجن پنبڙيون سدا،
ائن نہ ٿئي ڪرڻن جي توسان ڪا عداوت ٿي پوي.

✧✧✧

وائي

پل پل ڇن ڇن
رات نئين آ

ديوي ناگراڻي

پل پل ڇن ڇن رات نئين آ،
رات نئين آ، بات نئين آ.
راتيون راتين جهڙيون آهن
پل پل ڇن ڇن، بات نئين آ.

رات نئين آ، بات نئين آ،
پل پل ڇن ڇن رات نئين آ.

تارن آ آڪاش سجايو،
پل پل ڇن ڇن ذات نئين آ.

رات نئين آ، بات نئين آ،
پل پل ڇن ڇن رات نئين آ.

پيني پيني مهڪيل مهڪيل،
پل پل ڇن ڇن برسات نئين آ.

رات نئين آ، بات نئين آ،
پل پل ڇن ڇن رات نئين آ.

ڪويل منڙي ڪوڪ سُڻائي،
پل پل ڇن ڇن لات نئين آ.

رات نئين آ، بات نئين آ،
پل پل ڇن ڇن رات نئين آ.

ديوي دل جي درپڻ ۾ ڏسُ،
عڪس ڪئي ڪا بات نئين آ.

رات نئين آ، بات نئين آ،
پل پل ڇن ڇن رات نئين آ.

✧✧✧

امداد حسيني

پاڻ

ڏکڻ اُتر ناهيون
اولهہ اوڀر ناهيون
پاڻ تہ ماڻهو آهيون
ملي سگهون ٿا جڏهن بہ چاهيون!

ڌڙ ڌڙ دل جي ڌڙڪڻ آهيون،
ڌوڙ تہ ناهيون پاڻ،
سچ تہ بينو نچ وو سائين،
ڪوڙ تہ ناهيون پاڻ.
نديءَ ڪنارا ناهيون
اُڀ جا تارا ناهيون
پاڻ تہ ماڻهون آهيون
ملي سگهون ٿا جڏهن بہ چاهيون!

لڙندي چڙهندي، چڙهندي لڙندي
ڇايا ناهيون پاڻ،
رڳو وڃڻ جي لئہ وو سائين،
آيا ناهيون پاڻ.
رات ۽ ڏينهن تہ ناهيون
اُس ۽ مينهن تہ ناهيون،
پاڻ تہ ماڻهو آهيون
ملي سگهون ٿا جڏهن بہ چاهيون!

◇◇◇

اي ڪاش !

اي ڪاش! اِهو تون ڄاڻين
او شال جُواڻِي ماڻين.
جو پَل تنهنجي مُٺ ۾ آهي
سو پل سونو آهي!

هي پَل جيڪو گذري ويندو
موٽِي مُور نہ ڪڏهين ايندو
اي ڪاش! اِهو تون ڄاڻين!

وقت تہ آهي وهندو پاڻي،
سدا نہ رهڻي آهہ جُواڻي،
اي ڪاش! اِهو تون ڄاڻين!

پَل بہ جُڳن تي ڀاري آهي،
ساري پَل جي ساري آهي،
اي ڪاش! اِهو تون ڄاڻين!

◇◇◇

غزل

✍ ڪيمن مولاڻي

هن وقت جي وهنوار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي،
سچ ڪوڙ جي مقدار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

هر چيز وڪامي ٿي وٺڻ چاهين پلي وٺ،
بازار جي اَگهه پار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

بادل ته وسن سمنڊ مٿان واهه ڇوي جڳن،
حقدار گنهگار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

هر دؤر ۾ مظلوم ۽ ظالم به هجن ٿا،
نادار زميندار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

آزاد پکي ڪوڙ مٿي اُت لنون، پر
هن ڪونج جي ڪڪار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

تو پاڻ ڪنئي ڪونه ڪڏهن سر تي تغاري،
مجبور سان سهڪار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

سڀ اوت ولي ڏاڏ جي ڏاڏا ٿي پون ٿا،
هن بي تکي سنسار جي بس ڳالهه ڇڏي ڏي.

✧✧✧

غزل

✍ گوپ گولاڻي

لِڪِي در پنيان ڇو ڏسڻ جي ڪرين ٿو،
اِشارن ۾ سڀ ڪجهه چوڻ جي ڪرين ٿو!

پلايون ته هرڪو ڪري ٿو سپن سان،
ٻين جا ٻه ڏَڪَ تون ڏِکڻ جي ڪرين ٿو!

ڪڏهن منهنجي گهر ۾ اَچانڪ اَچين ٿو،
بنان ڪجهه چوڻ جي وڃڻ جي ڪرين ٿو!

خبر توکي آهي ته سچ جي سموري،
مگر ڇو نه سچ کي چوڻ جي ڪرين ٿو!

ڇڳايون ڪيون تو، وساري نه سگهندس،
تڏهن پي وڏا وڙ ڪرڻ جي ڪرين ٿو!

جرم ناهه دل کي ڪو ڪنهن سان لڳائڻ،
مگر ڇو شرم کان لِکڻ جي ڪرين ٿو!

اَٺايون ته ايندين ۽ ويندين هلي پڻ،
مگر ڇو انهن کان پڇڻ جي ڪرين ٿو!

✧✧✧

غزل

✍ لڪشمڻ

آهي ڪيڏو نہ ﻧﻠﻮ دل ۾ پيهجي ويندو،
غم اُنہ شخص اَدا، اهڙو پڻ مري ويندو.

تون بہ ڪجهہ دير ۾ ٽڪجي-ٽٽي سمهي پوندين،
منهنجي جذبات جو ساگر بہ سانت ٿي ويندو.

منهنجي هن عشق جي توکي خبر پوڻ تائين،
مونکي لڳي ٿو يار، منهنجو سڀ لهي ويندو.

صدق هيءَ ماءُ جو اَئي، تون سمجهہ، اي احمق،
چاهہ ۽ چرچ وچان زهر جو ڍُڪ پي ويندو.

تنهنجي اَچڻ جو پروسو اَچان اَٿس ڏاڍو،
ملڻ جي جاءِ تي، ڏسجندءِ وري-وري ويندو.

زهر پياڪ ٿيڻ ۾ تہ دير لڳندي آ،
اَڄ نہ سياڻي سهي غمن سان لهي ويندو.

جنهنکي نوڙن جي ڪئي ڪنهن بہ ڪانہ جرّت آ،
ڦل اهو ڏار تي ئي ’لڪشمڻ‘ سڙي ويندو.

✧✧✧

غزل

✍ گوپ ڪمل

هيءَ مان جي پٽ نوڙ اَچي ساهہ منهنجي لو،
ٿوري ئي سهي ڪول ڏَري ساهہ منجهي لو.

اوچائيءَ تي پهچي ڪري ڪو ڪُٽڪو لڳل آ،
مشهوريءَ جي ڏاڪڻ ڪي چمي ساهہ منجهي ٿو.

هڪڙو وڏو ٻنڌن ٿو لڳي، ڪجهہ تہ پَري ٿيءَ،
رِشتن ۾ نہ رَکہ ايڏو ٻَڌي ساهہ منجهي لو.

ڪا چانوَ هتي ڪين ملي سڄ پيو شوڪي،
بس جاڻ ئي واري بہ تَتي ساهہ منجهي ٿو.

ڇهري ڪي پڙهڻ جون ٿيون سڀ ڪوششون بيڪار،
اُت جلد اُٿي ٻار ٻتي ساهہ منجهي لو.

ڪيڏو بہ هتي ٻوڙان، ڪٿي ڪين ٿو پهچان،
هن دائري ۾ گول گُهمي ساهہ منجهي ٿو.

تو مونکان جدا ٿي ڪري ڪئن عمر گذاري،
توکان ڪي گهڙيون دور رهي ساهہ منجهي ٿو.

ڪوئي بہ ٻڌائي نٿو پر ڪجهہ تہ هوا ۾،
چا لاءِ ڪمل ساهہ ڪٽي ساهہ منجهي ٿو.

✧✧✧

غزل

✍ ڪمل پياسي

سانت اَڪيلو وشال ساگر آسمان تڪيندو آهي،
اونداهي راتين ۾ هنن جو ڪنجهڻ ڪرڪڻ پڌبو آهي.

ڇوليون ڇال ڏين جڏهن تيون، پنهنجو پاڻ ولوڙي،
اُپ اُن جي اَڙٻنگائي ڏسندو ئي رهندو آهي.

وقت تہ انساني سرير ۽ ڇهري جي پيڙا آهي،
پو بہ ساگر سيتل هير سان هر پل آتت ڏيندو آهي.

ساگر جو وشال ڪنارو، نرم ريت، ناريلي وڻ،
اُجهاميل سورج کي ان مان، ڪيڏو آنند ايندو آهي.

اَنڌڪار ڪانپوءِ اُجالو، ڏِنل وقت کي ڏئي تو آتت،
مطلب واري اُها روشني، سلامتي سنگ ٿيندو آهي.

سمنڊ جي پار ڪرڻ گهرائيِ، ايڏي عظيم ماپي ڪير،
چنڊ پو بہ ليئو پائي، ساگر جا ڇَپ ڇٽيندو آهي.

پياسي ڌرتي شفاف جل جي ڌارا ڳولهي هٽي هنيوڇيون،
ڪارن وارن واري ڇپ کي، پيشانيءَ تي پلٽيندو آهي.

✧✧✧

غزل

✍ ناري لڇواڻي (ڀوپال)

مان شل اَهڙو پاڻي ٻڻجان،
تون مون سان، مان توسان وهنجان.

١- ليپُ ٻڻان، سو ليپ لڳڻ سان،
تون مَهڪين جڻ مان پيو مهڪان.

٢- دل دِل ۾ اِئن پيهي ويئي،
ڏار ڪبو ڪِئن ڪنهنڪي ڪنهن ڪان.

٣- ڏور نظر جي راهہ ٻڻجي جا،
بس هڪ اَچ-وڃ تنهنجي تَنهِن تان.

٤- سُرت اُڏاٽين دوُر گگن ڪان،
ساهہ ڪنيئہ پي ايڏو پرسان!

٥- پنيَم دُعا، اَڪ اَنڪي اُپ ۾،
تون ڳُهرجين جيون جي بدران.

✧✧✧

غزل

ساون ڪمار اُداسي

زندگيءَ جا غم پلائي، گيت دلڪش ڳاءِ تون،
راهه جي روڙن کي ويهي، سنوت ساڻ هلاءِ تون.

ڪين کي آهي ضروري، گل هجن هر شاخ تي،
دوستي ڪنڊن سان پڻ ڪا، توڙڙي نڀاءِ تون.

جا گهٽا غم جي آ ڇائي، سيگهه ويندي سا ڇٽي،
مرد ٿي ڏي منهن اُنهيءَ سان، ڪين من گهبراءِ تون.

رات جي اونڌهه ڏسي تون، ڇو وڃين وهلوڙ ٿو،
دل جي ديپڪ کي جلائي، روشنائي پاءِ تون.

خود خوديءَ کي ماري منڙا، محبت سان من کي لڳاءِ،
صدق جي صابڻ سان ميرو، منُ ويهي چمڪاءِ تون.

شڪر اُداسي سيگهه ُ ايندا، صبر ڪان وٺ ڪم ذرا،
خود به خوش رهه ۽ خوشيءَ کي، چوطرف ڦهلاءِ تون.

✧✧✧

غزل

نارو گرنالي (اَحمدآباد)

تنهنجيءَ اَک ۾ اَمرت ڌارا،
چپ تي آهه گُلن جي مالها.

نظر نظر سان ملي جڏهن ٿي،
ملي وڃن ٿا سنسا منهنجا.

گُلن ڦُلن سان سهٽي ڌرتي،
پَنُ پَنُ مهڪي وڻ ٽڻ ساوا.

رم جهم رم جهم بوندون برسن،
تيز ڪڏهن آهن وسڪارا.

ڏور پريم جي پُختي آهي،
’نارو‘ من مندر ۾ پوڄا.

✧✧✧

غزل

✍ ڪئلاش ’شاداب‘ (رائپور)

چڱي ڏي تون ذهني ڪتابن جون ڳالهيون،
اَٿيئي اِهي سڀ عذابن جون ڳالهيون.

- مُنجهي پاڻ پڇريان منجهائن ٿا ٻين کي،
ٻڌائي سوالن جوابن جون ڳالهيون.

- ڪڏهن زندگي سان اِئين پي ته مل تون،
ڪڍي پاڻ مان سڀ حِجابن جون ڳالهيون.

- انهن ڪافرن سان لڳي آهي دلڙي،
ڪيون عشق ۾ جن حِسابن جون ڳالهيون.

- جڏهن فڪر تنهنجو اَچي مون مان خوشبو،
جڏهن ذِڪر تنهنجو گلابن جون ڳالهيون.

- پڙي ڏڪ گلابي پڙهيون جي نمازون،
خدا سان وڏيون ٿيون ثوابن جون ڳالهيون.

- ٻڌائي اَسان کي گناهن جو ساٿي،
ڪٽي پاڻ سان ويو ثوابن جون ڳالهيون.

- تون شاداب کي ڪجهه ٻي سمجهين ڀلي پر،
اَسانجون ته ڳالهيون نوابن جون ڳالهيون.

✧✧✧

ڪويتا

✍ رتن آڏتاڻي

توکي ڪنهن ڪنهن تي شڪ ڪونه هئو
هِن منحوس عالم لاءِ؟
پر تون وئين ۽ ...
۽ محفل مچي وَئي!
ڪيڏي نه وسندڙ هئي هِتي؟
تو پير رکيو، ويرانيءَ جي وير وهي
وئي!
۽ چڱي وئي ڪيئي ڪوڏ -
هِتي هُتي
تنهنجين اَترپت خواهشن جا.
هاڻي هِنن کي ڪٽي
اَسان کهڙي بزار ۾ وچي وڪڻون؟
هِنن جا تورڻ* ٿاهي پنهنجن چانئنن
تي ٽنگيون؟
يا -
ٻي وير جو انتظار ڪريون
جا سميٽي وڃي هي سڀ؟
مدت کان بيٺو آهين
هِن چانئٺ تي
ٻچتو.
اُندر توکي جِنَ ڀوت (جنڙيون ڀوتڙيون)
نظر اَچن ٿا.
۽ ٻاهر -
ڇُرا ۽ ڀالا!
تون هڪ پاسي ٿين ته
زندگي ۽ موت جي وچ ۾ طئه ٿئي.
هيءَ فاصلوا

✧✧✧

* تورڻ - هار

غزل

✍ ڪنعيالعل موٽواڻي 'ماندو'
(ڀوپال)

ويڪوُن سَڀ مان ڪڍين ٿو يار،
ڇا تون خود کي وڻين ٿو يار.

ڪڏهن ڀلا تو سمجهي آهي،
ڳالهہ تون جيڪا چوين ٿو يار.

جهوٽو ڏاڍو جهوٽو آهي،
جيڪو قصيدو پڙهين ٿو يار.

ڪنهنجو ڀروسو نوڙڻ لاءِ،
ڇا ڇا نہ حرڪتون ڪرين ٿو يار.

ڏندَ ڏيکاري آئيني کي،
اَتيت ڪان ئي ڀڄين ٿو يار.

ڪونہ رکندءِ ڪو، گل قبر تي،
جن کي ڏسي تون نرين ٿو يار.

وڃڙي ويندا صبح جو 'ماندا'،
جيڪي سپنا لهين ٿو يار.

✧✧✧

غزل

✍ ڪنعيو شيواڻي (بئراڳڙه)

مَلجي منهنجو مُقدر، مَسُ ڪٿان اَچي،
سوُر سمايل من ۾، رس ڪٿان اَچي.

١- ڏوهہ بنان منهنجو وطن ويو ڪسجي،
وطن ملي موُن واپس، ڏس ڪٿان اَچي.

٢- ڌيءُ ۽ نُنهَن جو آدر هجي برابر،
ڳالهہ اِها سمجهي سا سس ڪٿان اَچي.

٣- حڪم هلائن، سيوا جن جو ڪم آ،
ايمان ۾ ڪمي آ، جس ڪٿان اَچي.

٤- پنهنجي ٻولي ختم ڪرائي پنهنجن،
نانگہ لڪل آستينن، وس ڪٿان اَچي.

✧✧✧

سُهڻي صلاح

✍ ڏرمپال گپتا

۱ - ٻُرو نہ ڪنهن جو سوچ جڳت ۾،
سڀ جو ڀُلو تون خير.
سڀني سان تون پيار ڀلائج،
ڪوئي نہ تو لئہ غير.

۲ - ڪوڙ ڪپٽ کان ڪري ڪنارو،
سچ جو ٿيءُ تون يارُ.
بدڪارين کان پري رهي تون،
آنند ماڻ اَپارُ.

۳ - اَهنڪار کان ونئہُ وچ هردم،
نئُرُت سان رک ياڍِ.
اَيمانيءَ جي هار اَنت ۾،
نيازوند جي ساري.

۴ - ڏک ڏڏل انسان سان هردم،
مِٺڙا ٻولج ٻول.
همدرديءَ جا ٻہ-ٽي وچن سي،
موتين کان اَنمول.

۵ - ويرُ نہ پاڙج ڪڏهين ٻہ ڪنهن سان،
تون اوچو انسان.
رنج وِساري گنج ڀري ڏي،
کِميا وڏو وردانُ.

۶ - دل درياءَ ڪر، درخت وانگر،
سڀني کي ڏج ميوا.
سوارٿ ڀاوَ کان ٿي آجو،
ڪر سماج جي شيوا.

✧✧✧

غزل

✍ ناڪر نييواڻي
(اَجمير)

ڪيڏي نہ ڇوٻڇوءَ ۾ گِلا آهي،
شهر اِن مرض ۾ مُبتلا آهي.

- ڪُوڙن کي ڪُوڙو چئي ڪونہ سگهبو،
دُشمن جي هٿ ۾ ديوتا آهي.

- ڪلهہ بہ ھُن کي مارن جلائن پيا،
اَڄ بہ هيءَ لاچار اَبلا آهي.

- ڪَسَ ۾ جڏي ويا ٻار هڪ ڏينهن جو،
اَرجُن آ هِي يا عبدلا آهي.

- ڪٿي پيڙ ۾ گُم ٿيو آ ضمير،
ڳولهيون، فڪر ڪنهن کي ڀلا آهي.

- ديوار آ نهي خودغرضيءَ جي،
کُليل در دريون بند هوا آهي.

✧✧✧

غزل

✍ اِندر جسوُجا 'ڪومل'

پنهنجپائيءَ کي ڳڙايو آدميءَ،
پاڻ کي رِڻ ۾ رُلايو آدميءَ!

- پيار ۾ دوکو اَکر ھيئي جُدا،
پيار ۾ پر آ ٺڳايو آدميءَ!

- ڇل ڪپٽ دل ۾ رکي مُرڪڻ کِلڻُ،
روپُ ڏِسُ ڪيڏو مَٽايو آدميءَ!

- اَنڌي لالچ جي ڀُنيان ڀَڄندو رهيو،
پاڻ کي ڪيڏو ڏُکايو آدميءَ!

- چوطرف ڇهرا ڏسون سُهڻا سُنا،
ماڻهپو کهڙو ڀرايو آدميءَ!

- ڪيئن ڀلا 'ڪومل' وِساريان مان ايهو،
آدميءَ کي آ ڏکايو آدميءَ!

✧✧✧

بيتَ

بيلل پاڻي تو ڪري، جيئن ڏُبي ۾ ڏَپ،
ڏاڍا! ايئن ڏاهپ، عشقَ بِنا آزارُ ٿئي!

سُهڻي بيشڪ آ مَسيتِ، سُهڻو هي مَندر،
ماڻهوءَ جو اَندر، سُهڻو پر ٿيندو ڪڏهن؟

ڪيڏا دوکا، وَحشتون، ڪوڙيون ڪٿائون،
ها پوءِ بِي آئون، سوڻُ تو سمجهان زندگي!

ڪيڏيون 'پهريون'* آئيون، رهيا ساڳيا سوڙ،
اَڃهو، لٽو، مزدورَ، ڪڏهن گڏيا نہ پاڻ ۾!

دلبرا چا لئہ ديسَ ۾، ايڏي چُپ چپات؟
هيڏو اُجرو ڏينهن پِي، پاسي ڪاري رات،
ماڻهن ڪان پريات، وِسري جڻ آهي وئي!

* 'پهريون' - پهرين مئي، مزدورن جو عالمي ڏينهن.

✧✧✧

واءُ وِساريو آ ڪُهلڻ؟، پلا چندَ ڪِرڻ؟
شاعرَ خوابَ ڏِسڻ، ڪيئن جڏيندا سچ نَي!

سمنڊ گهڻو ئي گهرو، مَنُ انهيءَ ڪان پِي،
لفظن جا موتي، ٻُڏي ٻُڏي تا ميڙجن.

ڪيڏا ويسَ وٺي هلي، چندَ ستارن ڪان،
سوُرج اُيرڻ سان، راتِ اُگهاڙي ٿي وئي!

واري ئي واري پئي، نظري سندوءَ مان،
سوچيو چندُ مٿان، ''ٿرُ تہ وڏندو تو وڃي!''

توکي ڪين وڻن ،تا، پوپٽَ، گُلڙا، ٻار،
توکي چوندي يار، ڪيڏو لَڇِي تو ٿيان!

✧✧✧

✍ اَياز گُل

هُن چيو هو، اوچتو هتُ جڏائيندي،
''ناهي رکڻو واسطو، هاڻي آئيندي!''،
راهہ ملائيندي، رِشتا مَنجي تا وڃن؟!

''ڪافي'' ٻُڌندي ڪارِ ۾، پرچي آيا نيڻ،
چا هوُ منهنجا سيڻَ، هاڻي ڏاريا ٿي ويا؟
ايڏا سهڻا جو ڪجي، هٿ ٻڌي ٻانهپ،
جيئن سکر ٻئراج تان، نظرن سندوءَ ڪَپ،
ڪي اَهڙا بہ چَپ، مُرڪ ڪي معنائون ڏين.

روز جيان ئي سونهن تي، شعرُ لکيو پئي مون،
اُيري آئين تون، اکرَ اکرَ مان اوچتو!

✧✧✧

خط ڪٿي آيا سندءِ، هٿڙن جي سُرهاڻ،
چئہ ڪٿي سا هاڻِ، اِي-ميل مان ڪيئن اَچي؟

ڪيرُ سَگهي تو ڪنهنجون، يادون ايئن لَٽي؟
ڪيئن جڏيئہ هڪ سَٽ ۾، جيونَ-ڏورِ ڪٽي،
تو چو سِر مَٽي، سمجهو سڀ ختم ٿيو!

'گوگل' تي ڳولهيو پئي، مون تنهنجو نالو،
ڪين مليو پر پوءِ پِي، ڪوئي حوالو،
پاڳن تي تالو، ايئن بہ لڳندو آ پرين!

سمجُهيم، مون کي، پيارَ کي، ڪينَ وساريندي،
مون سوچيوئي هو ڪٽي؟، ايئنِ بہ ماريندين!
ريلَ گُذاريندين، مُنهنجي سوچن جي مٿان!

سمجهي توکي اوپرو، ڦيري مُنهن وڃان،
پل حقيقت ئي سهي، آخر ڪيئن مَڃان؟
تنهنجو دَرُ اَچا، مون ڪان ڪٽي وِسريو!

تيز دُکي تي ڪارِ ءِ، تنهن ڪان تکڙا خيال،
وِڇڙيا جي ٻَرُ سال، مِلندا؟ مِلندا ڪينکي!؟

راتِ لري وئي آ مگر، ناهن نيڻ لَريا،
تنهنجا خيالَ ٻَريا، آڳ سِوا بيو چا هيو؟

✧✧✧

سنڌ جي صباح جو عڪس

✍ آدل سومرو

فجر جي ٻانگ جا ڪرڻا
پرين ٿا نورُ منظر ۾
ٿئي ٿو سڏ مسجد ڪان
اُٿو اي مؤمنوا جاڳو.
اُڀيو آ ننڊ مان سورج
ڪڄين جي ميڙ مان اُن جا
ننڍڙا ڪا نيڻ ڏسجن ٿا.
مندر جي گھنڊ جون لهرون
پڄن سان پاڪرين پئجي
وڄن ٿيون چوڏسا وڪري
سنڌوءَ جي سير پوڄيندي
ڪري اِشنان ٿو ساڌو.
ڪليسا جا ڪبوتر پڻ
خدا جي ذڪر ۾ آهن
پڙهي انجيل ٿو راهب
مسيحا جي سنگمرمر
پوي ٿي مورتي جاڳي.
پڃائيءَ جي فقيرن پڻ
رِليون آهن چڏيون ويڙهي.
سچل سائين جي آڳر تي
لڳيون آهن سوين جهرڪيون.
وڻي ڏاڍا هوُ ڪوري ٿو
ڪُنير آويءَ مٿان پهتو
ڍڪڻ سامان سوري ٿو.
ڪليءَ ڪي ڪُنب جو اونو.
ڏسي هاريءَ ڪي ڏاڻي سان
ٻنيءَ جي دل پئي ڌڙڪي.
چڪي تي ڏور هارياڻي
ڪري جهوُ جهوُ پئي ماڻي.
ڦڻائي ننڊ نانگن جي
اُٿيا آهن وري جوڳي.
لڳي ٿو واءُ ڌرتيءَ جو
سپيئي ڌرم ۽ جاتيون
وڃن ٿا واسجي هڪُ تي
مٽيءَ جي رنگ ۾ رڱجي.
ڳسن تي ڪير جون لوٽيون
صبح جو هير هاري تي
امڙ جي پيار جان اُجرو
صبح جو عڪس هي لوڪو!
منهنجي هن سنڌ جو آهي.

زندگي گهرندي جيئڻ جو ڏن آ،
زندگي خود ۾ ٻہ خود آهي سزا.
کيل سارو واسنا جي گند جو،
گندگي هڪ آهي گويا ٿي سزا،
ڪيترين سارين تمنائون هيون،
موت ساڻ لڙندي مئا آهيون مئا،
مفلسيءَ جي باهہ ۾ جلندو رهيس،
رڪ ٿي ويا جسم جليا ويا سندا.
جيئڻ جي جاني سزا آهڙي ملي،
راهہ هلندي ٿي لڳو آهيون آندا.

حاصل مطلب يار خبر ناهي اولاد جو سک ڪهڙو هوندو آهي. مون تہ صرف دک پيڙا سور خود لاءِ نپايا جي هينئر آخري دور ۾ لٽي رهيو آهيان. --- آتما ۾ ڪندا چين تا. نهايت جذباتي حساس طبيعت جو ماڻهو آهيان. ايئن زميندار ي ٻچو آهيان. نهايت ناز لاڏ ڪوڏ سان نپايل آهيان پر وقت ڪيئن زبون ڪري ڇڏيو خبر نہ پئي. ٧٨ سال عمر اَچي پوري ٿي آهي. پر سک چا ٿيندو آهي اها خبر هڪ ايشور کي آهي، مون تہ صرف دکن ۾ عمر گذاري آهي. هاڻ موت لاءِ رات ڏينهن اکيون وجهي سندس راهہ ڏسي رهيو آهيان. عمر کان وڌيڪ منهنجي نظر کي گهٽي ضرب پهتي آهي. ڪجهہ بہ نہ پڙهڻ کان جهڙو رهجي ٿو وڃان. تو لاءِ شڀ ڪامنائون. شاد رهہ، آباد رهہ، ڪونج جي شيوا ڪندو رهہ.
تنهنجي قرب جو قايل، بيوس موت جو -----

هوتو سندو پياسي

(جنم ١٩٢٣-٦-١٥، موت جي ڏيت تون لکجانءِ ڪونج ۾ (١٦ آگسٽ ٢٠١١).

شايد زندگيءَ جو آخري خط ثابت ٿئي. مان جيئڻ نٿو چاهيان، دعا ڪر تہ موت جلد ٿئي. ٥٥ ورهيہ اَدب ۾ شرڪت ڪئي هئيم.)

✡ ✡ ✡

توهان جا خط ...

۴-۴-۲۰۱۱ (جئپور)

پيارا نند ڇٻاڻي صاحب، ڪونج جو شاندار پرچو پهتو آهي. موهن اُداسيءَ جي ڪويتا پڙهي اوچنگارون نڪري ويون. هن يار جي آخري به دردناڪ ٿي آهي. ڪيئن مري ويو، مونکي خبر تڪ نہ آهي. ويهہ دفعا فون لڳايم پر ڪيترن ڏينهن ۾ به فون ڪونہ کنيائين. آخر هڪ دفعو کنيائين. چيائين تہ ممبئيءَ ويو هوس، اُتان بيمار ٿي آيو آهيان. ان لاءِ به مون ڀڳوان اڳلاٽيءَ کي عرض ڪيو تہ موهن سان مونکي ملائڻ جي ڪرپا ڪر. ان جي مهربانيءَ ڪري ملاقات ٿي. خبر موهن جي هڪ دوست مان پئي - موهن سخت بيمار آهي. مان توکي گهر اَچي سمورو اَحوال ڏيندس پر نہ آيو. هڪ جلسي مليو تہ چيائين تہ موهن کي سندس اولاد ماري ڇڏيو آهي ۽ بس اهو ٻڌي مان روئڻ روڪي نہ سگهيس. دلبر مان به پنهنجن جو شڪار ٿي ويو آهيان. مان به موت جي سيڄا تي سمهيل آهيان. ڪيتري وقت کان ڪٽ وني سمهي پيو آهيان. موت جو انتظار ڪري رهيو آهيان. سُڪي ويو آهيان، ڪاٺو ڪائڻ بند ٿي ويو آهي. زندگيءَ کان دور موت جي نزديڪ آهيان، هارٽ جي بيماري آهي پر پنهنجن جي بيوفائيءَ، بي رُخيءَ جو مان به شڪار ٿي ويو آهيان. دلبر مونکي به موهن وانگر ۳ پٽ هڪ نياڻي آهي. تازو مربي پٽ ۽ ننهن گذر ڪري ويا آهن. ننڍي پٽ وٽ زندگيءَ جا آخري سواس ڪٽي مرندس. وچون پٽ نہ ايندو آهي نہ ويندو آهي. ان لاءِ جيئري مري چڪو آهيان. مون نهايت غربت ۾ ٻکون ڪدي اولاد نپايو آهي پر آخري دور ۾ ڪير به ڪنهن جو نہ آهي. هي خط لکان ٿو تہ به جگر ڏري رهيو آهي. هڪ غزل لکان ٿو، مرڻ کانپوءِ شايع ڪجو.

بيوفا سارو زمانو بيوفا،
بس دلين ۾ هاڻ ٿي هلجي دغا.
خون جا رشتا بہ داغي ٿي پيا،
ٿا مڃون جن کي اَسين پنهنجا سڳا.

نئون ساهتيہ

(1) **لوڪ ڪٿائون** (سنڌي - ديسي - پرديسي) - **نندلعل پرسراماڻي**
ڊيمي سائيز - صفحہ - 100، سال - 2012، قيمت - 100 ر، ڇپائيندڙ - گوپال ۽ ڪمليش چترشالا - سلومبر - 313027 - راجسٿان.
ڪتاب راجسٿان سنڌي اَڪاديمي جي مالي امداد سان ڇپايل آهي.

(2) **سنڌيت جي حفاظت** (مضمون) - **شيام سچانندڻاڻي C-1، ڪنچن ڪيرتي، ڌرم پيٺ - ناگپور 440010**
ڊيمي سائيز - صفحہ - 80، سال - 2011، قيمت - 100 ر، ڇپائيندڙ - دليپ رامرکياڻي، پاران ڪوتا ساهتيہ مالها، سهجپور بوگها، اَحمدآباد - 382345. ڪتاب ۾ پيش لفظ ڊاڪٽر ڇينو لعلواڻيءَ جا آهن.
ڪتاب ۾ اَمر شهيد هيمون ڪالاڻي، سائين ٽيئورام، پدم شري جيوٽلال جٽرامداس، سنت هردارام، ودوان مفڪر جينت ريلواڻي جي جيون تي ۽ ٻيا مضمون ڏنل آهن. ڪتاب جو سَرو - ٽائيٽل ۽ ڏنل مواد جو پاڻ ۾ سڌو لاڳاپو آهي. ڪتاب اِندس انڊ، دهلي جي مالي سهڪار سان ڇپايل آهي.

(3) **سمالوچنائون** (سمالوچنائون - تاثرات ۽ مهاڳ) -
پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي
ڊيمي سائيز - صفحہ - 174، سال - 2012، قيمت - 175 ر، ڇپائيندڙ - ليکڪا پاڻ - بئرڪ نمبر 1292/21، او.ٽي. سيڪشن، اُلهاسنگر - 421004، موبائيل 9371825244. ڪتاب NCPSL جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.
ڪتاب ۾ ٻہ اَکر ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جا، هڪ رايو مايا راهي جو ڏنل آهي. اَڄڪلهہ شاگردن کي ناپاس ڪري دلشڪستو نہ ڪرڻو آهي. پروفيسر روپچنداڻي هت بہ ساڳيو اصول لڳائي سڀني جي ڪتابن کي پاس ڪيو آهي. زمين ۾ لڳايل نئين ٻوٽي ۾ اُس - مينهن - واچوڙي کي سهڻ جي شڪتي نہ هوندي تہ پاڙ پختي ڪونہ پوندي - وڏي وڻ نہ ٿيندو. سنڌي ساهتيہ جي هاڻوڪي هيٺي حالت لاءِ اهي حالتون بہ جوابدار آهن.

۱۲-٦-۲۰۱۲ (گوري گانءُ، ممبئي)

متر مهربان،

’ڪونج‘ جو مي ۽-جون ۲۰۱۲ وارو اَنڪ، مونکي سومر، ۱۱ تاريخ تي پهتو. وڏي مهرباني. هن پرچي ۾ هڪ به پاڻڪ جو رايو ڪونہ ڏنو ويو آهي! خبر ڪونهي تہ ڇا جي ڪري؟ جڳهہ نہ هجڻ ڪري، يا مورڳوئي آيا ئي ڪونہ آهن رايا؟ ٻنهي حالتن ۾، هن ڳالهہ جوڳو ڌيان لهڻو.

نامديو تاراچنداڻيءَ جي منش نگري هڪ نهايت عمدو ڪتاب آهي، جو ور ور ڪري پڙهڻ جڳائي. پاڻڪن جا رايا ڏيئي، اَوهان هڪ نهايت نئون تجربو ڪيو آهي، جنهن لاءِ داد جي مستحق آهيو. ٻين ڪتابن پڻ اِهو جس لهڻو، ڪين نہ؟

ڪرشڻ ڇيتانند هيمراجاڻي

✡ ✡ ✡

۲۷-٦-۲۰۱۲ (ڀوپال)

مانوارا ڀاءُ نند، سدا باغ بهارا

هن ڀيري مي ۽-جون-۲۰۱۲ جو اَنڪ جڏهن توهان طرفان نہ پهتو تہ SMS بہ ڪيم ۽ فون تي بہ ڳالهايم - توهان ۹ جون تي ٻيهر موڪليو - شايد اُهو بہ اَڄان ريل ۾ سفر پيو ڪري - جڏهن اُن بابت SMS ڪيم تہ توهان Fly King رستي موڪليو - ڪيڏي اون ٿا رکو.

ٻئي طرف ۱ مي ۽ ۲۰۱۲ تي توهان عزيز لائبرريءَ ۾ سنڌونگر جي ٻن نشڪام - ڪرم يوگين سروَ شري ڊاڪٽر گورڌن جاني (شڪشاود - تعليمدان) ۽ سنڌو يوٿ سرڪل جي گذريل ۳۸ سالن کان لڳاتار جنرل سيڪريٽريءَ جي پد کي سُشوڀت ڪرڻ واري ڀاءُ سندر ڊنگواڻيءَ کي جيڪو ڀارت جي ٽن مکيہ سنسٿائن مان هڪ سنسٿا سان گذريل پنجاهہ سالن کان جڙيل، چانديءَ جهڙن چمڪندڙ وارن ۽ دل سان بہ اَڃي اُجري سنڌيت جي شيدائيءَ جو سنمان ڪرائي ’ڪونج‘ کي جس جو ڀاڳي بڻايو آهي. ٻئي طرف اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پڻ ’ڪونج‘ کي لڳاتار پنجاهہ سالن کان وڏيڪ ساهت جي شيوا لاءِ سنمانت ڪيو آهي. ڪاڪي هري موٽواڻيءَ لاءِ مٺين مبارڪون.

قربن مان، **جهمون ڇڳاڻي**

✡ ✡ ✡

(9) **آڪاڻين جو دڪان** (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) - هوندراج بلواڻي

ڊيمي سائيز - صفحا - 112، سال - 2012، قيمت - 80 ر، ڇپائيندڙ ليکڪ پاڻ - 172- مهارتي سوسائٽي - سردار نگر، احمدآباد - 382475 - موبائيل 9998172854

ڪتاب ۾ جدا جدا ناليوارن ساهتڪارن جا ليکڪ جي ٻال ساهتيه تي راياه جوڳا رايا ڏنل آهن. آڪاڻين ۾ مورتون چتر به ڏنل آهن. ٻارن جي وندر ۽ سکيا جا ساڌن ميسر ڪيل آهن.

(10) **اَباڻو ورثو** (سنڌ جي اِتهاس تي روشني) - ليکڪا بنيتا ناگپال

ڊيمي سائيز - صفحا - 176، سال - 2011، قيمت - 300 ر، ڇپائيندڙ - آر. بي. پبليڪيشن - ليکڪا جي اِي-ميل : bineetanagpal@gmail.com، موبائيل 9821389440

ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ آهي.

(11) **سدا سمر نارايڻ - امرت ڪيرتن** (سي.ڊي.) - سال ٢٠١٢

سنڌيت لاءِ ساه ڇڏيندڙ دادا ڪي. ٽي شهاڻي ۽ دادي ليلا ڪي. شهاڻيءَ جي ياد ۾ سندن ٻارن - نارايڻ ڪشنچند شهاڻي وارن ماتا صاحب جي جنم شتابدي (2012-30.6.1912) جي موقعي تي سي.ڊي. تيار ڪرائي آهي. شهاڻي فئملي سنڌين جي لاءِ ڪيترائي ساراه جوڳا ڪارج چپ چاپ ۾ پيا ڪندا آيا آهن. ايسٽ اِنڊيا پيپر ڪمپني - 5A، ڪورٽ چئمبر - 35، نيو مرين لائينس، ممبئي - 400020

شڪارپور شهر جي اونهاري جي ناڪ منجهند جو سمو آهي. جڏهن پکي پکن ۾ خاموش ٿي ويندا آهن ۽ جيتامڙا ٻرن ۾ لڪندا آهن. سنڌ واهه تي پکنڪ جا ڏهاڙا اَچي ويا آهن. ۽ باغن ۾ ميويدار وڻ ڪچن اَنبن، جمُن ۽ ليمن سان جهنجهيل آهن. اِن چپ چپات واري سمي منجهند جو سلام ۽ رام رام - سائين رام!

- **ضيا شاه**، شڪارپور (SMS)

(4) **گلدستو** (ساهتڪ مضمون) - ليکڪ : **منوهر نهالاڻي**.
ڊيمي سائيز - صفحا - 80، سال - 2012، قيمت - 65 ر، ڇپائيندڙ - ليکڪ پاڻ - A/306، سردار نگر - احمدآباد - 382475 - ڪتاب NCPSL جي مالي امداد سان ڇپايل آهي.
ڪتاب ۾ مهاڳ طور ڏنل 'منوهر نهالاڻيءَ جو گلدستو' ليکڪ لکمي کلاڻي جو مضمون جاڻ ۾ اِضافو ڏيندڙ آهي. ننڍڙي گلدستي ۾ هن صاحب ڪيترا گل پوئا وجهي منوهر جي محنت جي قدرشناسي ڪئي آهي.

(5) **ست آڪاٽيون** (ڪهاڻي سنگره) - **ڊاڪٽر ڪنعيو اگناڻي**
ڪرائون سائيز - صفحا - 102، سال - 2011، قيمت - 125 ر، ڇپائيندڙ - سنڪلپ پرڪاشن - 413، آدرش نگر - جئپور - 302004. ڪتاب جو عالمي نمبر 81-902960-0-01 آهي. ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ آهي ۽ راجستان سنڌي اَڪاديمي جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

(6) **سورن پريل زندگي** (شاعري) - **گوپيچند راميچا**
ڊيمي سائيز - صفحا - 94، سال - 2012، قيمت - 60 ر، اَئڊريس : 14- سنت ڪنورام ڪالوني، ڪوٽي باغ، اُڏيپور - 313004 - راجستان. موبائيل 9414316426
ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ راجستان سنڌي اَڪاديميءَ جي مالي سهڪار سان ڇپايل آهي.

(7) **شاه جون سورميون** (ناٽڪ) - **مراري لعل ڪناريا**.
ڊيمي سائيز - صفحا - 104، سال - 2012، قيمت - 101 ر، اَئڊريس : 554، شاستري نگر - دادا باڙي، ڪوٽا - 324009، موبائيل 09772504488
ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ راجستان سنڌي اَڪاديميءَ جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

(8) **پڪنڪ** (ناٽڪ) - ليکڪ : **ڊاڪٽر پريم پرڪاش**
هنديءَ ۾ اَنواد - **پڳوان اٽلاڻي**.
ڊيمي سائيز - صفحا - 112، هنديءَ ۾ پهريون دفعو - 2011، قيمت - 150 ر، ڇپائيندڙ - وويڪ پبلشنگ هائوس - ڌاماڻي مارڪيٽ، جئپور - 302003، ڪتاب راجستان سنڌي اَڪاديميءَ جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

مگزن پريس ۾ ڇپجندي آيل خط

۵-۷-۲۰۱۲ (سنڌ)

منهنجا پيارا ڀاءُ نند ڇڳاڻي ! اُميد تہ خوش هوندين.

اَدا تنهنجو سهيڙيل ڪونج جو پرچو مليو. تنهنجي لڳاتار محنت ڪونج کي اُڏام بخشي رهي آهي. اَلبتہ هڪ ڳالھ محسوس ضرور ٿي رهي آهي تہ شايد هند ۾ هاڻ سنڌي اَدب پوئين پساهن ۾ آهي، تنهن هوندي بہ تنهنجي جاکوڙ محسوس ٿي رهي آهي.

هن پرچي ڪان ڀهرين سنڌي ٻوليءَ جي نهايت ئي معصوم شاعر ۽ شخص واسديو نرمل تي نڪتل اَنڪ سانديڻ جهڙو آهي ۽ هن پرچي ۾ ڀيڻ ريٽا شهاڻيءَ جو سنڌيءَ جي اَهم ڪهاڻيڪار ۽ نقاد سائين هيري شيوڪاڻيءَ تي مضمون بيحد وڻيو، جيتوڻيڪ هُن جي سموري زندگيءَ جي ڪيل ڪم کي هڪ مڪمل ڪتاب گهرجي. سچ اهو آهي اَڄ سنڌي اَدب ۾ سرحد جي هِن پار ۽ هُن پار هيرو شيوڪاڻي ۽ ممتاز مهر ئي تخليقي اَدب جا اَهم نقاد رهيا آهن. ڀيڻ ريٽا جي جاچنا مڪمل نہ هوندي بہ ٺيڪ آهي. ٻيءَ طرح هن بيباڪ نقاد کي شايد اَسان گهڻي ئي حوالن ۾ ڏسڻ چاهيون.

اَمڙ ڪلا پرڪاش جي ڪهاڻيءَ نالي سان خوبصورت نياءُ آهي، ۽ تنهنجو سمپادڪي ليک، ڪجھ نرم هئڻ گهرجي! تنهنجي طنز بزرگن کي چُڀندي هوندي، انهن جي عمر جو خيال ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر لڇمڻ دُٻي جي ترجمو ڪيل ڪهاڻي چاهي ۽ سائين ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جي رپورٽ ٺيڪ لڳيون. ۽ شاعريءَ ۾ تازي آيل هڪ غير معمولي، ڪتاب / نظم 'منش نگريءَ' تي ننڍين راين جي بجاءِ هڪ اَڀياس ڏيو ها تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها. هنن خطن مان اَهڙو ڪجھ پلئہ ڪونہ ٿو پوي جنهن مان هڪ بيمثال نظم جي ڪٽ يا پروڙ پئجي سگهي. مان ڀايان ٿو تہ نامديو تاراچنداڻي صاحب هڪ نهايت سنجيده رڪندڙ آهي، هن قسم جا خط ڪو نوجوان ڇپائي خوش ٿئي تہ ٻي ڳالھ آهي، هُن کي ڪهڙي گهرج آهي؟ هن نظم تي ڪو اَهم اَڀياس اَچڻ گهرجي. ڀاءُ رئوف نظاماڻي اسانجو اَهم لکندڙ آهي، ان جو هيءَ مضمون مون ڀهرئين ئي پڙهيو هئو، سٺو مضمون آهي. دادا اَرجن حاسد جا نظم جيڪي مون هتي، عوامي آواز مئگزين ۾ شايع ڪيا آهن، سنا لڳا. واسديو موهي، گوپ ڪمل، کيمن مولاڻي ۽ ٻين جي شاعري وڻي ۽ بس.

رڪيل موراڻي

فوٽن جي وچوڙ

سدابهار شخصيتون - ڪوَر تي - نند جويري.

(١) پريزيڊنٽ سنڌو يوٿ سرڪل - چندر منگهاڻيءَ کي گولڊن جبلي جي موقعي تي لائيف ٽائيم اَچيومينٽ اَوارڊ ڏيندي - ساڄي ڪان - جيون عيدناڻي - ڪمار آئلاڻي - سائين .... - چندر منگهاڻي - ميئر اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن - مِسز عيدناڻي - ۽ سندر ڊنگواڻي.

(٢) ڪونج گولڊن جبلي موقعي تي چندر منگهاڻي.

(٣) ساهتيه اَڪاديميءَ جو ترجمي وارو اَوارڊ حاصل ڪندي شري جهمون ڇٻاڻي.

(۴) ڪونج گولڊن جبلي جي موقعي تي چندر منگهاڻي ۽ نند ڇٻاڻي.

(۵) سنڌ ۾ هڪ ملاقات - ساڄي ڪان : امداد حسيني - نند جويري - نند ڇٻاڻي - علي بابا - هري موٽواڻي ۽ شوڪت شورو.

(٦) سدابهار - موتي - ڪلا پرڪاش.

(٧) هڪ ملاقات - ساڄي ڪان - نند ڇٻاڻي - شوڪت شورو - هري موٽواڻي ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب.

(٨) ڊاڪٽر اَرجن سڪايل جي گهر ۾ ملاقات - ساڄي ڪان - اَرجن سڪايل - بنسي خوبچنداڻي - گهنشام ڇٻاڻي - پدم شرما ۽ گوپال ٺڪر.

(٩) اٻاوڙو پئنچايت - پمپري - پوني پاران - نرمل گوپلاڻي - ڊئريڪٽر NCPSL - دهلي جو سنمان ڪندي ڪين 'سنڌو پوشڪ' سان نوازيو ويو.

(١٠) شري اَشوڪ ڪامدار - اٻاوڙو پئنچايت - پمپري-پوني جو چئرمن ۽ NCPSL جو ميمبر - سڏايل نئشنل سيمينار 3/4 جون 2012 آيل مهمانن جي آجيان ڪندي.

(١١) مٿئين سيمينار تي پيپر پيش ڪندي - ساڄي ڪان - پروفيسر ڏوڏيجا - ڊاڪٽر پرنسيپال ديال آشا - ريٽا شهاڻي - نند ڇٻاڻي ۽ پروفيسر ايشوري جوتواڻي.

(١٢) دادو - مورو - پل هيٺان سڪل سنڌو درياهَ لاءِ درد جي دانهن ڪندي ڪاڪا هري موٽواڻي - سندس پوز KTN ۽ سنڌ ٽي.ويءَ تي سڄو ڏينهن بار بار دُهرايو ويو. (2005)

(١٣) پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي.

(١۴) نئشنل سيمينار - پمپري-پوني جي جوت جڳائيندي - منسٽر .... - اَشوڪ ورلياڻي - نرمل گوپلاڻي - پي. پي. ڇاٻڙيا - منسٽر .... - ۽ اَشوڪ ڪامدار.

(١۵) ان موقعي تي روي ٽيڪچنداڻي جو سٽيج تي سواڳت ڪندي - اَشوڪ ڪامدار - منسٽر .... - رام جوهراڻي.

(١٦) ان سيمينار تي جن گن من نئشنل گيت تي آڊينس ۽ لڇمڻ ڪومل - ڪنعيالعل - رينو عيدناڻي - وِمي سدارنگاڻي.

جن جي رڳ رڳ ۾ وهي ٿي سنڌو ڌارا

6

7

8

9



10

11

12

Courtesy : MURIJ MANGHNANI

پاڻڪن ڏانهن .....

”ڪونج“ ۾ وقت به وقت نئون - پراڻو وڪر پئي ڏنو آهي. ڪيترن سڄاڻ پڙهندڙن ۽ دوستن اهي رايا پئي ڏنا آهن ته مواد سٺو آهي پر هاڻ نئون وڌيڪ ڏيڻ گهرجي. گذريل ڇهن سالن کان ڪونج باقاعدي سنڌ ويندي آهي. اُتان SMS يا فون رستي پهچ به اَچيو پهچي. پر نئون مواد موڪلڻ لاءِ اُنهن کي پنهنجيون مجبوريون شخصي - سياسي - معياري - اقتصادي وغيره ضرور هونديون. اَڳي اَچ-وڃ تڪڙي هئي ته هڪ نه ٻئي هٿ ڪتاب - مگزنس اَچي پهچندا هئا. هاڻ اهي رستا به اَٽانگا ۽ پيچيدا ٿي پيا آهن. اِنٽرنيٽ جي سهوليت آهي پر ضروري نه آهي ته اها سڀ وٽ ميسر هجي. ڪن ڳاڻ ڳٽين اَديبن وٽ ساهتيه - ڪتاب پهچن به ٿا ته اها هنن جي خانگي ملڪيت ٿيو پوي. اَسان اُنهن تائين نٿا پهچي سگهون، اها اَسان ۾ گهٽتائي ضرور آهي. پوءِ به اهو اَعلان دُهرايون ٿا ته ڪونج هند توڙي سنڌ جي سيني ساهتڪارن لاءِ کليل آهي. اها اَسان ساهتڪ برادريءَ جي پونجي آهي. هر ڪنهن کي جوڳي جاءِ ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي. دهلي نواسي شري لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘ جا خاص ٿورائتا آهيون جو وقت به وقت ڪونج ۾ ورائي ڇپڻ لاءِ سنڌ وارن جا ڪتاب / مواد موڪليندو آهي.

مهرباني ڪري مواد پني جي فقط هڪ طرف صاف اَکرن ۾ لکيل هئڻ گهرجي. اَصل ڪاپي موڪلڻ گهرجي. زيروڪس - نقل ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. اَسان شڪرگذار آهيون توهان پاڻڪن - پڙهندڙن جا - توهان جا رايا - سُجهاوَ اَسانجي رهبري ڪندا رهندا.

- سمپادڪ

ق.ت : سنڌ جي مشهور ساهتڪار صحافي **شمشير الحيدري** ١٠ آگسٽ ٢٠١٢ جنماشٽميءَ جي ڏينهن وفات ڪئي. رب ڪريم شمشير صاحب کي مرهي ۽ جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين !

1019

OONJ

ESTD. 1960

...hi Literary Magazine

Sept.-October 2012

Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61

Price : Rs. 60.00

aman ki asha

Founder Editor : *Late Hari Motwani "Sindhi"*

Courtesy : VINOD DHANKANI